ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 27 مارچ 2026ع 07 شوال المڪرم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (221)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

اسرائيل جا ايران تي حملا جاري، آبنائي هرمز کي بند ڪندڙ نيول چيف شهيد، تهران ڳالهيون نه ڪيون ته اهڙا حملا ٿيندا رهندا: صدر ٽرمپ

داران انقلاب جي بحريه جو ڪمانڊر علي رضا تنگسيري شهيد ٿي ويو، اسرائيلي تنگسيري آبناءِ هرمز کي بند ڪرڻ ۽ بمباري وارين ڪارروائين جو سڌو ذميوار هو: بچاءَ وارو اسرائيلي ڪاٽز

ايران عسڪري طور تباهه ٿي چڪو آهي ۽ هو آمريڪا سان معاهدي لاءِ "خيرات" گهري رهيو آهي، پر نيٽو ملڪن هن اهم وقت ۾ آمريڪا جو ساٿ نه ڏنو، جنهن کي ڪڏهن به وساري نه سگهبو

اسرائيل دعويٰ ڪئي آهي ته ايراني بحريه جي ڪمانڊر علي رضا تنگسيري کي نشانو بڻايو ويو آهي، ايران پاران اسرائيل تي ميزائل حملن جو سلسلو جاري، لبناني حزب الله تي حملن جي بندش جو مطالبو

مرڪزي اسرائيل تي لبناني تنظيم حزب الله جي ميزائل حملي ۾ ٽي ماڻهو زخمي ٿيا، 60 سالن جي عورت بم شيلٽر طرف ڊوڙندي زخمي ٿي، ٻيا 2 ماڻهو هڪ ڪار حادثي ۾ زخمي ٿيا

حملن ۾ تهران، مشهد، اصفهان، شيراز ۽ سامونڊي شهر بندر عباس کي نشانو بڻايو ويو، حملن سبب نقصانن بابت فوري طور تي معلومات حاصل نه ٿي سگهي، مختلف هنڌن تي تباهي ڏٺي وئي

اسرائيلي گاديءَ واري شهر تل ابيب ۾ دفاع واري وزارت جي آفيس ۽ شهر جي پسگردائي ۾ ملٽري انٽيليجنس هنڌ کي ميزائل حملن سان نشانو بڻايو ويو: حزب الله جي دعويٰ

ايراني فوج مڪمل طور تباهه ٿي چڪي آهي ۽ انهن وٽ واپسي جو ڪو امڪان ناهي، هڪ ڀيرو دير ٿي وئي ته ٻيهر موقعو نه ملندو، آمريڪا کي نيٽو کان ڪنهن شيءِ نه گهرجي پر هن اهم وقت کي نه وساريندا سين: آمريڪي صدر

تهران/واشنگٽن/تل ابيب (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان جاري ڇڪتاڻ کي ايندڙ 4 کان 6 هفتن ۾ نبيرڻ جو عزم ظاهر ڪندي نيٽو اتحادين تي سخت تنقيد ڪئي آهي. صدر ٽرمپ چيو آهي ته ايران عسڪري طور تباهه ٿي چڪو آهي ۽ هو آمريڪا سان معاهدي لاءِ "خيرات" گهري رهيو آهي، پر نيٽو ملڪن هن اهم وقت ۾ آمريڪا جو ساٿ نه

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سول ۽ عسڪري قيادت جو قومي معيشت، توانائي ۽ سيڪيورٽي جي معاملن تي گڏيل فيصلن تي اتفاق

صدر آصف زرداري جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي مشاورتي اجلاس، وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي شرڪت، ملڪ ۾ تيل جي فراهمي، معيشت ۽ توانائي جي صورتحال جو تفصيلي جائزو

اجلاس ۾ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، پيپلزپارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وفاقي گهرو وزير محسن رضا نقوي، ناڻي وزير محمد اورنگزيب، پيٽروليم وزير علي پرويز ملڪ ۽ ٻيا وزير ۽ اعليٰ عملدار پڻ شريڪ هئا

تيل جي فراهمي ۾ رڪاوٽن ۽ پيٽروليم مصنوعات جي وڌندڙ قيمتن جي ڏس ۾ معيشت ۽ توانائي جي بدلجندڙ صورتحال تي پڻ غور ڪيو ويو، عوام کي مشڪلاتن کان بچائڻ لاءِ ضروري قدمن تي اتفاق

پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن کي مستحڪم رکڻ، ٻارڻ جي وڌندڙ قيمتن جي ٻين شعبن تي اثرن کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن، قومي سطح تي ٺوس حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي: هدايتون

معاشي نظم ۽ ضبط، توانائي منصوبابندي، غذائي تحفظ ۽ مجموعي سيڪيورٽي رٿن کي هم آهنگ رکڻ لازمي آهي ته جيئن ان مشڪل صورتحال جو موثر انداز ۾ مقابلو ڪري سگهجي: اجلاس ۾ اتفاق

اسلام آباد (اي پي پي) سول ۽ عسڪري قيادت جو معيشت، توانائي ۽ سيڪيورٽي جي معاملن تي گڏيل فيصلن تي اتفاق ڪيو ويو آهي ان حوالي سان صدر آصف علي زرداري ايوان صدر ۾ هڪ اعليٰ سطحي مشاورتي اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ تيل جي فراهمي ۾ رڪاوٽن ۽ پيٽروليم مصنوعات جي وڌندڙ قيمتن جي ڏس ۾ معيشت ۽ توانائي جي بدلجندڙ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪي ۽ علائقائي صورتحال بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي، چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير، پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري، پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب ۽ پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ پڻ شريڪ آهن

پنهنجو گهر هر شهري جو حق آهي، ان لاءِ آسان شرطن تي قرضن جي فراهمي اولين ترجيح آهي: وزيراعظم

رهائشي شعبي ڀرپور فائدو کڻڻ جي لاءِ سيڙپڪاري جي راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽون ختم ڪيون وينديون: شهباز شريف

تعميرات جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي فروغ سان نه رڳو معيشت جو ڦيٿو ڦرندو پر روزگار جا لکين موقعا پيدا ٿيندا

قانونسازي حتمي مرحلن ۾ آهي، گهٽ لاڳت رهائشي منصوبن لاءِ گهٽ لاڳت قرضن جي نظام جو لاڳو ٿي چڪو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پنهنجو گهر هر شهري جو حق آهي ان مقصد جي لاءِ آسان شرطن تي قرضن جي فراهمي حڪومت جي اولين ترجيح آهي، رهائشي شعبي ۾

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

تيل جي سپلاءِ لاءِ سمورا حفاظتي قدم کڻڻ جي هدايت

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي هدايتون ڪيون ڪئي

پيٽروليم مصنوعات جا وڏا ذخيرا آهن جيڪي اپريل ۽ ان کانپوءِ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڪالهه خميس ڏينهن هڪ اجلاس جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

چوڌري پرويز الاهي ۽ ٻين جوابدارن خلاف مني لانڊرنگ ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي

لاهور (اي پي پي) ايف آءِ اي سينٽرل ڪورٽ لاهور پنجاب جي اڳوڻي وزيراعليٰ چوڌري پرويز الاهي ۽ ٻين جوابدارن خلاف

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪوبه سياسي ليڊر پاڪستان کان وڏو نه آهي، ملڪي وقار کي نقصان ناقابل برداشت آهي: وفاقي حڪومت

پاڪستان جي خلاف مهم هلائيندڙ عنصر ۽ انهن جا سهولتڪار بي نقاب ٿي چڪا آهن: وفاقي وزير اطلاعات

اڄ دنيا ان ڳالهه کي تسليم ڪري ٿي ته پاڪستان هر سطح تي ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي: عطاءُ الله تارڙ

پي ٽي آءِ جا ماڻهو عارف آجاڪيا جهڙي غدار سان ملاقات، اڳواڻ زلفي بخاري جون ملاقات جون تصويرون پڻ ڏيکاريون ويون

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته ڪوبه سياسي ليڊر پاڪستان کان وڏو نه آهي ملڪ جي وقار کي نقصان پهچائڻ ناقابل برداشت آهي، پاڪستان جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير راڻا تنوير جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

مسلمان مرد شرعي طور تي اهل ڪتاب عورتن سان نڪاح ڪري سگهن ٿا: وفاقي آئيني عدالت

گهٽ عمر واري شادي جي معاملي ۾ صرف فوجداري سزا ڏئي سگهجي ٿي، نڪاح ختم نه ٿيندو

فيصلي ۾ واضح ڪيو ته چائلڊ ميريج ايڪٽ 1929ع ۾ ننڍي عمر واري شادي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جو ذڪر موجود ناهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت 18 سالن کان گهٽ عمر جي مسيحي ڇوڪرين جي مسلمان ڇوڪرن سان شادي بابت هڪ اهم فيصلو جاري ڪندي قرار ڏنو آهي ته مسلمان مرد شرعي طور تي اهل ڪتاب عورتن سان نڪاح ڪري سگهن ٿا جڏهن ته گهٽ عمر واري شادي ۾ قانون تحت صرف فوجداري سزا ڏئي سگهجي ٿي نڪاح ختم نه ٿيندو رپورٽنگ لاءِ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سنڌ سماءَ وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ابوظهبي ۾ ميزائل جو ملبو ڪرڻ سبب 2 ماڻهو فوت، 3 زخمي

ابوظهبي ۾ سويحان اسٽريٽ تي فضائي دفاعي نظام پاران هڪ بيلسٽڪ ميزائل ناڪاره ڪيو ويو

ميزائل جي ملبي ۾ 2 ماڻهو فوت ۽ 3 زخمي ٿيا، ڪيترن ئي گاڏين کي نقصان پهتو

ابوظهبي (اي پي پي) ابوظهبي ۾ ميزائل جو ملبو ڪرڻ سبب 2 ماڻهو فوت ۽ 3 زخمي ٿي پيا جڏهن ته ڪيترن ئي گاڏين کي نقصان پهتو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ابوظهبي ۾ سويحان اسٽريٽ تي فضائي دفاعي نظام پاران هڪ بيلسٽڪ ميزائل کي ڪاميابي سان روڪڻ کانپوءِ ان جو

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڪوئڪ ريسپانس فورس جي قيام بابت اجلاس، 540 اهلڪارن جي تربيت جو فيصلو

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي گذريو، آر آر ايف، سي ايم يو بابت تفصيلي بريفنگ

ڪچي جي علائقن ۾ مقرر آر آر ايف اهلڪارن کي مرحليوار ڪراچي واپس آندو وڃي: جاويد عالم اوڍو

سکر ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن جي اهلڪارن کي آر آر ايف ۾ تربيت ڏني وڃي ۽ ڪچي ۾ مقرر ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت ۾ صوبي ۾ ڪوئڪ ريسپانس فورسز جي قيام ۽ تياري بابت هڪ اهم جائزو اجلاس ٿي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي فائرنگ واقعي ۾ زخمي ٿيل شخص علاج دوران فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ لياري

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

پوليس کاتي ۾ وڏي پيماني تي آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: هڪ ڪٽنب جون عورتون چنگچي تي منزل ڏانهن وڃي رهيون آهن

اسلام آباد: وفاقي وزير مصدق ملڪ بوٽو پوکي رهيو آهي

ڪراچي پاڻي لائين ۾ ٻڏي فوت ٿيل نينگري جو لاش نه مليو

گلاب ٽائون ۾ ريسڪيو آپريشن سست هجڻ تي وارثن ۽ علائقي واسين ۾ ڪاوڙ

وزيراعظم ۽ اعليٰ اختيارين نوٽيس وٺن، ٻي صورت ڌرڻو هنيو ويندو: وارث

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير جي علائقي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سي ويو تان اغوا ٿيل ٻارڙي هٿ نه آئي، والدين پريشان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي سي ويو تان نامعلوم ملزمن مبينه طور تي ڪي سال ٻارڙي وريشه کي اغوا ڪيو ويو جنهن جو

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلا، 2 ڌاڙيل مارجي ويا، ڪيترائي گرفتار

خواجه اجمير نگري مقابلي ۾ ٻه ڌاڙيل مارجي ويا، عورت ساٿي کي گرفتار ڪيو ويو

جوابدارن وٽان ٻه پستول، موبائل فون، روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ، فائرنگ سبب هڪ اهلڪار زخمي

سچل پوليس اسڪيم 33 جي علائقي ۾ ڪارروائي دوران زخمي سميت ٽن ڌاڙيلن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس سان مبينا مقابلن دوران 2 ڌاڙيل مارجي ويا، جڏهن ته هڪ زخمي سميت خاتون ساٿي ۽ ٻين ڪيترن ئي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ملير پوليس جي ڪارروائي، گودامن مان چوري ڪندڙ گروهه جا 6 ڄڻا گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير پوليس بن قاسم علائقي ۾ گودامن مان چوري ڪندڙ هڪ خطرناڪ ٽولي کي گرفتار ڪيو آهي. پوليس کي ڳجهي اطلاع ملي ته چور ٽولو پورٽ قاسم ويجهو واقع گودام ۾ چوري جي رٿابندي ڪري رهيو آهي جنهن تي فوري ڪارروائي ڪئي وئي ڪارروائي دوران ٽولي ڇهن ميمبرن تي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

MARCH 25TH-26TH
THEME: DIGITAL INNOVATION FOR CLIMA
SUSTAINABILITY
ORGANIZED BY
MEHRAN UN

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي جي ڪانفرنس ۾ اڳوڻو وائيس چانسلر ڊاڪٽر اسلم عقيلي ڪانا ٽيڪسٽائيل جي سي اي او کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

وفاقي گهرو وزير پاران اي اين ايف هيڊ ڪوارٽر جو دورو، ڪارروائين جو جائزو

ڊي جي اي اين ايف ميجر جنرل عبدالمعيد وفاقي گهرو وزير جو استقبال ڪيو

تعليمي ادارن ۾ منشيات خلاف آگاهي اثرائتي بڻائڻ جو عمل يقيني بڻايو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي اينٽي نارڪو ٽيڪس فورس (اي اين ايف) هيڊ ڪوارٽر

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

صدر ٽرمپ 4 کان 6 هفتن ۾ ايران سان تڪرار نبيرڻ جو خواهشمند

آمريڪي صدر جنگ جلدي ختم ڪرڻ تي زور ڏئي رهيو آهي: وال اسٽريٽ جرنل

صدر ٽرمپ سمجهي ٿو ته جنگ پنهنجي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي

واشنگٽن (م د) آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل چيو آهي ته ٽرمپ جنگ جلدي ختم ڪرڻ تي زور ڏئي رهيو آهي ۽ ايران سان

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

بدلجندڙ علائقائي جيو پوليٽڪس ۽ پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپيل معاملن تي غور ۽ فڪر جي ضرورت آهي؛گهرو وزير

ملڪ کي درپيش حالتن جي پسمنظر ۾ اسان سڀني تي اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته پنهنجو هاڪاري ڪردار ادا ڪريون

آزاد، ذميوار ۽ هاڪاري ميڊيا بهتر حڪمراني لاءِ لازمي آهي، ميڊيا پنهنجو ڪردار هاڪاري انداز ۾ نه ڪري ته معاشري ۾ ناڪاري رجحان جي واڌ ٿيندي

برصغير جي تاريخ رواداري، امن ۽ صوفين جي تعليمات سان ڀرپور آهي، جن معاشري ۾ هم آهنگي کي هٿي ڏني: سردار شاهه

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) يو اين او ڊي سي (UNODC) جي سهڪار سان سنڌ سينٽر فار ايڪسيلينس انتها پسندي ۽ ٻئي تشدد کي روڪڻ واري ادارن جي انتظام هيٺ منعقد ڪيل اسٽريٽجڪ پلاننگ ورڪشاپ جو اختتامي سيشن آواري ٽاورز

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

SINDH POLICE

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو امن امان بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

ترقياتي منصوبن جي نالي تي قيمتي زمينن تي قبضا ڪيا ويا آهن: فاروق ستار

ايجوڪيشن سٽي جي 7 هزار ۽ ايئرپورٽ پرسان 15 هزار ايڪڙ زمينن تي قبضو ٿي چڪو آهي

ميڊيا سٽي، آءِ ٽي سٽي ۽ آٽو موبائل سٽي لاءِ رکيل زمينون به محفوظ نه رهيون آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ فاروق ستار سنڌ حڪومت تي سخت تنقيد ڪندي چيو آهي ته شهر ۾ "منهنجو سلطان"

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: مختلف علائقن مان ٻه لاش هٿ، ڪرنٽ لڳڻ سبب هڪ شخص فوت

ڪورنگي ڪازوي مان 7 کان 8 ڏينهن پراڻو لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ملير ۾ نوجوان جو ڦندو لڳل لاش گهر مان مليو، ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي

سلطان آباد ۾ برساتي پاڻي ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب همراهه فوت، لاش سهراب گوٺ منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن مان ٻه لاش هٿ، جڏهن ته بارش جي پاڻي ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب هڪ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ميڊيڪل جي شاگردياڻين کان ڦر، آءِ جي سنڌ جو نوٽيس

شهيد ملت روڊ تي هٿياربندن بس ۾ چڙهي ٽي شاگردياڻين کان موبائل ۽ سامان ڦري ويا

آءِ جي سنڌ جو نوٽيس، اي آءِ جي کان رپورٽ طلب، جوابدار گرفتار ڪرڻ جا حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهيد ملت روڊ ميڊي ڪيئر ڪلفٽن جي ويجهو جناح ميڊيڪل ڊينٽل ڪاليج جي ڪجهه

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ قبيلائي تڪرار هڪ ناسور جي صورت اختيار ڪري چڪا آهن: ڪاشف شيخ

ڏاڙيل راڄ کان وٺي قبيلائي تڪرار تائين، ڌرين کي حڪومت ۽ وڏيل ڀاتر جي سرپرستي آهي

سمارٽ لاڪ ڊائون مسئلي جو حل ناهي، ان ۾ به غريب ۽ مسڪين سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته سنڌ ۾ قبيلائي تڪرار هڪ ناسور جي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي پورٽ تي جهازن جي آمد ۽ ڪارگو هينڊلنگ ۾ نمايان واڌ

ڪنٽينر شپ ۽ ٽينڪرز جي آمد ۾ اضافو واپاري سرگرمين ۾ بهتري جو اشارو

ايندڙ ڏينهن دوران وڌيڪ جهاز اچڻ جو امڪان، پورٽ تي ڪاروباري سرگرمين ۾ تيزي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پورٽ اٿارٽي موجب گذريل هڪ مهيني دوران ڪراچي پورٽ تي جهازن جي آمد ۽ ڪارگو هينڊلنگ ۾ نمايان واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي.انگن اکرن موجب مارچ 2026 دوران

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير علي حسن زرداري جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

صوبائي وزير شاهينه شير علي سان زيبسٽ زيب ٽيڪ وفد جي ملاقات

ملاقات ۾ عورتن جي ڀلائي، صلاحيتن ۽ معاشي آزادي تي تفصيلي بحث ڪيو ويو

عورتن جي بهتري لاءِ سرڪاري ۽ خانگي ادارن جي وچ ۾ تعاون تمام ضروري آهي:شاهينه شير علي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير عورتن جي ترقي سنڌ شاهينه شير علي سان زيبسٽ زيب ٽيڪ جي وفد سنڌس آفيس ۾ ملاقات ڪئي وفد ۾ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر وحيده مهيس پروگرام مئنيجر

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪاروباري برادري جو حڪومت جي "سمارٽ لاڪ ڊائون" جي حمايت جو اعلان

ڪاروباري برادري ملڪ جي مفاد ۾ حڪومت سان گڏ بيٺي آهي: سنڌ تاجر اتحاد

ڪاروباري برادري رات 8:30 وڳي شاپنگ مال ۽ مارڪيٽون بند ڪرڻ لاءِ تيار آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪاروباري برادري حڪومت جي 'سمارٽ لاڪ ڊائون' جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته هو رات 8:30 وڳي شاپنگ مال ۽ مارڪيٽون بند ڪرڻ لاءِ تيار آهي تفصيل

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان سان ايران جو سفير ڊاڪٽر رضا اميري مقدم ملاقات ڪري رهيو آهي

آنڌرا پرديش: بس ۾ باهه لڳڻ سبب 8 ڄڻا اجل جو شڪار، 18 زخمي

نئين دهلي (اي پي پي)ڀارتي رياست آنڌرا پرديش ۾ ضلعي مارڪاپورم ۾ هڪ

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڊاڪٽر ياسمين راشد، عمر سرفراز چيمه جي ضمانت جي درخواستن تي دليلن جي مهلت، ٻڌڻي ملتوي

لاهور (اي پي پي) لاهور جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڀارت والاريل ڪشمير جي تڪراري حيثيت ڪڏهن به تبديل نٿو ڪري سگهي: پاڪستان

جنيوا ۾ پاڪستان مشن جي فرسٽ سيڪريٽري عديل ممتاز ڪوڪر بي بنياد ڀارتي دعوائن کي رد ڪري ڇڏيو

گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهرائن ۾ جموں ڪشمير جي تڪراري حيثيت تسليم ڪئي وئي آهي: عديل ممتاز

ڀارت سنڌ طاس معاهدي کي هڪ طرفو معطل ڪري پاڪستان خلاف آبي دهشتگردي ڪئي آهي، ان کي قبولي نٿو سگهجي

جنيوا (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي انساني حقن واري ڪائونسل کي ياد ڏياريو آهي ته جموں ڪشمير عالمي طور تي تسليم ٿيل تڪراري علائقو آهي ۽ هڪ طرفن قدمن ذريعي ان جي اها حيثيت

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم ڪراچي ۾ مصروف ڏينهن گذاريو، اهم شخصيتن سان ملاقاتون، ملڪ معاملن تي ڳالهيون

شهباز شريف سينيٽر شيري رحمان سان تعزيت ڪئي، فريال ٽالپر کي سندس نياڻي جي شادي تي مبارڪباد ڏني

ملاقاتن دوران ملڪ جي سياسي صورتحال، سنڌ سان لاڳاپيل معاملن ۽ گڏيل مفادن بابت خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو/ مجيد عباسي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پنهنجي هڪ ڏينهن جي دوري دوران ڪراچي ۾ اهم سياسي شخصيتن سان ملاقاتون ڪيون ۽ تعزيتي دورو پڻ ڪيو. وزيراعظم سڀ کان پهريان سينيٽر شيري

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وزيراعظم شهباز شريف سينيٽر شيري رحمان سان سندس نياڻي جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪندي، پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ پ پ آر اين اي سيد خورشيد شاهه پڻ موجود آهن

متحده جو وفد وزيراعظم سان ملاقات لاءِ اسلام آباد پهتو، 40 منٽ ڳالهيون

ڪراچي : ايم ڪيو ايم پاڪستان جو وفد وزيراعظم محمد شهباز شريف سان ملاقات لاءِ اسلام آباد پهتو جيڪا خوشگوار

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وزيراعظم شهباز شريف پ پ عورت ونگ جي صدر فريال ٽالپر کي سندس نياڻي جي شادي جون واڌايون ڏيندي

متحده جا سڀ خدشا ۽ مطالبا حل ڪيا ويندا: وزيراعظم

ايم ڪيو ايم حڪومت جي اتحادي آهي، سمورن اهم معاملن تي اعتماد ۾ وٺنداسين

ملاقات ۾ ورڪنگ رليشن شپ ۽ ترقياتي منصوبن سميت اهم معاملن تي غور

ڪراچي : وزيراعظم شهباز شريف ايم ڪيو ايم پاڪستان جي وفد کي يقين ڏياريو آهي ته انهن جا سڀئي خدشا ۽ مطالبا حل

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ ايران ۾ ڳالهين جو عمل پاڪستان ذريعي جاري آهي: پرڏيهي وزير جي تصديق

ٻنهي ۾ اڻ سڌي ڳالهه ٻولهه پاڪستان ذريعي پيغامن جي مٽاسٽا جي صورت ۾ جاري آهي

آمريڪا 15 نقطا شيئر ڪيا آهن جن تي ايران غور ڪري رهيو آهي، سفارتڪاري ئي واحد رستو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري ئي اڳتي وڌڻ جو واحد رستو آهي. آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ اڻ سڌي طرح ڳالهه ٻولهه جو عمل پاڪستان جي ذريعي جاري آهي ڪالهه خميس ڏينهن سماجي رابطن جي پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ بيان

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

مرگي هڪ قابل علاج اعصابي بيماري آهي ۽ ان کان ڊڄڻ جي ضرورت ناهي: وڏو وزير

مرگي جي مريضن خلاف سماجي تعصب ۽ منفي روين جو خاتمو ضروري آهي

حڪومت مرگي جي مريضن کي معياري ۽ مفت علاج جون سهولتون فراهم ڪري رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مرگي جي عالمي ڏينهن (Purple Day) جي موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران چيو

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

خيرپور: ذوالفقار ڀٽو جونيئر فنڪشنل مسلم ليگ جي سربراهه پير پاڳاري سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ايف آءِ اي زون جي آفيسرن جي ترقي لاءِ پروقار تقريب منعقد

ايف آءِ اي ڪراچي زون ۾ 8 آفيسرن کي ترقي ڏئي نون عهدن جا رينڪ لڳايا ويا

آفيسرن کي پيشه ورانه ذميوارين بهتر نموني نڀائڻ ۽ اداري جي ڪارڪردگي وڌائڻ گهرجي: مجاهد اڪبر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ فيڊرل انويسٽيگيشن ايجنسي (ايف آءِ اي) زون جي آفيسرن جي ترقي لاءِ هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن دوران 8 آفيسرن کي ترقي ڏئي سندن نون عهدن جا رينڪ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار ويگو ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، عورت فوت، هڪ زخمي

ڊيفنس فيز 5 ۾ 6 اسٽريٽ ويجهو هڪ نامعلوم تيز رفتار گاڏي موٽرسائيڪل کي ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ 60 سالن جي عورت فوت ٿي وئي، سندس پٽ سجاد پٽ الله دتا زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خميس ڏينهن صبح جو درخشان پوليس ٿاڻي جي حد ڊيفنس فيز 5 ۾ ڇهين اسٽريٽ جي ويجهو هڪ نامعلوم تيز رفتار گاڏي موٽرسائيڪل

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت خيبرپختونخواهه جي وزيراعليٰ خلاف داخل درخواست جي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (اي پي پي)وفاقي آئيني عدالت

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بوٽ بيسن سگنل ويجهو بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب هڪ شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ بوٽ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر سان ڪويت جو سفير گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

سنڌ جي گورنر محمد نهال هاشمي سان چيني قونصل جنرل يانگ يونڊونگ جي ملاقات

ملاقات ۾ ٻه طرفا لاڳاپن کي هٿي ۽ مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

چين معرڪ حق ۾ پاڪستان جي موقف جي مڪمل حمايت ڪندي هڪ مثال قائم ڪيو آهي:گورنر سنڌ

پاڪستان جي ترقي ۽ چيني سيڙپڪارن کي گڏيل منصوبن ڏانهن اڳيرائي ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر محمد نهال هاشمي سان چيني قونصل جنرل يانگ يونڊونگ گورنر هائوس ۾ هڪ اهم ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪ چين ٻه طرفان لاڳاپن کي هٿي ۽ مختلف شعبن ۾

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي ڪيم برسات جي چيلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ منظم ۽ ڀرپور نموني سان ڪم ڪري رهيا آهيون: مرتضيٰ وهاب

ماضي جي تجربن کي نظر ۾ رکندي شهر جي چوڪنگ پوائنٽن تي موثر نگراني جو نظام جوڙيو پيو وڃي

شهر ۾ نالن جي صفائي وڏي پيماني تي شروع ڪئي وئي آهي ۽ نالن ۾ ڪچرو اڇلائيندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

صرف نالن جي صفائي ئي نه پر سڀني وارڊز ڪاتي جي تحت مختلف هنڌن تي رين رليف ڪيمپس پڻ قائم ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته شهر ۾ نالن جي صفائي وڏي پيماني تي شروع ڪئي وئي آهي ۽ نالن ۾ ڪچرو اڇلائيندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. ماضي جي تجربن کي نظر ۾ رکندي شهر جي چوڪنگ پوائنٽن تي موثر نگراني جو نظام جوڙيو پيو وڃي ته جيئن برسات دوران ڪنهن به هنگامي صورتحال کي بروقت منهن ڏئي سگهجي شهر جي وڏن نالن ۾ پاڻي جو وهڪرو بهتر آهي ۽ بلديه عظميٰ ڪراچي جي ڪيم برسات جي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس هيڊڪانسٽيبل پاڻ تي فائرنگ ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي نيپيئر ٿاڻي جي پوليس موجب نيپيئر ٿاڻي جي ٻئي منزل تي پنهنجي پاڻ مٿان پراسرار نموني فائرنگ ڪري پوليس جو هيڊ ڪانسٽيبل 48 سالن جي ايم شفيق ڪياني ولد ايم فاروق خودڪشي ڪري

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: هڪ ناري رڍن ۽ ٻڪرين جو ڌڻ ڪاهي وڃي رهي آهي

بقايا 1 اتفاق

صورتحال جو جائزو ورتو ويو جڏهن ته علائقائي سيڪيورٽي جي صورتحال تي پڻ غور ڪيو ويو ڪالهه خميس ڏينهن ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پڻ اجلاس ۾ شريڪ ٿيا. ٻين شرڪت ڪندڙن ۾ نائب وزيراعظم سينيٽر محمد اسحاق ڊار، پاڪستان پيپلزپارٽي جو چيئرمين ۽ اڳوڻو پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري، وفاقي گهرو وزير سينيٽر سيد محسن رضا نقوي، ناڻي وارو وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب، توانائي ۽ پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير احد خان چيما ۽ ناڻي وارو سيڪريٽري شامل هئا. اجلاس ۾ عالمي سطح تي تيل ۽ گئس جي فراهمي ۽ قيمتن ۾ لاهن چاڙهن جي پاڪستان جي معيشت تي اثرن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ مهانگائي جي دٻاءُ کي ضابطي ۾ رکڻ ۽ توانائي جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو ناڻي ۽ پيٽروليم وارن وزيرن اجلاس کي بريفنگ ڏني ته **پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن کي مستحڪم رکڻ ٻارڻ جي وڌندڙ قيمتن جي ٻين شعبن تي اثرن کي گهٽ ڪرڻ ۽ ڪفايت شعاري قدمن جي ذريعي خرچن جي دٻاءُ کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪهڙا قدم کنيا پيا وڃن** اجلاس ۾ وسيع تر علائقائي صورتحال پڻ بحث هيٺ آئي جنهن ۾ پاڪستان جي سيڪيورٽي، معاشي منظرنامي ۽ غذائي تحفظ تي ان جي امڪاني اثرن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته **قومي سطح تي ٺوس حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي** ۽ پاليسي فيصلن ۾ استحڪام کي ترجيح ڏيندي عوامي مفادن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي. اجلاس ۾ اڀرندڙ علائقائي چيلنجز جي ڏس ۾ قومي اتفاق راءِ برقرار رکڻ ۽ ادارجاتي هم آهنگي کي مضبوط بڻائڻ جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ويو ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته معاشي نظم ۽ ضبط، توانائي منصوبابندي، غذائي تحفظ ۽ مجموعي سيڪيورٽي رخن کي هم آهنگ رکڻ لازمي آهي ته جيئن ان مشڪل صورتحال جو موثر انداز ۾ مقابلو ڪري سگهجي. اجلاس ۾ عوامي آگاهي جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو ويو ته جيئن ٻارڻ جي استعمال ۾ گهٽتائي، عوامي ٽرانسپورٽ جي استعمال جي فروغ ۽ گڏيل سفري نظام (شيئرڊ رائيڊز) کي اختيار ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي.

بقايا 2 وزيراعظم

سيڙپڪاري جي وسيع صلاحيت موجود آهي ان مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي لاءِ سيڙپڪاري جي راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽون ختم ڪيون وينديون ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب هن اهڙن خيالن جو اظهار رهائشي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي فروغ جي لاءِ قدمن گهٽ لاڳت گهرن جي فراهمي ۽ شعبي ۾ روزگار جي اضافي بابت جائزي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ وفاقي وزيرن اعظم نذير تارڙ احد خان چيما، محمد اورنگزيب، ميان رياض حسين پيرزاده، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني اٿارٽي جنرل منصور اعوان اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر جميل احمد، گلگت بلتستان آزاد ڪشمير سميت چئني صوبن جي چيف سيڪريٽرين نجي شعبي جي ماهرن ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. وزيراعظم چيو ته ملڪي رهائشي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي وسيع صلاحيت موجود آهي ان مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي لاءِ سيڙپڪاري جي راهه ۾ ايندڙ رڪاوٽون ختم ڪيون وينديون وزيراعظم چيو ته ٻاهرئين سيڙپڪارن ۽ سمنڊ پار پاڪستانين جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي تحفظ کي يقيني بڻايو ويندو تعميرات جي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي فروغ سان نه رڳو معيشت جو ڦيٿو ڦرندو ۽ روزگار جا لکين موقعا پيدا ٿيندا وزيراعظم لاڳاپيل عملدارن کي تعميرات ۽ رهائشي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي وڌيڪ فروغ لاءِ قابل عمل حڪمت عملي جوڙي عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته حڪمت عملي جي جوڙجڪ ۾ سمورين سرڪاري ۽ نجي شعبي جي ڌرين بشمول صوبائي حڪومتن ۽ آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان کي شامل ڪيو وڃي اجلاس کي تعميرات ۽ رهائشي شعبي تي ٽاسڪ فورس ۽ لاڳاپيل ورڪنگ گروپس جي تجويزن تي بريفنگ ڏني وئي ۽ منظور ٿيل قدمن تي عملدرآمد جي اڳڀرائي کان پڻ تفصيلي طور تي آگاهه ڪيو ويو اجلاس کي ٻڌايو ويو ته وزيراعظم جي هدايت تي ٻاهرئين سيڙپڪارن ۽ سمنڊ پار پاڪستانين جي تعميرات ۽ رهائشي شعبي ۾ سيڙپڪاري جي لاءِ خصوصي قدم کنيا پيا وڃن. قدمن سان رهائشي تعميراتي منصوبن ۾ اضافو معاشي سرگرمين جو فروغ ۽ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا، شعبي جي قانوني سڌارن تي ڪم تيزي سان جاري آهي قانونسازي حتمي مرحلن ۾ آهي، گهٽ لاڳت رهائشي منصوبن جي لاءِ گهٽ قرضن جي نظام جو لاڳو ٿي چڪو آهي ايندڙ مرحلي ۾ بئنڪن کي ان حوالي سان هدف ڏنا ويندا، ملڪ ۾ مارگيج فنانس جي پوري ايڪو سسٽم جي تياري تي ڪم تيزي سان جاري آهي رهائشي تعميرات جي شعبي جي لاءِ ڊيولپر ليڊ فنانسنگ جو هڪ جامع نظام پڻ جوڙيو پيو وڃي وزيراعظم هدايت ڪئي ته رهائشي تعميرات جي شعبي جي ترقي جي حوالي سان جامع قدمن کي جلد حتمي شڪل ڏئي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 3 ٻڌڻي ملتوي

ايف آءِ اي مني لانڊرنگ ڪيس جي ٻڌڻي 20 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي عدالت چوڌري پرويز الاهي جي هڪ ڏينهن واري حاضري کان معافي جي درخواست به منظور ڪري ورتي اسپيشل سينٽرل ڪورٽ جي جج اشفاق احمد ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي گذريل ڏينهن ٻڌڻي تي عدالت آڏو چوڌري پرويز الاهي طرفان هڪ ڏينهن واري حاضري کان معافي جي درخواست جمع ڪرائي وئي، عدالت پرويز الاهي جي هڪ ڏينهن واري حاضري کان معافي جي درخواست منظور ڪندي سندس بريت جي درخواست تي ايندڙ ٻڌڻي تي دليل طلب ڪري ورتا. ٻڌڻي دوران شريڪ جوابدارن فرحان، واجد علي سميت ٻين جي حاضري لڳائي وئي عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 20 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 4 هدايت

صدارت ڪئي جنهن ۾ ملڪ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي ذخيرن ۽ وچ اوڀر جي جاري صورتحال جي ڏس ۾ تيارين جو جائزو ورتو ويو نائب وزيراعظم آفيس پاران جاري بيان موجب نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته هن وقت ملڪ وٽ پيٽروليم مصنوعات جا وڏا ذخيرا موجود آهن جيڪي اپريل جي مهيني ۽ ان کانپوءِ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي لاءِ ڪافي آهن. هن موجوده سپلاءِ جي صورتحال تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ لاڳاپيل وزارتن ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن کي هدايت ڪئي ته ويجهو رابطو برقرار رکيو وڃي بنا رڪاوٽ فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ايندڙ هفتن ۾ مناسب سپلاءِ جي تحفظ جي لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا وڃن اجلاس ۾ پيٽروليم واري وفاقي وزير، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير لاڳاپيل وفاقي سيڪريٽرين، صوبن جي چيف سيڪريٽرين ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 5 وفاقي حڪومت

خلاف مهم هلائيندڙ عنصر ۽ انهن جا سهولتڪار بي نقاب ٿي چڪا آهن ڪالهه خميس ڏينهن پي ٽي وي هيڊ ڪوارٽرز ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته وچ اوڀر جي صورتحال جي حوالي سان پاڪستان جو ثالث جي طور تي اهم ڪردار سامهون آيو آهي، پاڪستان کي هڪ ذميوار ملڪ سمجهيو وڃي ٿو جڏهن ته پاڪستان جي سفارتي ڪوششن کي پوري دنيا ساراهي رهي آهي هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير عالمي سطح تي پاڪستان جي سفارتي ڪوششن کي مڃرايو آهي ۽ اڄ دنيا ان ڳالهه کي تسليم ڪري ٿي ته پاڪستان هر سطح تي ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جي سفارتي ڪوششن سان ڀارت شديد بوکلاهٽ جو شڪار آهي ۽ پاڪستان جي اڀرندڙ تشخص ۽ وڌندڙ اهميت کان ان کي تڪليف ٿي آهي جڏهن ته ڀارتي ميڊيا به پنهنجي حڪومت کي تنقيد جو نشانو بڻائي رهي آهي هن چيو ته جتي ڀارت پاڪستان جي ڪاميابين کان شديد پريشان آهي اتي جنيوا اجلاس ۾ پڻ افسوسناڪ اڳيرائي ڏسڻ ۾ آئي باني پي ٽي آءِ جي پٽ قاسم خان اتي وڃي تقرير ڪئي پي ٽي آءِ ملڪ دشمني ۾ ايترو اڳتي هلي وئي آهي جو هن اڳ ۾ آءِ ايم ايف کي چيو ته پاڪستان کي سپورٽ نه ڪيو وڃي ۽ هاڻي پاڪستان جو جي ايس پي پلس اسٽيٽس واپس وٺڻ جي ڪوشش ڪئي هن چيو ته پي ٽي آءِ جا ماڻهو عارف آجاڪيه جهڙي غدار سان ملاقات ڪن ٿا. پريس ڪانفرنس ۾ پي ٽي آءِ جي اڳواڻ زلفي بخاري جي عارف آجاڪيه سان ملاقات جون تصويرون پڻ ڏيکاريون ويون اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته زلفي بخاري اڳ ۾ عارف آجاڪيه سان ملاقات ڪري ٿو ۽ بعد ۾ چوي ٿو ته هو ان کي نه ٿو سڃاڻي هن چيو ته عارف آجاڪيه برطانيا ۾ پاڪستان جي خلاف مهم هلائي ٿو ۽ ان کي سدائين پاڪستان جي خلاف پروپيگنڊه ڪندي ڏٺو ويو آهي جڏهن ته زلفي بخاري اينڊ ڪمپني پاڪستان جي خلاف سازشن ۾ ملوث آهي. پوري دنيا ڏسي ورتو آهي ته عارف آجاڪيه سان سندس ڪڙيون ملن ٿيون وفاقي وزير چيو ته جيترو اهي پاڪستان جي خلاف سازش ڪندا ملڪ ايترو ئي مضبوط ٿيندو ۽ ترقي ڪندو وفاقي وزير چيو ته پي ٽي آءِ پنهنجي دور ۾ 50 لک گهر ۽ هڪ ڪروڙ نوڪريون ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو ڪيڏانهن ويون اهي نوڪريون ۽ 50 لک گهر انهن پنهنجي دور ۾ ملڪ کي شديد نقصان پهچايو وفاقي وزير چيو ته هن ملڪ ۾ سياست ٿيندي رهي آهي ۽ مون مخالف ڌر کي چيو آهي ته توهان حڪومت جي پاليسين تي تنقيد ڪريو جڏهن اسان مخالف ڌر ۾ هئاسين ته جيڪا پارٽي اقتدار ۾ هئي اسان به ان جي پاليسين کي تنقيد جو نشانو بڻائيندا هئاسين پر هڪ فرق واضح رهڻ گهرجي ته پاڪستان جو مفاد سڀ کان مٿانهون آهي هن چيو ته پي ٽي آءِ جي دور ۾ شهباز شريف مخالف ڌر اڳواڻ هو هن کي ڪشمير ۽ فلسطين جي حوالي سان اجلاسن ۾ گهرايو ويو هو شريڪ ٿيو پر ان وقت جو وزيراعظم عمران احمد نيازي ان جي ڪري انهن اجلاسن ۾ نه آيو ته مخالف ڌر اڳواڻ اتي ويٺل هوندو هن چيو ته قومي مفاد سدائين مٿانهون هوندو آهي ۽ ڪابه سياسي پارٽي يا سياسي ليڊر پاڪستان کان وڏو نه ٿو ٿي سگهي هن ملڪ اسان کي سڀ ڪجهه ڏنو آهي اهي سڀ عهدا، پارٽيون ۽ جيترو ڪجهه آهي اهو سڀ پاڪستان جي ڪري آهي هن چيو ته جڏهن قومي مفاد کي پٺتي رکجي ذاتي مفاد کي مٿانهون رکيو وڃي ته ان کان ڪڏي حرڪت ڪا بي نه ٿي ٿي سگهي هن چيو ته معرڪه حق جي فتح ڪانپوءِ اسان جي سفارتي ڪوشش جي نتيجي ۾ پاڪستان جي اهميت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو آهي پر هڪ سياسي پارٽي ملڪ جي خلاف پروپيگنڊه ڪرڻ ۽ ملڪ جي پاليسين کي نقصان پهچائڻ ۾ مصروف آهي هن چيو ته هن ملڪ ۾ وڏن وڏن سياستدانن قربانيون ڏنيون آهن پاڪستان کپي جا نعرا هنيا ويا آهن پر ڪڏهن به پاڪستان کي نقصان پهچائڻ جي ڳالهه نه ڪئي هن چيو ته پي ٽي آءِ شخصيت پرستي ۽ انا پرستي ۾ مبتلا آهي اها رستن تي چار ماڻهو نه ٿي ڪڍي سگهي اها پارٽي گروپن ۾ ورهائجي چڪي آهي اهي پاڻ کي ٺيڪ نه ٿا ڪري سگهيا ته ملڪ جون پاليسيون ڇا ڏاهينداء، ملڪ جي خلاف مهم هلائڻ تي انهن کي شرم اچڻ گهرجي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته عمران نيازي جي ڀيڻ پٽن کي پاڪستان جو شهري هجڻ ۽ نائيڪوپ جي ذريعي پاڪستان اچڻ تي شرمندگي ٿي رهي آهي جڏهن ته اسان کليل دل سان چيو ته توهان پاڪستان اچو اسان پاڻ انهن جي پليڪار چونداسين پر انهن کي نائيڪوپ جي ذريعي پاڪستان اچڻ قبول نه آهي ڇا حب الوطني جي گهرج نه آهي ته توهان نائيڪوپ تي سفر ڪري پاڪستان اچو؟ هن چيو ته پي ٽي آءِ جي ماڻهن سدائين چيو ته انهن جو ليڊر پاڪستان کان وڏو آهي اهو نه آهي ته ڪجهه نه آهي انهن آءِ ايم ايف کي خط لکيا، آءِ ايم ايف کي اپيل ڪئي ته پاڪستان کي بيل آئوٽ پيڪيج نه ڏنو وڃي ته جيئن ملڪ ڊيفالٽ ڪري وڃي اهي ملڪ کي ڊيفالٽ ڪري پاڪستان کي نقصان پهچائڻ چاهيندا هئا. انهن جي پنهنجي ليڊر جي واتان به اهو نڪتو ته پاڪستان ڊيفالٽ ڪرڻ وارو آهي پر الحمدالله پاڪستان ڊيفالٽ نه ڪيو آءِ ايم ايف آر جي ريفارمز جي حوالي سان پاڪستان جي معاشي ماڊل کي ورلڊ بئنڪ جي اجلاس ۾ هڪ ڪامياب ماڊل جي طور تي پيش ڪيو ويو وفاقي وزير چيو ته اهي ماڻهو پيءُ ته نه مڙيا انهن 2024ع ۾ ڪال ڏني ته پاڪستان جو جي ايس پي پلس اسٽيٽ واپس ورتو وڃي ته جيئن برآمد ڪندڙن کي نقصان پهچي هن چيو ته جڏهن اسان ٻاهرئين ملڪ وڃون وڏي دڪانن ۾ پرو جون ٿا ته "ميڊ ان پاڪستان" جو ٽيگ ڏسي دل کي تسلي ٿئي ٿي جڏهن ته اهي ماڻهو چاهيندا هئا ته پاڪستان جو جي ايس پي پلس اسٽيٽس واپس ورتو وڃي ته جيئن برآمد ڪندڙن کي نقصان پهچي ۽ فيڪٽريون بند ٿي وڃن ۽ ماڻهو بيروزگار ٿين. هن چيو ته توهان کي جيڪو ڪرڻو آهي ڪري وٺو انهن جي سازشن سان پاڪستان کي ڪو نقصان نه پهچندو وفاقي وزير چيو ته پي ٽي آءِ جي اڪائونٽس تان ڪڏهن به اسرائيل جي مذمت نه ڏني وئي، اسرائيل جي ڪنهن هڪ قدم جي انهن مذمت نه ڪئي هن چيو ته بلوچ نيشنل موومينٽ جو نسيم بلوچ شدت پسندي کي سپورٽ ڪري ٿو پاڪستان ۾ دهشتگردي جي واقعن تي خوش ٿئي ٿي ۽ بلوچستان شرانگيزي ڦهلائڻ ۾ ملوث آهي ۽ هي ماڻهو انهن سان گڏ ويٺل آهن عطاالله تارڙ چيو ته اسان هن ملڪ جي ڪري آهيون ۽ هن ملڪ تي سئو ڀيرا اسان جي جان قربان هن ملڪ اسان کي عزت، وقار ۽ تحفظ ڏنو آهي هن چيو ته پاڪستان انهن جي سمورين سازشن جي باوجود مضبوط رهندو اهي سئو ڀيرا ڪوشش ڪري وٺن پاڪستان کي نقصان نٿا پهچائي سگهن انهن جو مڪروهه چهرو پوري دنيا ڏسي چڪي آهي هن چيو ته ڪو محب وطن پاڪستاني انهن جي ان ڪڏي حرڪت جي حمايت نه ڪندو هڪ سوال جي جواب ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته قاسم خان جتي رهي ٿو ۽ جن جي تربيت ۾ آهي ان سان اسان جو ڪو واسطو نه آهي، زيڪ گولڊ سمٿ اسرائيل کي فنڊنگ ڪري ٿو قاسم خان جي والد جي ڪا هڪ ٽوئيٽ ڏيکاريو جنهن ۾ هن غزه جي معاملي تي اسرائيل جي مذمت ڪئي هجي هن چيو ته اهي ڪڏهن به اسرائيل جي مذمت نه ڪندا هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته اسٽريٽجڪ رابطا هر سطح تي ٿين ٿا، پرڏيهي آفيس، دفاع واري وزارت ۽ وزيراعظم هائوس جا عالمي سطح تي رابطا ٿيندا رهندا آهن. مختلف سطحن تي سفارتڪاري ۾ جيڪو پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ان کي ڪرڻ گهرجي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته پارليامينٽ ۾ تحريڪ انصاف بطور سياسي پارٽي موجود نه آهي پاڪستان جي موجوده قانون موجب پي ٽي آءِ جي سياسي حيثيت ختم ٿي چڪي آهي هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته باني پي ٽي آءِ سان ملاقات جي حوالي سان به اسان جي نيڪ نيتي رهي آهي

بقايا 6 وفاقي آئيني عدالت

منظور ٿيل لکت واري تفصيلي فيصلي موجب عدالت پنهنجي فيصلي ۾ واضح ڪيو ته چائلڊ ميريج ايڪٽ 1929ع ۾ ننڍي عمر واري شادي کي ڪالعدم قرار ڏيڻ جو ذڪر موجود ناهي پر ان قانون ۾ صرف سزا مقرر ڪئي وئي آهي ان لاءِ ننڍي عمر ۾ ٿيل نڪاح رڳو ان بنياد تي باطل نٿو سمجهي سگهجي. عدالت اهو اصول پڻ بيان ڪيو ته اها سپريم ڪورٽ جي انهن فيصلن جي پابند ناهي جيڪي آئين ۽ قانون سان ٽڪراءُ ۾ هجن

بقايا 7 3زخمي

ملبو ڪرڻ سبب جاني ۽ مالي نقصان ٿيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب ميزائيل جي ملبي ڪرڻ واري واقعي ۾ 2 ماڻهو فوت ۽ 3 زخمي ٿيا آهن جڏهن ته ڪيترين ئي گاڏين کي نقصان پهتو آهي

بقايا 8 فيصلو

گذريو سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جيز ڪراچي آپريشن ڊي آءِ جيز هيڊ ڪوارٽرز اسٽيبلشمينٽ، ويسٽ زون سيڪيورٽي اينڊ ايمرجنسي سروسز ڊويزن آر آر ايف/سي ايم يو ٽريننگ، اي آءِ جيز ۽ ايس ايس پيز پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس جي شرڪت ڪندڙن کي ڊي آءِ جي آر آر ايف/سي ايم يو پاران آر آر ايف/سي ايم يو اهلڪارن جي ڦطناتي سامان ٽرانسپورٽ، رهائش ۽ ٻين تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو چيو آهي ته ڪچي جي علائقن ۾ مقرر آر آر ايف اهلڪارن کي مرحليوار ڪراچي واپس آندو وڃي ۽ ريزرو تي رکيو وڃي، سکر ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن جي اهلڪارن کي آر آر ايف ۾ تربيت ڏني وڃي ۽ ڪچي ۾ مقرر ڪيو وڃي تربيت هيٺ 540 اهلڪارن کي بنيادي فساد مخالف تربيت ڏني وڃي ۽ ڪراچي جي ٽن زونن ۾ ڪوئيڪ ريسپانس فورس طور مقرر ڪيو وڃي. جاويد عالم اوڍو وڌيڪ چيو آهي ته ڪميونٽي کي آر آر ايف ۽ فساد مخالف تربيت سان لاڳاپيل انتظامن کي يقيني بڻائڻ گهرجي ڪراچي زونز ۾ مقرر ڪيل ڪيو آر ايف پلاٽونز کي پوليس شهيدن جي نالي تي منسوب ڪيو وڃي.

بقايا 9 فوت

جي علائقي چاڪيواڙه ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ زخمي ٿيل هڪ شخص علاج دوران فوت ٿي ويو آهي پوليس واقعي کي گينگ وار نشانو قرار ڏنو آهي پوليس موجب واقعو چاڪيواڙه نمبر 1 فٽبال گرائونڊ جي ويجهو پيش آيو جتي نامعلوم موٽرسائيڪل سوار جوابدارن هڪ شخص کي اغوا ڪيو ۽ ان جي مٿي ۾ گولي هڻي فرار ٿي ويا. فائرنگ ۾ سخت زخمي ٿيل شخص کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو پر هو بچي نه سگهيو مقتول جي سڃاڻپ موسيٰ جي نالي سان ڪئي وئي آهي جيڪو بلديا ٽائون گلشن مزدور جو رهواسي هو. پوليس جو چوڻ آهي ته مقتول لياري گينگ وار کان لاڳاپيل هو جڏهن ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي ۽ جوابدارن جي ڳولا لاءِ ڪارروائي ڪئي پئي وڃي.

بقايا 10 نوٽيفڪيشن جاري

عالم اوڍو پاران پوليس کاتي ۾ وڏي پيماني تي آفيسرن جون بدليون ۽ مقرريون ڪيون ويون آهن جنهن جو باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب هيٺين آفيسرن کي نيون ذميواريون سونپيون ويون آهن ڊاڪٽر سميع الله سومرو (BS-19)ايس ايس پي خيرپور کي تبديل ڪري ايس ايس پي بدين مقرر ڪيو ويو آهي ساجد امير سدوزئي (BS-19)پرنسپال شاهد حيات پوليس ٽريننگ ڪاليج سعيد آباد کي تبديل ڪري ايس ايس پي ٺٽو مقرر ڪيو ويو آهي ڪيپٽن (ر) امير سعود (BS-18) ايس ايس پي دادو کي تبديل ڪري ايس ايس پي خيرپور مقرر ڪيو ويو آهي ڪيپٽن (رٽائرڊ) صدام حسين (BS-18) ايس پي اسپيشلائزڊ انويسٽيگيشن يونٽ (SIU)ڪراچي کي تبديل ڪري ايس ايس پي دادو مقرر ڪيو ويو آهي تنوير احمد طاهر (BS-19)اي آءِ جي (ليگل) CPO سنڌ کي تبديل ڪري اي آءِ جي (اسٽيبلشمينٽ- I)مقرر ڪيو ويو آهي هو اسٽيبلشمينٽ- IIجو واڌو چارج پڻ سنڀاليندو قمر رضا جسڪاڻي (BS-19) جيڪو رپورٽنگ جي انتظار ۾ هو تنهن کي اي آءِ جي (ليگل) CPOسنڌ مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا 11 گرفتار

موجب پهريون مقابلو خواجه اجمير نگري، نارٿ ڪراچي ۾ پيش آيو جتي فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ٻه ڏوهاري مارجي ويا. مقابلي ڪانپوءِ پوليس مارجي ويل جوابدارن جي خاتون ساٿي کي پڻ گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب جوابدارن وٽان ٻه پسٽول موبائل فون روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ آيا. جڏهن ته مقابلي دوران جوابدارن جي فائرنگ سبب پوليس اهلڪار فهد زخمي ٿي پيو ٻيو واقعو سائيٽ سپر هاءِ وي تي فقيرا گوٺ اجمير ڪاور پرسان پيش آيو جتي پوليس مقابلي ۾ هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جنهن جي سڃاڻپ قيصر طور ٿي آهي. زخمي جوابدار کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته سندس قبضي مان هٿيار پڻ هٿ آيا ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي. ٻئي پاسي سچل پوليس اسڪيم 33 جي علائقي وڪيل سوسائٽي ۾ مقابلي دوران زخمي سميت ٽن ڏوهارين کي گرفتار ڪيو. پوليس موجب مقابلي دوران هڪ جوابدار سيف الله زخمي ٿيو جڏهن ته ٻيا ٻه جوابدار عتيق ۽ عثمان کي گرفتار ڪري ٿاڻي منتقل ڪيو ويو.جوابدارن وٽان پسٽول موبائل فون روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪيا ويا آهن.

بقايا 12 نوٽيس

شاگردياڻين کي هٿيارن جي زور تي لٽيو ويو جنهن تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سخت نوٽيس ورتو ۽ ايڊيشنل آءِ جي کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪئي آهي. تفصيل موجب نيو ڪراچي ٿاڻي جي علائقي شهيد ملت روڊ ميڊي ڪيئر ڪاليج جي ويجهو صبح تقريباً 8:15 وڳي واردات پيش آئي. بس جيئن عام طور تي ميڊيڪل ڪاليج جي شاگردياڻين کي کڻڻ لاءِ ايندي هئي تيئن ٻن نامعلوم مسلح ملزمان بس ۾ چڙهي ويا ۽ ڪي طالبات کان موبائل فون، زيور ۽ ٻيو قيمتي سامان ڇنيو ۽ فرار ٿي ويا. پوليس موجب بس جي ويجهو عام طور تي سيڪيورٽي گارڊ موجود هوندا آهن. پر انهي ڏينهن ميڊي ڪيئر اسپتال جا سيڪيورٽي گارڊ موجود نه هئا. واردات دوران ڪي طالبات کان موبائل فون ۽ هڪ آرٽي فيشل بريسليٽ ڇنيو ويو آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو نيو ڪراچي ٿاڻي جي حدود ۾ جناح ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪاليج جي شاگردياڻين کان ڦر مار جي واقعي جو سخت نوٽيس ورتو آهي ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي هدايت ڪئي آهي ته واقعي جي تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي وڃي. ملزمان جي سڃاڻپ ۽ گرفتار ڪرڻ لاءِ ٺوس ڪارروائي ڪئي وڃي. ۽ متاثرين ۽ اکين ڏٺي شاهدن جي بيان جي بنياد تي ملوث گروهه خلاف قانوني قدم کنيو وڃي. متعلقه ايس ايڇ او ۽ سيڪيورٽي تي مقرر ٻين عملي خلاف پڻ ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي

بقايا 13 فوت

شخص فوت ٿي ويو ڪورنگي ڪازوي نديءَ مان هڪ شخص جي ڪيترن ڏينهن پراڻي ٻڏل لاش ملي ان حوالي سان پوليس موقع تي پهتي ۽ قانوني ڪارروائي لاءِ لاش اسپتال منتقل ڪئي وئي پوليس مطابق فوت ٿيل شخص جي عمر تقريباً 35 سال هئي ۽ تڪڙي سڃاڻپ ممڪن نه ٿي سگهي. بظاهر لاش 7 کان 8 ڏينهن پراڻي معلوم ٿي رهي هئي ٻيو واقعو مليرسٽي جي مومن آباد فيز ون ۾ پيش آيو جتي هڪ شخص جو 3 ڏينهن پراڻو گلي ۾ ڦندو لڳل لاش گهر مان مليو پوليس موجب اهو واقعو خودڪشي آهي لاش فرزانه فائونڊيشن اسڪول جي ويجهو گهر نمبر آر 84 جي معين منزل تان مليو جتي فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ 31 سالا بلال ولد محمد شفيق جي نالي سان ٿي پوليس ٻڌائي ٿي ته متوفي نشي جو عادي هو ۽ ڪمري جو دروازو اندر کان بند ڪري پاڻ کي ڦندو لڳايو قانوني ڪارروائي کان پوءِ لاش ورثا کي ڏني وئي ان کان علاوه سلطان آباد چيني گودام جي ويجهو بارش جي پاڻي سان ڀريل کڏيءَ ۾ بجلي ڪرنٽ لڳڻ سبب هڪ شخص فوت ٿي ويو ڊاڪس ٿاڻي جي حدود ۾ حبيب پبلڪ اسڪول چيني گودام جي ويجهو لاش مليو جنهن کي سهراب گوٺ سرد خاني منتقل ڪيو ويو پوليس مطابق متوفي جي عمر 35 کان 40 سال جي وچ ۾ هئي ۽ تڪڙي سڃاڻپ ممڪن نه ٿي سگهي

بقايا 14 فاروق ستار

جهڙي حڪمراني قائم آهي. جتي قانون بدران من ماني هلي رهي آهي ۽ عوام جا حق لتاڙيا پيا وڃن. سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته ڪراچي ۾ زمينن جي بندر بانٽ ذريعي چار ڪروڙ عوام جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو آهي. هن موجب شهر جي ماسٽر پلان جي کليل ڀڃڪڙيون ٿي رهيون آهن جڏهن ته 2007 ۾ تيار ڪيل ماسٽر پلان کي 2018 ۾ منظوري ملڻ باوجود اڄ تائين ان تي عملدرآمد ناهي ٿيو. هن الزام هنيو ته ترقياتي منصوبن جي نالي تي قيمتي زمينن تي قبضا ڪيا ويا آهن.

بقايا 15 گهرو وزير

۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ سنڌ جي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار خصوصي مهمان طور شرڪت ڪئي. سنڌ جي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار پنهنجي خطاب ۾ چيو ته اهڙي نوعيت جون ورڪشاپون موجوده چيلينجز سان منهن ڏيڻ لاءِ نهايت اثرائتو پليٽ فارم مهيا ڪن ٿيون جتي مسئلن جا عملي ۽ پائيدار حل ڳولي سگهجن ٿا. هن چيو ته ملڪ کي درپيش حالتن جي پسمنظر ۾ اسان سڀني تي اها ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته پنهنجو هاڪاري ڪردار ادا ڪريون ۽ معاشري ۾ بهتري لاءِ گڏيل ڪوششون ڪيون. هن ميڊيا جي ڪردار تي زور ڏيندي چيو ته آزاد، ذميوار ۽ هاڪاري ميڊيا بهتر حڪمراني لاءِ لازمي آهي. جيڪڏهن ميڊيا پنهنجو ڪردار هاڪاري انداز ۾ ادا نه ڪري ته معاشري ۾ ناڪاري رجحانن جي واڌ جو خدشو وڌي وڃي ٿو. هن وڌيڪ زور ڏنو ته قومي سطح جي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه لاءِ لاڳاپيل علائقن جي نمائندن کي اڳتي اچڻ ضروري آهي ته جيئن مسئلن جي صحيح نشاندهي ۽ اثرائتا حل ممڪن ٿي سگهن. گهرو وزير چيو ته بدلجندڙ علائقائي جيو پوليٽڪس ۽ پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپيل معاملن تي سنجيده غور و فڪر جي ضرورت آهي. هن تعليمي سڌارن کي انتهاپسندي جي خاتمي لاءِ بنيادي ذريعو قرار ڏيندي چيو ته پرائمري سطح کان وٺي اعليٰ تعليمي ادارن تائين جامع سڌارا ضروري آهن جيئن نئين نسل کي عالمي سطح تي مقابلي جي قابل بڻائي سگهجي. هن هدايت ڪئي ته ورڪشاپن جي واڌ ويجهه لاءِ مضبوط عملدرآمدي منصوبو تيار ڪيو وڃي جنهن ۾ ڪراچي سکر ۽ بلوچستان جي يونيورسٽين سان رابطا، ٽائيم لائين بجيٽ ۽ ذميوارين جو تعين شامل هجي. وڌيڪ اهو ته ميڊيا جي مثبت پاليسي جو مسودو تيار ڪرڻ، تعليمي نصاب ۽ استادن جي تربيت ۾ بهتري آڻڻ ۽ مقامي نمائندن جي شموليت لاءِ اثرائتو طريقو ترتيب ڏيڻ بابت پڻ هدايتون جاري ڪيون ويون. تعليم واري صوبائي وزير سردار شاهه پنهنجي خطاب ۾ چيو ته برصغير جي تاريخ رواداري، امن ۽ صوفين جي تعليمات سان ڀرپور آهي جن معاشري ۾ هم آهنگي کي هٿي ڏني.

بقايا 16 خواهشمند

تڪرار 4 کان 6 هفتن ۾ نبيرڻ جا خواهشمند آهي. آمريڪي اخبار موجب، صدر ٽرمپ ويجهن صلاحڪارن کي ٻڌايو آهي ته هو ايران سان جنگ ڊگهي ڪرڻ نه ٿو چاهي آمريڪي صدر سمجهي ٿو ته جنگ پنهنجي آخري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪي آهي رپورٽ موجب، وائيٽ هائوس چيني صدر سان مئي ۾ بيجنگ سمٽ ان بنياد تي رکي ته جنگ ان کان اڳ ختم ٿي ويندي، ٽرمپ جو ڌيان ڪڏهن ڪڏهن ٻين سياسي معاملن جهڙوڪ وچ مدي وارن چونڊن ۽ اميگريشن قدمن ڏانهن منتقل ٿي ويندو آهي صدر هڪ ساٿي کي ٻڌايو ته جنگ سندس ٻين ترجيحن تان ڌيان هٽائي رهي آهي ويجهن صلاحڪارن موجب ٽرمپ ايندڙ وڏي چيلنج ڏانهن وڌڻ لاءِ بي چين نظر اچي ٿو ڪجهه اتحادي پراميد آهن ته ٽرمپ ڪيوبا جي ڪميونسٽ حڪومت جي خاتمي تي ڌيان ڏيندو

بقايا 17 جائزو

جو دورو ڪيو ڊي جي اي اين ايف ميجر جنرل عبدالمعيد سندس استقبال ڪيو. دوري دوران وفاقي وزيري تعمير هيٺ " نيشنل ڪائونٽر نارڪوٽيڪس ڪوآرڊينيشن سينٽر "جو معائنو ڪيو ۽ اي اين ايف هيڊ ڪوارٽرز ۾ منعقد اهم اجلاس جي صدارت ڪئي. اجلاس دوران وفاقي وزير کي اي اين ايف جي ڪارڪردگي، آپريشنز ۽ فعال ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته منشيات جي ڏوهارين ۾ سزا جي شرح 82 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. جڏهن ته منشيات جي مڪروهه ڌنڌي ۾ ملوث 22 ملڪي ۽ 9 پرڏيهي ڊرگ ٽريفڪنگ آرگنائيزيشنز کي ڪاميابي سان توڙيو ويو آهي. ان کان علاوه (ڊوڊي) جي فصل جي پوک جي خاتمي جي حوالي سان ڪيل قدمن تي به روشني وڌي وئي

بقايا 18 صدر ٽرمپ

ڏنو جنهن کي ڪڏهن به وساري نه سگهبو ٻئي پاسي اسرائيل دعويٰ ڪئي آهي ته هنن ايراني بحريه جي ڪمانڊر علي رضا تنگسيري کي نشانو بڻايو آهي جڏهن ته ايران پاران اسرائيل تي ميزائل حملن جو سلسلو جاري آهي ۽ تهران ڪنهن به معاهدي ۾ لبناني حزب الله تي حملن جي بندش کي شامل ڪرڻ تي زور ڏنو آهي ايران جي گادي واري شهر تهران سميت ڪيترن ئي وڏن شهرن تي فضائي حملن ۽ اسرائيل جي سرڪاري علائقن ۾ وڌيڪ ميزائل حملن جا اطلاع مليا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق ٻڌايو ويو آهي ته خطي جي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اسرائيل ۾ فضائي حملن جو الرٽ جاري ڪيو ويو آهي ۽ تل ابيب ۽ آس پاس جي علائقن ۾ هارن وڄي رهيا آهن. ان کان ڪجهه دير پهريان اسرائيلي فوجين خبردار ڪيو هو ته ايراني سرزمين کان هڪ نئين ميزائل حملي جي خبر ملي آهي. پر فوري طور تي ان حملي سبب ڪنهن جاني نقصان جي ڪا اطلاع ناهن مليا. ان کان سواءِ ميڊيا اسرائيل جي حوالي سان رپورٽ ڪيو ته مرڪزي اسرائيل تي لبناني تنظيم حزب الله جي ميزائل حملي ۾ ڪي ماڻهو زخمي ٿيا. 60 سالن جي عورت بم شيلٽر طرف ڊوڙندي زخمي ٿي جڏهن ته ٻيا 2 ماڻهو هڪ ڪار حادثي ۾ ان وقت معمولي زخمي ٿيا جڏهن ميزائل حملي کان خبردار ڪرڻ لاءِ هارن وڄايا ويا. ٻن هنڌن کان ميزائل جا ٽڪرا به مليا آهن. حزب الله دعويٰ ڪئي آهي ته ان اسرائيلي گادي واري شهر تل ابيب ۾ دفاع واري وزارت جي آفيس ۽ شهر جي پسگردائي ۾ ملٽري انٽيليجنس هنڌ کي ميزائل حملن سان نشانو بڻايو ويو آهي بي بي سي موجب اسرائيلي هٿيار بند فوج ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي ته ايران طرفان ميزائلن جا 2 رائونڊ اڇلايا ويا آهن. اسرائيلي ڊفينس فورسز (آئي ڊي ايف) جو چوڻ آهي ته هڪ ڪلاڪ ۾ ايران کان اسرائيل طرف اڇلايل ميزائلن جي ٻن رائونڊن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي . اسرائيلي هٿيار بند فوج شهرين کي خبردار ڪيو آهي ته هو محفوظ هنڌن تي پناهه وٺن.

بقايا 19 18زخمي

خوفناڪ بس حادثي جي نتيجي ۾ 8 ماڻهو فوت ۽ 18 زخمي ٿي پيا. بس بجري سان ڀريل ٽرڪ سان ٽڪرائجي وئي جنهن ڪانپوءِ باهه لڳي وئي ميڊيا رپورٽن موجب حادثي ڪانپوءِ امدادي ڪارروايون شروع ڪيون ويون جڏهن ته پوليس حادثي ۾ سڙي فوت ٿي ويلن جي سڃاڻپ ۽ سندن وارثن کي اطلاع ڏيڻ لاءِ مصروف آهي

بقايا 20 ٻڌڻي ملتوي

دهشتگردي ڪورٽ عدالت 9 مئي جي باهيون ڏيڻ وارن واقعن ۾ عسڪري ٽاور حملي سميت ٻين ڪيسن ۾ ڊاڪٽر ياسمين راشد، عمر سرفراز چيمه جي ضمانت وارين درخواستن تي جوابدارن جي وڪيلن پاران دليلن جي تياري لاءِ مهلت جي حوالي سان درخواستون منظور ڪندي 7 اپريل تائين ملتوي ڪري ڇڏي، دهشتگردي جي روڪٿام واري عدالت جي ڊيوٽي جج شاهد سڪندر ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جوابدارن پاران جيل مان ضمانت لاءِ درخواستون داخل ڪيون ويون آهن ٻڌڻي دوران وڪيلن موقف اختيار ڪيو ته ڪيس ضمانت جي درخواستن تي مڪمل دليل پيش ڪرڻ لاءِ وڌيڪ وقت گهربل آهي جنهن تي عدالت ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 21 پاڪستان

ڪنهن به صورت ۾ تبديل نٿي ڪري سگهجي. ڪشمير ميڊيا سروس موجب جنيوا ۾ پاڪستان مشن جي فرسٽ سيڪريٽري عديل ممتاز کوکر بي بنياد ڀارتي دعوائن کي رد ڪندي چيو ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل ٺهراڻن ۾ جموں ڪشمير جي تڪراري حيثيت تسليم ڪئي وئي آهي ۽ ڪشميرين جي خودمختياري واري حق جي ڳالهه ڪئي وئي آهي هن چيو ته خود ارادي کان انڪار ويانا ڊڪليريشن ۽ پروگرام آف ايڪشن تحت بنيادي انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي هن چيو ته ڀارت گڏيل قومن جي چارٽر تحت پابند آهي ته هو جموں ڪشمير جي ماڻهن لاءِ پنهنجي خودمختياري واري حق جو استعمال ڪرڻ لاءِ مناسب حالتون پيدا ڪري هن چيو ته پاڪستان ڀارت کي ان جون ذميواريون ياد ڏياريندو رهيو آهي جنهن تي هو بي بنياد الزامن جو سهارو وٺي رهيو آهي هن چيو ته ڀارت سنڌ طاس معاهدي کي هڪ طرفو معطل ڪري پاڪستان خلاف آبي دهشتگردي ڪئي آهي هن چيو ته معاهدي کي هڪ طرفي طور ڪنهن به صورت ۾ معطل نٿو ڪري سگهجي ڇو جو ان ۾ اهڙي ڪا شق ناهي

بقايا 22 ڳالهيون

رحمان جي رهائشگاهه تي پهتا، جتي هنن سندن ڏاڏي ماءُ ماروي ملڪ جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو وزيراعظم مرحوم لاءِ مغفرت، جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ پٺتي رهجي ويل وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا گهري. ان موقعي تي وزيراعظم چيو ته جوان اولاد جو وڇوڙو والدين لاءِ سڀ کان وڏو صدمو هوندو آهي ۽ اهڙي غم کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي. هن چيو ته هو ۽ پوري قوم ڏک جي هن گهڙي ۾ متاثر خاندان سان گڏ بيٺل آهي. ان تعزيتي ملاقات دوران نائب وزير اعظم محمد اسحاق ڊار وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه گورنر سنڌ نهال هاشمي، وفاقي وزير منصوبابندي ڊاڪٽر احسن اقبال وفاقي وزير قانون اعظم نذير تارڙ ۽ وفاقي وزير اطلاعات و نشريات عطا الله تارڙ به پڻ وزيراعظم سان گڏ موجود هئا. ان کان پوءِ وزيراعظم فريال ٽالپور جي رهائشگاهه تي پهتا، جتي سنڌ جي اهم سياسي اڳواڻن سندن آجيان ڪئي. ملاقات دوران ملڪ جي سياسي صورتحال، سنڌ سان لاڳاپيل معاملن ۽ گڏيل مفادن بابت خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي. ان موقعي تي ضياءِ الحسن لنجار سهيل انور سيال اعجاز جکراڻي ۽ ٻين اڳواڻن پڻ وزيراعظم سان ملاقات ڪئي. وزيراعظم سان گڏ وفد ۾ محمد اسحاق ڊار عطا الله تارڙ احسن اقبال ۽ رانا ثناء الله شامل هئا. جڏهن ته دوري دوران سياسي ۽ سماجي معاملن تي اهم اڳڀرائي جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي.

بقايا 23 ڳالهيون

ماحول ۾ ٿي ملاقات تقريباً 40 منٽن تائين جاري رهي ۽ ان ۾ وفد جي سربراهه سيد امين الحق جي مطابق خطي جي صورتحال 28هين آئين ۾ ترميم ۽ خاص طور تي 140- Aشامل ڪرڻ ۽ ڪراچي- حيدرآباد ڊيولپمينٽ پيڪيج تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي وزيراعظم محمد شهباز شريف وفد کي يقين ڏياريو ته 28هين آئين ۾ ترميم بابت اتفاق راءِ پيدا ڪيو ويندي، ۽ پي آءِ ڊي سي ايل (PIDCL) ذريعي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ترقياتي منصوبن کي جاري رکڻ تي اتفاق پڻ ڪيو ويو ذرائع موجب جڏهن ته ايم ڪيو ايم پاڪستان جو وفد ايندڙ هفتي اسلام آباد ۾ وزيراعظم سان ٻي ملاقات ڪندو ۽ وفد جي ملاقات دوران مستقبل ۾ ڪراچي جو تفصيلي دورو پڻ وزيراعظم طرفان اعلان ڪيو ويو جنهن ۾ شهر جي ترقياتي منصوبن تي وڌيڪ عملدرآمد تي غور ڪيو ويندو

بقايا 24 وزيراعظم

ڪيا ويندا ايم ڪيو ايم پاڪستان وفاق جي اتحادي آهي ۽ سڀني اهم معاملن ۽ فيصلن کي اعتماد ۾ ورتو ويندو هن ڪراچي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سربراهه ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي سان گڏ وفد سان ڳالهيون ڪيون هيون ذريعن موجب وفد ۾ فاروق ستار مصطفيٰ ڪمال ڪامران ٽيسوري، فيصل سبزواري ۽ امين الحق شامل هئا. ملاقات ۾ سياسي صورتحال، پنهنجي پارٽين جي وچ ۾ ورڪنگ رليشن شپ ۽ ترقياتي منصوبن سميت اهم معاملن تي غور ڪيو ويو وفد وزيراعظم کي سنڌ حڪومت جي رويي جي تبديلي جي عدم اعتماد بابت آگاهه ڪيو ملاقات ۾ ايم ڪيو ايم جي 28 هين ترميم ۽ 140 اي جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ٿي اجلاس ۾ طئي ڪيو ويو ته وفاق ڪراچي جي ترقي سميت اهم منصوبن ۾ مڪمل تعاون فراهم ڪندو سڀني معاملن تي ڳالهه ٻولهه جاري رهندي

بقايا 25 تصديق

۾ نائب وزيراعظم چيو ته وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار جي خاتمي جي لاءِ امن ڳالهه ٻولهه جي حوالي سان ميڊيا ۾ غيرضروري قياس آرائيون ڪيون پيون وڃن. حقيقت ۾ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ اڻ سڌي ڳالهه ٻولهه پاڪستان جي ذريعي پيغامن جي مٽاسٽا جي صورت ۾ جاري آهي هن چيو ته ان ڏس ۾ آمريڪا 15 نقطا شيئر ڪيا آهن جن تي ايران غور ڪري رهيو آهي سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو ته برادر ملڪن ترڪيه ۽ مصر سميت ٻيا ملڪ به ان قدم جي حمايت ڪري رهيا آهن هن چيو ته پاڪستان امن جي فروغ جي لاءِ پرعزم آهي ۽ خطي ۾ ان کان ٻاهر استحڪام کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش جاري رکي ويندي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير چيو ته ڳالهه ٻولهه ۽ سفارتڪاري ئي اڳتي وڌڻ جو واحد رستو آهي

بقايا 26 وڏو وزير

آهي ته مرگي هڪ قابل علاج اعصابي بيماري آهي ۽ ان کان ڊڄڻ جي ضرورت ناهي. سندس اها ڳالهه خميس ڏينهن وزيراعليٰ هائوس سان جاري ڪيل پيغام ۾ ڪئي هن چيو ته مرگي جي مريض خلاف سماجي تعصب ۽ منفي روين جو انت ضروري آهي جيئن متاثر ماڻهو عزت ڀري زندگي گذاري سگهن وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت مرگي جي مريضن کي معياري ۽ مفت علاج جون سهولتون فراهم ڪري رهي آهي سيد مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته وقت سر سڃاڻپ ۽ لاڳيتار علاج سان مرگي جا مريض عام زندگي گذاري سگهن ٿا. تنهنڪري عوام کي گهرجي ته هن بيماري بابت وهم ۽ غلط فهمين کان پاسو ڪن هن وڌيڪ چيو ته پرپل ڊي ملهائڻ جو مقصد مرگي بابت عالمي سطح تي آگاهي وڌائڻ آهي. هن چيو ته سنڌ جي سرڪاري اسپتالن ۾ نيورولوجسٽ ۽ ضروري دوائون موجود آهن وڏي وزير زور ڀريو ته اسان سڀني کي گڏجي هڪ صحتمند ۽ مرگي بابت آگاهه سماج جي تعمير لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

بقايا 27 منعقد

لڳايا ويا. ترجمان ايف آءِ اي موجب تقريب ڊائريڪٽر ڪراچي زون پاران منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل سائوٿ مجاهد اڪبر خاص طور شرڪت ڪئي. تقريب دوران اعليٰ آفيسرن ترقي حاصل ڪندڙ آفيسرن کي مبارڪباد ڏني ۽ کين هدايت ڪئي ته هو پنهنجي پيشيوارانه ذميوارين کي وڌيڪ احسن طريقي سان انجام ڏين. ترجمان موجب ايف آءِ اي طرفان آفيسرن جي حوصلا افزائي جاري رکڻ جي عزم جو به اظهار ڪيو ويو ته جيئن ادارن جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي.

بقايا 28 زخمي

کي ٽڪر هنيو ۽ موقعي تان فرار ٿي ويو حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار هڪ عورت فوت ٿي وئي ۽ هڪ شخص زخمي ٿي پيو جن کي چيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ 60 سالن جي مقصود زال الله ڏنا ۽ زخمي جي سڃاڻپ 30 سالن جي سجاد پٽ الله ڏنا جي طور ڪئي وئي ايس ايڇ او درخشان راشد علي موجب حادثي ۾ فوت ٿيل عورت ۽ زخمي شخص ماءُ ۽ پٽ آهن ۽ حادثو تيز رفتار ڊاچي ويگو ڊالي جي ٽڪر ۾ پيش آيو قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پوليس ويگو ڊالي جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ حاصل ڪئي پئي وڃي

بقايا 29 ملتوي

خيبرپختونخواهه جي وزيراعليٰ سهيل آفريدي خلاف پي ٽي آءِ جي باني جي آزادي لاءِ مبينا طور فورس جوڙڻ بابت داخل درخواست جي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي ٻڌڻي گذريل ڏينهن جسٽس علي باقر نجفي جي سربراهي ۾ ٻه رڪني بينچ ڪئي. ٻڌڻي دوران ريمارڪس ڏنا ويا ته سياسي بيانن تي عدالت مداخلت نٿي ڪري سگهي. جسٽس علي باقر نجفي چيو ته جيڪڏهن ڪي ٺوس شاهديون يا فورس ٺاهڻ جو باضابطه نوٽيفڪيشن موجود آهي ته پيش ڪيو وڃي درخواست گذار جي وڪيل عدالت کان ثبوت پيش ڪرڻ لاءِ مهلت گهري جنهن تي عدالت منظور ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 30 فوت

بيسن سگنل ويجهو بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب هڪ شخص فوت ٿي ويو ۽ سندس لاش ايڌي رضاڪارن پاران پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال پهچايو ويو ريسڪيو عملدارن چيو ته شروعاتي معلومات موجب فوت ٿيل شخص سگنل جي ويجهو نصب ٿيل پي ايم ٽي مان تار چوري ڪرڻ جي ارادي سان ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ان دوران کيس بجلي جو ڪرنٽ لڳو جڏهن ته سندس سڃاڻپ فوري طور تي معلوم نه ٿي سگهي پر سندس عمر 30 سالن جي لڳ ڀڳ ٻڌائي پئي وڃي

بقايا 31 ملاقات

تعاون وڌائڻ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، ملاقات دوران سي پيڪ تحت سنڌ ۾ نون ترقياتي منصوبن، بنيادي ڍانچي جي بهتري ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو ويو پاڪستان جي بليو اڪانومي کي هٿي ڏيڻ لاءِ پاڪ چين تعاون کي وڌيڪ وسعت ڏيڻ تي تفصيلي بحث ڪيو ويو پاڪ چين يوٿ ايڪسچينج پروگرام ۽ تعليمي اسڪالرشپ وڌائڻ تي به اتفاق ڪيو ويو معدني شعبن ۾ تعاون وڌائڻ ۽ تعليم جي شعبي ۾ گڏيل قدمن کي تيز ڪرڻ تي به زور ڏنو ويو سنڌ جو گورنر زرعي ترقي ۽ ڳوٺاڻي معيشت جي استحڪام لاءِ چين جي جديد ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏئي ٿي پاڪ چين گڏيل سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ گورنر هائوس ۾ اعليٰ سطحي ڪانفرنس منعقد ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته گورنر سنڌ چيو ته چين معرڪه حق ۾ پاڪستان جي موقف جي مڪمل حمايت ڪندي هڪ مثالي مثال قائم ڪيو آهي دوستي جو ثبوت ڏنو

بقايا 32 لاش نه مليو

اچار جوکيو گوٺ گڏاب ٽائون ۾ پاڻي جي لائين ۾ ٻڏي فوت ٿيندڙ نينگري جو مڙهه 48 ڪلاڪ گذرڻ باوجود نه ملي سگهيو جنهن تي وارثن ۽ علائقي واسين ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي آهي. متاثر خاندان موجب انتظاميه جي نااهلي غفلت ۽ بي ڌياني سبب ريسڪيو آپريشن اثرائتي نموني سان جاري نه آهي جنهن ڪري وارثن جي تڪليف ۾ وڌيڪ اضافو ٿي رهيو آهي.وارثن جو چوڻ آهي ته معصوم ٻارڙي جي حادثي سڄي خاندان کي بيحال ڪري ڇڏيو آهي. گذريل 48 ڪلاڪن کان خاندان سخت ذهني اذيت ۾ مبتلا آهي نه ڪاڌي پيتي جو هوش آهي ۽ نه ئي ننڊ اچي رهي آهي. سندن چوڻ آهي ته ٻارڙي جي تلاش ۾ دير سبب زندگي عذاب بڻجي وئي آهي ۽ سڄو خاندان لاچار ۽ بي وس نظر اچي رهيو آهي.

بقايا 33 والدين پريشان

ڪيس درخشان پوليس ٿاڻي ۾ وريشه جي والد محمد وسيم جي مدعيت ۾ داخل ڪيو ويو آهي ٽي ڏينهن گذرڻ باوجود ٻارڙي جو ڪوبه سراغ نه مليو آهي مدعي ڪيس ۾ ٻڌايو ته هو ناظم آباد جو رهواسي آهي ۽ عيدالفطر جي ٽئين ڏينهن پنهنجي خاندان سان تفريح لاءِ سي ويو تي آيو هو ان دوران سندس ٻه ٻارڙيون پڻ ساڻ هيون ۽ ٻه ٻارڙيون رش ۾ سمنڊ طرف ڀڄي ويون جن کي پڪڙڻ لاءِ هو ۽ سندس زال ڊوڙيا. وريشه ساحل تي ريت سان کيڏي رهي هئي پر واپس اچڻ تي ڏٺو ته هوءَ موجود نه هئي محمد وسيم چيو ته هوءَ ۽ سندس گهر وارا وريشه کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿيا.

بقايا 34 گرفتار

مشتمل کي گرفتار ڪيو ويو جيڪي علائقي ۾ واردات لاءِ مشڪوڪ انداز ۾ گشت ڪري رهيا هئا. گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ احمد علي، ياسر عمر فاروق، واحد، محمد عطا، محمد وسيم ۽ گل ياسين شامل آهن.ملزمان جي قبضن مان 30 بور پسٽل، موبائل فونز ۽ سوزوڪي آلٽو ڪار برآمد ڪئي وئي. ابتدائي تفتيش ۾ معلوم ٿيو آهي ته ملزمان گودامن جي باقاعده ريڪي ڪري وارداتون ڪندا هئا .

بقايا 35 اعلان

موجب ڪراچي جي ڪاروباري برادري توانائي بچائڻ ۽ ملڪ ۾ ايندهن جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومت جي ممڪن لاڪ ڊائون ۽ ڪاروباري ڪلاڪن ۾ تبديلي جي مڪمل حمايت ڪئي آهي چيئرمين سنڌ تاجر اتحاد ۽ صدر آل پريزيڊنٽ الائنس آف مارڪيٽ اينڊ مال ايسوسيئيشن واضح ڪيو آهي ته ڪاروباري برادري ملڪ جي مفاد ۾ حڪومت سان گڏ بيٺي آهي. چيئرمين سنڌ تاجر اتحاد شيخ حبيب پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته حڪومت پاران توانائي بچائڻ لاءِ کنيل قدم وقت جي ضرورت آهن هن چيو ته جيڪڏهن وفاقي ۽ سنڌ حڪومتون رات 8 وڳي ڪاروبار بند ڪرڻ جو فيصلو ڪن ٿيون ته ڪاروباري برادري ان جي اڳيان جهڪي ويندي آهي

بقايا 36 ملاقات

ارشما رميز ۽ پروگرام ڪوآرڊينيٽر نائلا پنهور شامل هئا. ملاقات ۾ عورتن جي ڀلائي، صلاحيتن ۽ معاشي آزادي تي تفصيلي بحث ڪيو ويو ۽ عورتن جي ترقي لاءِ گڏيل قدمن تي اتفاق ڪيو ويو دارالامان ۾ زيبسٽ زيبٽيڪ ۽ عورتن جي ترقي کاتي جي سهڪار سان هڪ مهارت جي ترقي جو پروگرام شروع ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو ويو

بقايا 37 واڌ

پورٽ تي ايندڙ جهازن جي تعداد ۾ واڌ ڏسڻ ۾ آئي آهي جيڪا گذريل مهيني ۽ گذريل سال جي ساڳئي عرصي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي. رپورٽن مطابق مختلف قسمن جا جهاز خاص طور ڪنٽينر شپ ۽ ٽينڪرز جي آمد ۾ اضافو ٿيو آهي جيڪو واپاري سرگرمين ۾ بهتري جي نشاندهي ڪري ٿو. پورٽ اختيارين موجب ڪارگو جي قسمن ۾ به تنوع ڏٺو ويو آهي جن ۾ سيمينٽ، ڪلنڪر چانور ڪيميڪلز ۽ تيل جون شيون شامل آهن جيڪي صنعتي ۽ واپاري سرگرمين جي تسلسل کي ظاهر ڪن ٿيون. وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران ڪراچي پورٽ تي ڪل هڪ لک 65 هزار 476 ميٽرڪ ٽن ڪارگو هينڊل ڪيو ويو جنهن مان 41 هزار 209 ميٽرڪ ٽن برآمدي ۽ هڪ لک 24 هزار 267 ميٽرڪ ٽن درآمدي ڪارگو شامل آهي جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته درآمدات جو مقدار وڌيڪ رهيو.

بقايا 38 ڪاشف شيخ

صورت اختيار ڪري چڪا آهن حڪومت تڪرار ختم ڪرڻ ۽ امن قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿي آهي ڏاڙيل راڄ کان وٺي قبيلائي تڪرار تائين ڌرين کي حڪومت ۾ ويٺل بااثر شخصيتن جي سرپرستي حاصل آهي پوليس جو خاموش تماشائي ڪردار به جوابدارن جي حوصلا افزائي ڪري ٿو جوڻيجا ۽ ڪلهوڙا برادري ۾ تڪرار جو خاتمو سلو سنوڻ آهي جنهن ۾ ٻنهي برادرين جا 46 ماڻهو مارجي ويا هئا. سمارٽ لاڪ ڊائون مسئلي جو حل ناهي ان ۾ به غريب ۽ مسڪين سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندا

بقايا 39 مرتضيٰ وهاب

چيلينج کي منهن ڏيڻ لاءِ منظم ۽ ڀرپور نموني سان ڪم ڪري رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته صرف نالن جي صفائي ئي نه پر سٽي وارڊنز کاتي جي تحت مختلف هنڌن تي رين رليف ڪيمپس پڻ قائم ڪيا ويا آهن ته جيئن شهرين کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي وڃي اهي ڳالهيون هن خميس جي ڏينهن پي اي ڊي سي ايل نالي هجرت ڪالوني نالي زهري نالو سميت ٻين مختلف نالن جو معائنو ڪندي ۽ صفائي جي ڪم جو جائزو وٺندي ڪيون ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر ڪي ايم سي ابرار جعفر سينيئر ڊائريڪٽر ميونسپل سروسز اقبال نواز ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ ساڻس گڏ موجود هئا. ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته نالن جي صفائي جي عمل کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ جتي به رڪاوٽون يا ڪچرو موجود هجي ان کي فوري طور هٽايو وڃي ته جيئن پاڻي جي رواني ۾ ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ پيدا نه ٿئي

بقايا 40 خودڪشي

ڇڏي آهي پوليس موجب ڊي ايس پي انويسٽيگيشن کارادر آفيس ۾ مقرر هو لاش قانوني ڪارروائي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو ۽ پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني آهي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، بلڊنگس ڊويزن، دادو

No. TC/G-55/475 of 2026
ٽيليفون: (025)9200286

Dadu Dated: 26/03/2026
ڪرپشن کان پاڪ

(EPADS سسٽم) ذريعي ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

خريداريءَ جو طريقو: "هڪ مرحلي تي ٻه لفافي"

هي آفيس هن ويب سائيٽ http://portalsindh.eprocure.gov.pk تي "اي پاڪ ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS)" ذريعي هيٺين ڪم لاءِ اي-آڇ جي دعوت ڏئي ٿي. دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدار/فرمون/ڪمپنيون جيڪي اهليت جي معيار تي پورا لهن ٿيون ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ آهن، آهي درخواست ڏئي سگهن ٿيون:

شمار نمبر	ڪم جو نالو	ڪُل رقم (ملين ۾)	بڊ سيڪيورٽي	مڪمل ڪرڻ جو وقت	ٽينڊر في
1	مرڪيور محلا دادو ۾ پارڪ جي تعمير	18.000	5%	18مهينا	3,000/=
2	ڊي سي سيڪريٽريٽ دادو (ريونيو ڪمپوننٽ) جو باقي رهيل ڪم.	20.000	5%	18مهينا	3,000/=
3	تعلقي دادو جي صوبائي محتسب جي آفيس مرمت/بحالي	3.350	5%	18مهينا	3,000/=
4	ڊي سي هائوس دادو جي بحالي جو ڪم.	15.000	5%	18مهينا	3,000/=
5	جم خاني دادو جو باقي رهيل ڪم ۽ آڊيٽوريم سهولتون	16.000	5%	18مهينا	3,000/=
6	ڳوٺ لطف علي خان پنهور، يو سي پير شاهنواز ۾ پيپو بلاڪ سان ڪميونٽي هال جي بهتر تعمير	4.500	5%	18مهينا	3,000/=
7	قلعي اسٽيشن تي لائبريري بلڊنگ جي تعمير	9.500	5%	18مهينا	3,000/=
8	ايس اي (W&S) جي رهائشي بنگلي ۽ زين (XEN) هاءِ ويز ڊويزن دادو جي رهائشي بنگلي جي بحالي	4.500	5%	18مهينا	3,000/=
9	دادو شهر جي خوبصورتي ۽ داخلي دروازن جي تعمير	4.000	5%	18مهينا	3,000/=
10	واهي پانڌي، تعلقو جوهي ۾ لائبريري جي تعمير	9.500	5%	18مهينا	3,000/=
11	اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار آفيس خيرپور ناٿن شاهه جو باقي رهيل ڪم	9.000	5%	18مهينا	3,000/=

درخواست ڏيڻ جو طريقو:

1. تفصيلي شرطن ۽ ضابطن تي مشتمل بڊنگ دستاويز http://portalsindh.eprocure.gov.pk/ تان ڏسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
2. آڇون صرف "EPADS" سسٽم ذريعي اليڪٽرانڪ طريقي سان جمع ڪرائي سگهبيون. هٿرادو جمع ڪرايل قبول نه ڪئي وينديون.
3. دلچسپي رکندڙ آڇ ڏيندڙن کي پڪ ڪرڻ گهرجي ته اهي EPADS سسٽم جي ويب سائيٽ http://portalsindh.eprocure.gov.pk/ تي رجسٽرڊ آهن
4. واڪ دستاويزن ۽ ڏنل هدايتن جي سختيءَ سان تعميل ڪندي تيار ڪيل آڇ، هيٺ ڏنل تاريخ ۽ وقت تي EPADS تي اليڪٽرانڪ طريقي سان جمع ڪرائڻيون پونديون. ٽينڊر في جي اصل رقم 3,000/= رپيا (ناقابل واپسي) ۽ ڪوٽ ڪيل آڇ جي قيمت جي 5% بڊ سيڪيورٽي "ڪال ڊپازٽ يا پي آرڊر" جي شڪل ۾ اي-آڇ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ پروڪيورمينٽ ايجنسي کي پهچائڻيون پونديون.

ٽينڊر وصول ڪرڻ ۽ کولڻ جو پروگرام

شمار نمبر	تفصيل	پهرين ڪوشش	ٻي ڪوشش (ٽينڊرجي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾)
1	واڪ دستاويز SPPRA EPADS سسٽم جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ٿيڻ ڪانپوءِ صبح 10:30 وڳي تائين ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. فزيڪلي آڇون جاري/قبول نه ڪيون وينديون	13-04-2026	28-04-2026
2	ٽينڊر صبح 10:30 وڳي تائين وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن صبح 11:00 وڳي کوليا ويندا.	13-04-2026	28-04-2026

لازمي شرط:

i. خريداري جو طريقو: هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقو فرم جي صحيح ۽ مهر سان گڏ "ٽيڪنيڪل پروپوزل" ۽ "فنانشل پروپوزل" الڳ الڳ هجڻ گهرجن. ٻي صورت ۾ اهڙو ٽينڊر قبول نه ڪيو ويندو
ii. فنانشل پروپوزل (SPPRA رولز موجب) صرف انهن فرمن جا کوليا ويندا جيڪي ٽيڪنيڪل پروپوزل جي لازمي گهرجن تي پورو لهندا.
iii. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي هر صفحي تي نمبر لڳل هجي ۽ فرم جي مالڪ/ڪمپني جي مهر سان گڏ تصديق ٿيل هجي.
iv. آڇ جي قبوليت جو مدو 90 ڏينهن هوندو.
v. شرطيا ٽينڊر فوراً رد ڪيا ويندا.

اهليت جو معيار:-

a. ايجنسيون / ٺيڪيدار لازمي طور تي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) وٽ ڪيٽيگري (Code-C-06, C-05) ۽ لاڳاپيل اسپيشلائيزيشن CE09, CE10, CE11 ۾ جون 2026 تائين صحيح رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ سان رجسٽرڊ هجن.
b. گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙي نوعيت جو ڪم جنهن جي قيمت ڪم جي تخميني لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ 80% هجي.
c. گذريل پنجن (05) سالن دوران گهٽ ۾ گهٽ ٻه (02) مڪمل ٿيل اهڙي نوعيت جا ڪم. جن مان هر هڪ جي قيمت اندازي مطابق خرچ جو 50% هجي، مڪمل ٿيڻ واري سرٽيفڪيٽ، تصديق ٿيل تفصيلي ورڪنگ اسٽيميٽ ۽ SPPRA ID سان بڊ ايوليوئيشن رپورٽ سان گڏ هجن.
d. فرم سان گڏ ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف (سول) جو بايوڊيٽا، تصديق ٿيل CVs ۽ انهن جي انڪم ٽيڪس ڪٽوتي جا ثبوت جيڪي فرم سان سندن ملازمت ظاهر ڪن.
e. گذريل پنجن (05) سالن جو سراسري ساليانو ٽرن اوور آڇ جي قيمت جي برابر هجڻ گهرجي.
f. بئنڪ جو سرٽيفڪيٽ جيڪو گذريل پنجن سالن دوران ڪم جي اندازي مطابق قيمت جي گهٽ ۾ گهٽ 15% ڪريڊٽ جي قابليت (سراسري بيلنس في سال) ظاهر ڪري، گذريل 5 سالن جي بئنڪ اسٽيٽمينٽ سان گڏ جيڪا هر سال جي پهرين جولاءِ کان 30 جون تائين هجي، ۽ موجوده بئنڪ سرٽيفڪيٽ جيڪو موجود بيلنس ظاهر ڪري.
g. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان رجسٽريشن (NTN سرٽيفڪيٽ) ۽ سنڌ ريونيو بورڊ (SRB سرٽيفڪيٽ) لڳل هجي. گذريل ٽن (3) سالن جي انڪم ٽيڪس رٽرن جي رسيدن سان گڏ. ٽيڪس ڊيپارٽمينٽ جو اسٽيٽس ايڪٽو هجڻ گهرجي.
h. لٽيگيشن (قانوني ڪارروائي) جي تاريخ جنهن ۾ فيصلو فرم جي خلاف يا حق ۾ ڏنو ويو هجي. جيڪڏهن ڪو اهڙو ڪيس ناهي، ته حلف نامو جمع ڪرايو وڃي ته فرم ڪنهن به کاتي سان ڪنهن به لٽيگيشن يا نااهليءَ ۾ ملوث ناهي.
i. گذريل ٽن (3) سالن جي بئنڪ اڪائونٽ اسٽيٽمينٽ جيڪا آڇ ڏيندڙ فرم جي نالي جي هجي ٽينڊر دستاويزن سان گڏ جمع ڪرائي وڃي.
j. گذريل ٽن سالن جون ساليانيون آڊٽ ٿيل رپورٽون (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان هجڻ گهرجن. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرمن کان سواءِ ٻين فرمن جون جاري ڪيل آڊٽ رپورٽون قبول نه ڪيون وينديون.
k. حلف نامو ته پيش ڪيل سمورا دستاويز/تفصيل/ڄاڻ صحيح ۽ درست آهن. جيڪڏهن ڪا به معلومات غلط يا گمراهه ڪندڙ ملي ته پروڪيورمينٽ ايجنسي آڇ رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
l. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ هيٺ صحيح ڪندڙ آفيسر پاران ٺيڪيدارن جي موجودگيءَ ۾ کوليو ويندو
m. اي-اسٽامپ پيپر تي هڪ اصل ۽ تازو حلف نامو/بيان ته بدر ۽ ان جا ملازم ڪڏهن به ڪنهن سرڪاري، نيم سرڪاري، خودمختيار يا نجي ملڪيت واري اداري پاران بليڪ لسٽ نه ڪيا ويا آهن ۽ بليڪ لسٽنگ بابت سندن ڪيس ڪنهن به عدالت ۾ ٻڌڻي هيٺ ناهن. ڊي-لسٽ ٿيل فرم کي ڪا اجازت هوندي.

مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزل جي جانچ معيار ۽ ذيلي معيار "ها" يا "پاس/فيل" جي بنياد تي آهي: جيڪڏهن ڪو آڇ ڏيندڙ ڪنهن به معيار يا ذيلي معيار ۾ "ها" يا "پاس" حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو ته پوءِ نااهل ٿي ويندو.

آڇ ڏيندڙ پنهنجا ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل پروپوزل SPPRA جي اي-پروڪيورمينٽ (EPADS) سسٽم ذريعي https://portalsindh.eprocure.gov.pk تي اليڪٽرانڪ طريقي سان جمع ڪرائيندا. اشتهار SPPRA EPADS سسٽم جي ويب سائيٽ تي ڏسي سگهجي ٿو

ڪامپيٽنٽ اٿارٽي SPPRA رولز 2010 (تاحال ترميم شده) تحت ڪنهن به يا سڀني درخواستن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

جيڪڏهن حڪومت مقرر ڪيل تاريخن تي ڪنهن عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي، ته ٽينڊر SPPRA 2010 (تاحال ترميم شده) جي رول- (B) 41 جي مطابق معمول جي شيڊول موجب ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي کوليو ويندو

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
بلڊنگس ڊويزن
دادو

INF/KRY/1248/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سول ۽ عسڪري قيادت جو پائيدار حڪمت عملي تي ويچار!

صفحو 4

راجا زاهد اختر خانزاد

ٽرمپ جي ڌمڪي، ايران جو ضد ۽ آبناءِ هرمز جي راند: آخر جُهڪندو ڪير؟

صفحو 4

عمران يعقوب خان

جنگ ته ختم ٿي ويندي، پر...

صفحو 4

مٺل جسڪاڻي

مادري ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ راشد عباسي!

صفحو 4

عثمان شاهه هڙي ويجهو ڳوٺ ملو ميرجت ۾ قائم ڊسپينسري 16 سالن کان غيرفعال بڻيل

ضلع ڪائونسل ٽنڊو الهيار پاران 2010ع ۾ جوڙايل ڊسپينسري جي ايس اين اي ۽ بجيٽ منظور نه ٿي

ڊسپينسري جي ايس اين اي ۽ بجيٽ منظور نه ٿيڻ ڪري يو سي هنگوراڻي جي 13 هزار آباد علاج لاءِ پريشان

بيسڪ هيلٿ سينٽر جو درجو ڏيئي ايس اين اي بجيٽ منظور ڪري فوري اسپتال کي کوليو وڃي: ساڄاهه وڻد

عثمان شاهه هڙي (رپورٽ: اي جي عاقلاڻي) عثمان شاهه هڙي ويجهو ڳوٺ ملو ميرجت يو سي هنگوراڻي جو وڏي آبادي وارو ڳوٺ آهي جتي 2010ع ۾ ضلع ڪائونسل ٽنڊو الهيار پاران ڊسپينسري جي لکين روپين جي لاڳت سان عمارت جوڙائي وئي بد قسمتي سان 16 سال جو عرصو گذري وڃڻ باوجود اها ڊسپينسري بجيٽ يعني ايس ايس اين اي منظور نه ٿي سگهي ڊسپينسري جي عمارت انتهائي زبون ٿي چڪي آهي ڪيترائي دفعا صحت کاتي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو الهيار کي ڊسپينسري هلائڻ لاءِ گذارشون ۽ درخواستون ڏيون ويون ليڪن اڄ ڏينهن تائين ڪو تدارڪ ڪون ٿيو يونين ڪائونسل هنگوراڻي ۾ ڪا اسپتال يا ڊسپينسري ڪونهي اندازن ٻارهن تيرهن هزار جي آدمشماري رکندڙ يوسي جي ڪنهن ڳوٺ ۾ اسپتال نه هئڻ ڪري علائقي جا ماڻهو مجبورن ڳرا پاڙا ڀري شهرن ڏانهن مريضن کي علاج واسطي وڃن ٿا هتان جي سماجي ڪارڪنن ۽ ساڄاهه وڻد حڪومت سنڌ، صحت کاتي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو الهيار ۽ چيئرمين ضلع ڪائونسل ٽک جي چونڊيل نمائيندن کان گهر ڪئي آهي ڳوٺ ملو ميرجت تباهه ٿيل ڊسپينسري جي عمارت جي مرمت ڪرائي ان بيسڪ هيلٿ سينٽر جو درجو ڏيئي ايس اين اي بجيٽ منظور ڪري فوري اسپتال کي کوليو وڃي.

عثمان شاهه هڙي:عثمان شاهه هڙي ويجهو ڳوٺ ملو ميرجت ۾ قائم ڊسپينسري 16 سالن کان غيرفعال بڻيل آهي

ڏوڪري ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ ڪڻڪ جو بمپر فصل تيار ٿي مارڪيٽ ۾ اچي ويو

ڪڻڪ جو بمپر فصل تيار ٿي مارڪيٽ ۾ اچڻ باوجود سرڪاري خريداري مرڪز نه کلي سگهيا

سرڪاري خريداري سينٽر نه هجڻ ڪري آبادگار واپارين ۽ دوڪاندارن کي سستي اگهه تي ڪڻڪ وڪرو ڪرڻ تي مجبور

وفاق پاران ڪڻڪ جو اگهه 3600 تائين مقرر ڪيو ويو آهي پر واپاري 2500 کان 3000 تي ڪڻڪ خريد ڪري رهيا آهن: آبادگار

ڏوڪري: ڪڻڪ جو بمپر فصل تيار ٿي مارڪيٽ ۾ اچي ويو

ڏوڪري (ن ع) ڏوڪري ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي ڳوٺن ۾ ڪڻڪ جو فصل پچي تيار ٿي مارڪيٽ ۾ اچي ويو آهي، پر هن وقت تائين سرڪاري خريداري مرڪز نه کلي سگهيا آهن. جڏهن ته ڳوٺ بلهڙيجي، ڪاڪري، سيهڻ سامٽيا، وڪڙ، ٻگي، مانڌيون، ڪاراٽي، ٻٺڙا، وڏي وهڻي، محرابپور ۽ ٻين هنڌن تي ڪڻڪ جو فصل تيار ٿي ويو آهي ۽ وڏي پيماني تي لاٻارا هلندڙ آهن جڏهن ته آبادگار ۽ هارين ٿريشر هلائڻ به شروع ڪري ڇڏيا آهن پر سرڪار پاران هن وقت تائين تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ به خريداري مرڪز نه کوليو ويو آهي جڏهن ته آبادگار ۽ هاري واپارين ۽ دوڪاندارن کي سستي اگهه تي ڪڻڪ وڪرو ڪرڻ تي مجبور آهن ان موقعي تي آبادگارن فاروق احمد شيخ ضمير احمد ڪوڪر نور احمد، غلام حسين، اختيار جهتيال ۽ ٻين ڳوٺاڻن احتجاج ڪندي هتي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ڪڻڪ جو فصل لهي ويو آهي پر ڪڻڪ جو خريداري جو مرڪز نه کوليو ويو آهي، هنن چيو ته اسان واپارين ۽ دوڪاندارن کي سستي اگهه تي ڪڻڪ وڪرو ڪرڻ تي مجبور آهيون. هنن وڌيڪ ٻڌايو ته واپاري اسان کان ڪڻڪ پنجويهه 2500 سئو کان 3000 هزار تي خريد ڪن ٿا جڏهن ته سرڪاري اگهه 3600 سئو آهي پر تنهن هوندي به اسان جو خرچو به نٿو نڪري سگهي هنن وڌيڪ چيو ته ڪڻڪ جو اگهه گهٽ ۾ گهٽ 4 هزار کان 45 سئو تائين ڪڻڪ جو اگهه ملي ته پوءِ اسان کي ڪجهه فائدو ملندو هنن وڌيڪ چيو ته في ايڪڙ ۾ جيڪڏهن خرچ جو حساب ڪيو ويندو ته 25 هزار کان 3 هزار تائين في جريب تي خرچ ٿي ٿو وڃي. جنهن ۾ هر ٻاڻ لاٻارو ٿريشر مزدوري سميت ايترو خرچ اچي ٿو وڃي. هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان کي بهتر اگهه ڏنا وڃن ته جيئن اسان پنهنجو ڪيل خرچ ڪڍي علاوه پنهنجو گهرجو گذران ڪري سگهون هوڏانهن واپاري زوار رستم علي گاڏهي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته هن وقت تائين خريداري مرڪزي سينٽر ناهن کوليا ويا جڏهن ته وفاق پاران ڪڻڪ جو اگهه 3600 سئو تائين مقرر ڪيو ويو آهي جنهن ۾ هارين کي اسان رخت تي هر پاڻ جي رقم لکين روپيه اڳواٽ ڏيون ٿا پوءِ هاري مجبور ٿي اسان کي ڪڻڪ گهٽ اگهه تي ڏين ٿا آبادگارن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ضلعي انتظاميه کان مطالبو ڪيو آهي ته ڪڻڪ جي سرڪاري اگهه ۾ واڌ ڪري 5 هزار في مڻ مقرر ڪري اسان جي بيچيني ختم ڪئي وڃي

جهڏي تعلقي ۾ ڪڻڪ جو نئون فصل مارڪيٽ ۾ اچڻ باوجود اٽي جي اگهه ۾ لاٿ نه آئي

ڪڻڪ جو اگهه 2800 ۽ اٽي جو اگهه 4200 کان 4400 روپيه مقرر هجڻ سبب پورهيت ٻن ويلن جي ڳيهي ٽڪر لاءِ پريشان

چڪي مالڪن توڙي فلور ملز وارن جي هٽ ڌرمي قائم ڪندي اٽي جي ريٽ ۾ ڪا گهٽتائي نه آندي آهي: رهواسي

فوڊ کاتي جي عملدارن توڙي چڪي ۽ فلور ملز خلاف قدم کڻي، اٽي جي اگهه ۾ لاٿ آڻي، رليف ۽ انصاف ڪيو وڃي

نفيس نگر (ن ع) جهڏي تعلقي جي مختلف علائقن نفيس نگر فضل پنهور روشن آباد آهوري سلور موري نئون ڪوٽ ڪوٽ ميرجان محمد جهڏو ڳهگر موري ۽ هنڌن تي سوئين ايڪڙن تي پوکيل ڪڻڪ جو نئون فصل لهڻ ۽ مارڪيٽ ۾ ڪڻڪ 2800 کان 3000 روپيه في مڻ وڪرو ٿيڻ باوجود اٽي جي ريٽ ۾ ڪا به گهٽتائي نه ٿي سگهي آهي جڏهن ته چڪي مالڪن توڙي فلور ملز مالڪن جي اڃان تائين هڪ هٽيءَ برقرار آهي جنهن سبب پورهيت ۽ مزدور طبقو بکون ڪاٽڻ تي مجبور بڻيل آهي ان حوالي سان پورهيتن توڙي مزدورن غريب نواز پوڙهو گشڪوري علي گوهر محب پيل ۽ ٻين ڏانهيندي ٻڌايو ته مارڪيٽ ۾ نئين ڪڻڪ 2800 کان 3000 روپيه في مڻ وڪرو ٿيڻ باوجود چڪي مالڪن توڙي فلور ملز وارن جي هٽ ڌرمي قائم ڪندي اٽي جي ريٽ ۾ ڪا گهٽتائي نه آندي آهي جنهن سبب 4200 کان 4400 روپيه في مڻ حساب سان اٽو وڪرو ڪيو پيو وڃي جيڪا اسان پورهيتن سان سراسر زيادتي آهي هنن سنڌ حڪومت ۽ چونڊيل نمائيندن کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته فوڊ کاتي جي عملدارن توڙي چڪي ۽ فلور ملز خلاف قدم کڻي انصاف ڪيو وڃي.

مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ احتجاج جاري

خون سان انصاف ڪرڻ لاءِ 12 ڏينهن به وارثن پاران احتجاج ڪيو ويو، نعريبازي

اسان جي ماڻهن کي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري 10 مهينن کان جيل ۾ بند ڪيو ويو آهي: مظاهرين

مورو: سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ احتجاج جاري

مورو (ن ع) مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ ۽ شهيد نوجوان عرفان لغاري ۽ زاهد لغاري جي خون سان انصاف ڪرڻ لاءِ 12 ڏينهن به وارثن پاران نياڻين شاگردن شاگرديائين والدين شهرين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن سول سوسائٽي مورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو معصوم نياڻين پنهنجن پيارن جي آزادي لاءِ پنهنجن هٿن کي زنجيرن ٻڌي سخت احتجاج ڪيو ان موقعي تي سماجي اڳواڻ سيد امير علي شاهه وارثن اسرار احمد پٽي نصير احمد ڪوڪر علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو درشن لغاري منظور لغاري وسيم سجاد لغاري محسن علي رستماڻي ۽ ٻين چيو ته هن ملڪ جو آئين ۽ قانون اهو چوي ٿو ته ڪيس داخل ٿيڻ کان پوءِ انصاف لاءِ عدالتون موجود آهن ڏوهي ۽ بي ڏوهي جو فيصلو عدالتون ڪنديون پر پوليس غريب مسڪين بي سهارا ماڻهن هارين پورهيتن مزدورن استادن شاگردن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري 10 مهينن کان جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي ڪيس به ڪون ٿا هلائين ۽ ضمانتون به ڪرڻ نٿيون ڏنيون وڃن ملڪ جي آئين ۽ قانون سان انحرافي ڪري رهيا آهن ڳوٺ لغاري ٻجراڻي ۽ شهر سان 60 بيگناهه قيدي جيل ۾ واڙيا پيا آهن انهن جي ملاقات به بند آهي اهو جبر ظلم ڏاڍ ناهي ته ٻيو ڇا آهي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ڏيهي توڙي پرڏيهي انساني حقن جي تنظيمن ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته حڪمرانن جي ظلم جو نوٽيس وٺي مورو سانحي جي بيگناهه قيدين تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪري آزاد ڪيا وڃن جيڪڏهن اهي مظلوم قيدي ڏوهي آهن ته انهن جو ڪيس عدالتن ۾ هلايو وڃي غريب بي سهارا ماڻهن کان انصاف نه ڪيو وڃي هنن چيو ته جيستائين بي گناهه قيدي آزاد نه ٿيندا اسان جو احتجاج جاري رهندو

ڪرڙي ڪبير ۾ پ پ جي اڳوڻي ڪائونسلر جي ساٿين سميت درگاهه هالائي شريف تنظيم ۾ شموليت

ڪرڙي ڪبير (ن ع) هالائي ٽائون وارڊ نمبر 2 پ پ پ جي سابق ڪائونسلر زاهد حسين ٻانهڻ هڪ هزار ساٿين سميت پ پ پ کي ڇڏي ايڊووڪيٽ مفتي سيد حماد الله شاهه جي هٿ تي درگاهه هالائي شريف تنظيم ۾ اچڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو زاهد ٻانهڻ اهڙو اعلان پنهنجي اوطاق تي آيل سوين برادري ماڻهن جي ميڙاڪي ۾ ڪيو ان دوران ايڊووڪيٽ مفتي سيد حماد الله شاهه ايڊووڪيٽ سيد اسد الله شاهه ۽ درگاهه هالائي شريف جماعت جا ٻيا ڪافي اڳواڻ موجود هئا.ان موقعي تي زاهد حسين ٻانهڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ کان پنهنجي مڪمل برادري ۽ دوستن سميت سياسي سماجي طور تي درگاهه هالائي شريف تنظيم سان مرڻ گهڙي تائين وفادار ٿي ڪري گڏ رهنداسين هن وڌيڪ چيو ته اسان جي ڳوٺ کي پ پ پ هر دفعي ترقياتي ڪمن توڙي نوڪرين ۾ ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو هو ڏانهن ڪندا رهياسين پر ڪنهن به تدارڪ نه ڪيو اسان هزارين ووٽ وڃائي به پ پ پ کي اڄ تائين ووٽ ڏيندا رهيا آهيون پر پ پ پ وارن غريب ووٽرن جو قدر ڪرڻ بدران

اسان سدائين عوام جي خدمت ڪئي آهي: آپريشن ڊائريڪٽر سيپڪو

سمورن ايس ڊي اوز لائين سپرنٽنڊنٽ لائين مينن کي رڪوري جو ٽارگيٽ ڏنو ويو آهي

توانائي وزارت جي هدايتن تحت بجلي جي رڪوري ڪري عوام کي بجلي فراهم ڪئي وڃي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ ڊويزن جي سمورن ايس ڊي اوز لائين سپرنٽنڊنٽ لائين مينن کي رڪوري جو ٽارگيٽ ڏنو ويو آهي جيڪي سمورا ٽارگيٽ ڪرڻا آهن ڪوتاهي برداشت نه ڪبي اهڙو اظهار آپريشن ڊائريڪٽر سيپڪو سکر مشتاق حسين ٻرڙي ڊويزن ميهڙ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته منسٽري آف توانائي جي هدايتن تحت بجلي جي رڪوري ڪري عوام کي بجلي فراهم ڪئي وڃي ميهڙ ڊويزن سب ڊويزن جي عملدارن کي ٽن ڏينهن ٽارگيٽ ڏنو آهي جيڪو مڪمل ڪندا ڪوتاهي نه ڪندا هن وڌيڪ چيو ته اسان سدائين عوام جي خدمت ڪئي آهي ڪنهن سان به ڪا ناجائزي ڪرڻ نه ڏينداسين ڪنهن شهري سان ڪو مسئلو آهي ته اي سي دادو ايڪسئين ميهڙ سان رابطو ڪن سندن مسئلا حل ڪيا ويندا ان موقعي تي سپرنٽنڊنٽ انجنيئر سرڪل دادو مظفر حسين کهاوڙ ايڪسئين حبيب الله پنهور پيغام يونين جي ريجنل چيئرمين لياقت علي مهيسر صحافي نعمت الله مهيسر پڻ موجود هئا

علائقي جا مسئلا جلد حل ڪرايا ويندا: ڪاظم شاهه لڪياري

سنڌ حڪومت تعليم، صحت سميت ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڪوشان آهي

آمريڪا اسرائيل جي ايران سان جنگ جا اثرات سموري خطي تي پئجي رهيا آهن

هنگورجا (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر پيرسيد ڪاظم علي شاهه لڪياري چيو آهي ته سنڌ حڪومت تعليم صحت سميت ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ ڪوشان آهي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ترجيحي بنيادن تي ترقياتي ڪم ٿي رهيا آهن آمريڪا مجاهد چنو پاران ڏنل عيدملن پارٽي جي تقريب کي خطاب ڪندي سينيئر پيرسيد ڪاظم علي شاهه لڪياري وڌيڪ چيو آهي ته هنگورجا رسول آباد سميت علائقي جا مسئلا جلد حل ڪرايا ويندا. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري ملڪ سموري بحرانن مان ڪڍي سگهي ٿو ايندڙ وقت

قبوسعيدخان پريس ڪلب جي سال 2026 جي چونڊ

پريس ڪلب قبوسعيدخان جا سمورا عهديدار بنا مقابلي ڪامياب

سرپرست اعليٰ عبدالخالق ڪوسو ۽ صدر رياض حسين جمالي منتخب

شهدادڪوٽ (ڊ ر) قبوسعيدخان پريس ڪلب جي سال 2026 جي چونڊ پريس ڪلب قبوسعيدخان ۾ تمام ميمبرن جي صلاح مشاورت سان ٿي گذري، چونڊ ۾ پريس ڪلب قبوسعيدخان جا سمورا عهديدار بنا مقابلي ڪامياب ٿي ويا. ڪاميابي ماڻيندڙ عهديدار ۾ سرپرست اعليٰ عبدالخالق ڪوسو صدر رياض حسين جمالي، سينيئر نائب صدر ماجد حسين ڪمبوهه، نائب صدر محمد معشوق مگسي، جنرل سيڪريٽري خادم حسين جاگيراڻي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عجب خان مگسي، انفارميشن سيڪريٽري گلزار احمد ڪوسو، پريس سيڪريٽري ثناءُ الله ڪوسو آفيس سيڪريٽري سرفراز احمد ڪوسو چونڊيا ويا آهن چونڊيل باڊي 31 ڊسمبر 2026 تي ختم ٿي ويندي هوڏانهن ڪاميابي ماڻڻ تي پريس ڪلب قبوسعيدخان جي چونڊيل نئين عهديدارن کي پريس ڪلب شهدادڪوٽ جي عهديدارن ميمبرن سياسي سماجي اڳواڻن ۽ شهرين هار پارائي مبارڪباد پڻ پيش ڪئي

شهدادڪوٽ: پريس ڪلب قبوسعيدخان جا سمورا عهديدار بنا مقابلي ڪامياب

ٽنڊوالهيار جي نوجوان اڳواڻ جي امداد خان پتافي سان ملاقات

امداد خان پتافي کي رئيس علي احمد رند لُنگي اوڍائي عمره جي مبارڪ ڏني

پنهنجي تڪ جي عوام لاءِ امداد خان پتافي مسيحا آهي: رئيس علي احمد رند

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) پ پ ضلع ٽنڊوالهيار جي نوجوان اڳواڻ رئيس علي احمد رند پ پ ايم پي اي امداد خان پتافي سان ملاقات ڪري کيس عمره ادائيگي تي مبارڪباد ڏني ۽ سنڌ جي ثقافتي لنگي جو تحفو پڻ پيش ڪيس ان حوالي سان پ پ ضلع ٽنڊوالهيار جي نوجوان اڳواڻ رئيس علي احمد رند جو چوڻ آهي ته امداد پتافي عوام جو هڏڏوکي اڳواڻ آهي، کيس عوامي اهنجن جو اونو هوندو آهي اهو ئي سبب آهي جو هُو ڏينهن رات عوام جي خدمت ۾ رُڌل رهي ٿو پنهنجي تڪ جي عوام لاءِ امداد خان پتافي مسيحا آهي.

حيدرآباد: امداد خان پتافي کي رئيس علي احمد رند لنگي اوڍائي عمره جي مبارڪ ڏني

صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر لاڙڪاڻو جي کلي ڪچهري

حاضر سروس ۽ رٽائر سرڪاري ملازمن جا مسئلا بنا دير جي حل ڪيا وڃن: علي اڪبر جاگيراڻي

جن به ملازمن جون رقمون خاص طور تي جي پي فنڊ ۽ پينشن رهيل آهن فوري ادا ڪيون وڃن

لاڙڪاڻو (رپورٽ: عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر لاڙڪاڻو علي اڪبر جاگيراڻي چيو آهي ته حاضر سروس ۽ رٽائر سرڪاري ملازمن جا مسئلا بنا دير جي حل ڪيا وڃن پگهارون، پينشن جي پي فنڊ ۽ ٻيون رقمون قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ کانپوءِ ادا ڪيون وڃن ۽ جن بابت رڪاوٽون درپيش آهن انهن کي اي جي سنڌ ڏانهن موڪليو وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس لاڙڪاڻو ۾ ملازمن جي مسئلن جي حل جي سلسلي ۾ منعقد ڪيل هڪ کليل ڪچهريءَ ۾ ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته جن به ملازمن جون رقمون خاص طور تي جي پي فنڊ ۽ پينشن رهيل آهن انهن کي وقت سر ادائگي ڪيون وڃن ته جيئن کين ڪا ب تڪليف درپيش نه اچي. هن وڌيڪ چيو ته انهن ملازمن بابت تفصيلي رپورٽ ڏني وڃي جن کي ادائگيون ڪيون ويون آهن ۽ جن کي ادائگيون نه ٿيون آهن انهن بابت پڻ ٻڌايو وڃي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر لاڙڪاڻو ضمير حسين ڪوڪر ڳالهائيندي چيو ته سڀني ملازمن جا مسئلا حل ڪيا وڃن ٿا ۽ ڪنهن به قسم جي دير نه ڪئي پئي وڃي پر ان لاءِ ضروري آهي ته ملازمن جا گهربل ڪاغذات پورا هئڻ گهرجن ۽ قانوني گهرجون پوريون هئڻ گهرجن. کليل ڪچهريءَ ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر لاڙڪاڻو عبدالفتاح سومرو آفيس جي عملي کي هدايتون ڏيندي چيو ته جن ماڻهن جا ڪيس خاص طور تي جي پي فنڊ ۽ ٻيون رقمون رهيل آهن اهي اڪلايون وڃن. کليل ڪچهريءَ ۾ تقريبن 12 وصول ٿيون جن کي وقت سر اڪلايو ويو درخواستگذارن ۾ نذير احمد عيساڻي نجم الدين حڪيم علي بروهي، مسمات صفيه باني ديدار علي چنو ۽ ٻين پنهنجون درخواستون پيش ڪيون جن تي احڪامات جاري ڪيا ويا. کليل ڪچهريءَ ۾ اڪائونٽنٽ حامد علي ابڙو عرفان علي عمراڻي نعيم احمد سولنگي آڊيٽر ۽ ٻيا واسطيدار پڻ موجود هئا.

ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر لاڙڪاڻو

لاڙڪاڻو: صوبائي محتسب سنڌ جي ريجنل ڊائريڪٽر لاڙڪاڻو جي کلي ڪچهري

گڏاپ ٽائون جي چيئرمين رين ايمرجنسي نافذ ڪري ڇڏي

ٽائون ۾ هنگامي بنيادن تي مؤثر انتظامات کي يقيني بڻايو پيو وڃي: چيئرمين

هيوي مشينري ۽ ڊي واٽرنگ پمپس کي مڪمل طور تي فعال ۽ تيار رکيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ ۽ ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز امڪاني برساتن کي نظر ۾ رکندي رين ايمرجنسي نافذ ڪري ڇڏي آهي جنهن تحت گڏاپ ٽائون ۾ هنگامي بنيادن تي مؤثر انتظامات کي يقيني بڻايو پيو وڃي. سڀني لاڳاپيل عملي کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو آهي جڏهن ته سپرنٽينڊنٽ انجنيئر (M&E) نور علي جمالي ۽ اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر وسيم آرائين پاران هيوي مشينري ۽ ڊي واٽرنگ پمپس کي مڪمل طور تي فعال ۽ تيار رکيو ويو آهي ته جيئن برسات دوران گڏ ٿيندڙ پاڻي جي فوري نيڪال کي ممڪن بڻائي سگهجي. ان کان علاوه ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ جي سربراهي ۾ مکيه شاهراهن نشيبي علائقن ۽ اهم گذرگاهن جي چوڌاري صفائي ستھرائي جا خاص انتظام به مڪمل ڪيا ويا آهن ته جيئن نيڪال آب جي نظام ۾ ڪا به رڪاوٽ پيدا نه ٿئي. چيئرمين طارق عزيز بلوچ هن موقعي تي چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ اسان جي پهرين ترجيح آهي ۽ متوقع برساتن کي نظر ۾ رکندي سڀئي اڳواٽ قدم مڪمل ڪيا ويا آهن. هن وڌيڪ چيو ته سڀئي موجود وسيلا استعمال ڪندي ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل تياري موجود آهي جڏهن ته عملي کي مڪمل طور الرٽ رکيو ويو آهي ۽ نيڪال آب جي نظام کي هرحال ۾ فعال رکڻ لاءِ مسلسل ڪم جاري آهي. گڏاپ ٽائون جي عوام کي هر ممڪن رليف فراهم ڪرڻ اسان جي ذميواري آهي ۽ هن سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي يا ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز چيو ته مختلف علائقن جي لڳاتار نگراني ڪئي پئي وڃي ۽ فيلڊ ۾ موجود عملي کي ڪنهن به شڪايت جي فوري ازالي لاءِ متحرڪ رکيو ويو آهي ته جيئن برسات دوران گڏاپ ٽائون جي شهرين کي گهٽ ۾ گهٽ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ۽ نيڪال آب جو نظام مؤثر نموني جاري رهي سگهي.

سيوهڻ ۾ گئس جي بندش ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف عدالت ۾ درخواست

هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف شهري وڪيلن پاران عدالت ۾ داخل درخواست تي ٻڌڻي

عدالت پاران گئس عملدارن کي 5 ڏينهن اندر گئس فراهمي درست ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم

سيوهڻ (ن ع) قلندر شهباز جي نگري ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي چونڊ تڪ سيوهڻ شهر ۾ گهريلو صارفين لاءِ گئس جي بنا جواز بندش ۽ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف وڪيل برادري پاران ايڊووڪيٽ غلام مرتضيٰ ملاح ۽ ايڊووڪيٽ عبدالرحمان ملاح جي مدعيت ۾ فرسٽ سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ سيوهڻ جي عدالت ۾ داخل ڪرايل درخواست تي ڪالهه ٻڌڻي ٿي گذري، جنهن ۾ گئس کاتي سيوهڻ جي ايس ڊي او سميت ٻيا عملدار پيش ٿيا جڏهن ته سيوهڻ بار جي ٻين وڪيل اڳواڻن ايڊووڪيٽ غلام مرتضيٰ ملاح، ايڊووڪيٽ عبدالرحمان ملاح ايڊووڪيٽ جي ايم اولو ايڊووڪيٽ غلام علي پٿي، ايڊووڪيٽ محمد عثمان سهاڻ ۽ ٻيا وڪيل پڻ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران ايڊووڪيٽ عبدالرحمان ملاح ۽ ايڊووڪيٽ غلام مرتضيٰ ملاح عدالت ۾ موقف پيش ڪندي چيو ته سيوهڻ اندر گئس جي اڻهوند سبب ماڻهو ايل پي جي سلينڊر ٻارڻ تي مجبور آهن جيڪو خطرناڪ عمل آهي جيڪڏهن ڪو به جاني نقصان ٿيو ته ان جو ڪيس گئس عملي مٿان داخل ڪيو وڃي. هن جديد دور ۾ شهري گئس عملي جي نااهلي جي ڪري بنيادي سهولتن کان محروم آهن جلد گئس جي فراهمي يقيني بڻائي شهرين کي خطرناڪ سلينڊرن کان بچايو وڃي جنهن ۾ انصاف جي ٻهڪري ٿيندي، ٻڌڻي دوران عدالت گئس عملدارن کي سختي

مهراڻ يونيورسٽي ۾ توانائي، ماحوليات ۽ جٽادار ترقي جي موضوع تي عالمي ڪانفرنس جي پڄاڻي

ماحولياتي معاملا تمام اهم آهن حڪومت، صنعتي ادارن ۽ تدريسي ادارن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو: عديل شاهد

ماحولياتي، معاشي ۽ ٽيڪنالاجي جي حساب سان ڪانفرنس جو موضوع وقت جي ضرورت آهي: وقار حسين ڦلپوٽو

حڪومت تيل بچائڻ لاءِ تعليمي ادارا بند ڪيا آهن جيڪا ڳالهه افسوس جهڙي آهي تعليمي ادارا بند نه ٿيڻ گهرجن: ڊاڪٽر اسلم عقيلي

EESD 2026
8th INTERNATIONAL CONFERENCE ON ENERGY ENVIRONMENT & SUSTAINABLE DEVELOPMENT 2026
MARCH 25th-26th 2026
THEME: DIGITAL INNOVATION FOR CLIMATE RESILIENCE AND SUSTAINABILITY
ORGANIZED BY

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي ۾ توانائي، ماحوليات ۽ جٽادار ترقي جي موضوع تي عالمي ڪانفرنس جي پڄاڻي

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو پاران توانائي، ماحوليات ۽ جٽادار ترقي جي موضوع تي منعقد ڪيل ٻن ڏينهن واري عالمي ڪانفرنس جي اختتامي تقريب واڻ سينٽر مهراڻ يونيورسٽي جي آڊيٽوريم ۾ خميس جي ڏينهن ٿي گذري. تقريب کي خطاب ڪندي ڪاٽا ٽيڪسٽائل ملز جي چيف آپريٽنگ آفيسر عديل شاهد چيو ته ماحولياتي معاملا تمام اهم آهن حڪومت، صنعتي ادارن ۽ تدريسي ادارن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو اسان وٽ ماحولياتي خطرا وڌيڪ آهن سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي جي ڊائريڪٽر جنرل وقار حسين ڦلپوٽو چيو ته ماحولياتي، معاشي ۽ ٽيڪنالاجي جي حساب سان ڪانفرنس جو موضوع وقت جي ضرورت آهي اسان 2022 جهڙي سيلاب مان گذري چڪا آهيون جنهن جا اثرات به موجود آهن هن چيو ته صنعتي ادارا خاص طور شگر ملون ۽ ٽيڪسٽائل جون ملون پاڻي استعمال ڪن ٿيون پاڻي جي استعمال ۽ ٻيهر استعمال جا جيڪي ماحول دوست طريقا آهن اهي اپنائڻ جي ضرورت آهي اسان وٽ شهرڪاري وڌي رهي آهي اربنائيزيشن کي ڏسڻ جي ضرورت آهي اها ايتري وڌي پئي جو انڪ اکر موجود ناهن هن چيو ته صنعتي ادارن کي ذميواري سان ڪم ڪرڻ گهرجي جيڪا ادا نه پئي ٿئي سيپا جي ڊائريڪٽر جنرل چيو ته ڪلائيميٽ چينج جو جدا ڊائريڪٽوريٽ آهي هن چيو ته سنڌ ڪلائيميٽ چينج پاليسي جڙي چڪي آهي حڪومت سنڌ ڊيڪاربنائيزيشن تي ڪم ڪري رهي آهي تازوئي اي گورننس جو هڪڙو منصوبو ڪراچي ۾ ڪلڪ جي نالي سان شروع ڪيو ويو آهي هن چيو ته سيپا مختلف 9 ادارن کي 130 جي لڳ ڀڳ ماحولياتي منظوريون آن لائين طريقي سان ڏنيون آهن درخواستون به آن لائين وصول ڪيون هن چيو ته سيپا هوا کي مانيٽر ڪرڻ لاءِ ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ آٽو مشين جي مدد ذريعي شروعات ڪئي آهي هن چيو ته سيپا سميت ڪوبه ادارو ۽ ايجنسي اڪيلي سر پنهنجا هدف حاصل نٿا ڪري سگهن جيستائين لاڳاپيل پائيدار پنهنجو سرگرم ڪردار ادا نٿا ڪن اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي مهراڻ يونيورسٽي جي اڳوڻي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسلم عقيلي چيو ته حڪومت تيل بچائڻ لاءِ تعليمي ادارا بند ڪيا آهن جيڪا ڳالهه افسوس جهڙي آهي تعليمي ادارا بند نه ٿيڻ گهرجن حڪومت جي ڏکين اعلانن باوجود هي ڪانفرنس ٿي آهي هن چيو ته اسان محققن استادن ۽ ماهرن جو ڪم آهي تحقيق ڪري ان جو نتيجو ٻڌائڻ حڪومتن کي تجويز ڪرڻ عمل ڪرائڻ ڪم حڪومت جو آهي اسان وٽ حڪومت ۽ حڪمراني جي حوالي سان اسان غريب آهيون ڊاڪٽر محمد اسلم عقيلي چيو ته حڪومت جو چوڻ آهي ته 6 سيڪٽرز بجلي متبادل ذريعن مان پيدا ڪئي پئي وڃي جڏهن ته عوام ان کان وڌيڪ متبادل توانائي جا ذريعا استعمال ڪري رهي آهي هن چيو ته بحث ٿيڻ گهرجن ڳالهه هلڻ گهرجي ڳالهه اڳتي وڌندي ته اسان جو مستقبل سمجهدار ۽ باخبر هوندو ۽ خطرن کان محفوظ هوندو توانائي جا معاملا وفاقي سبجيڪٽ هجڻ ڪري رلي ويندا آهن وفاقي حڪومت جا ڪجهه ادارا ۽ فورم نٿا چاهين ته ڪم ٿي سگهي اختتامي تقريب ۾ ماهرن ۽ محققن پاران پيش ڪيل تجويزون پڙهندي ڪانفرنس چيئر ڊاڪٽر تنوير حسين ڦلپوٽو ٻڌايو ته پاڪستان توانائي ۽ ماحولياتي حوالي سان معاشي، سڪيورٽي ۽ ماحولياتي خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي ماهرن مطابق گهٽ خرچ واري بجلي جي پيداوار وڌائي وڃي مقامي متبادل توانائي جي پيداواري ذريعن تي ڪم وڌايو وڃي، سنڌ جي ماحولياتي تبديلي جي پاليسي تي نظرثاني ڪئي وڃي، بجلي جي پيداوار جي ٽيڪسن ۽ خرچن کي گهٽايو وڃي، ٽيرف تي نظرثاني ڪئي وڃي، گرڊ جي ماڊلائزيشن ۽ ڊيجيٽلائزيشن تي ڌيان ڏنو وڃي ماهرن مطابق مني گرڊ کي هٿي وٺرائي وڃي، عورتن کي توانائي جي منصوبن ۾ شريڪ بڻائڻ جي ضرورت آهي ته پڄاڻي لاءِ اليڪٽريڪل ذريعا استعمال ڪيا وڃن ته جيئن ماحول کي نقصان پهچائيندڙ ٻارڻ استعمال نه ڪرڻو پئي ڪلائيميٽ فنانس جوڙڻ ۽ پيدا ڪرڻ جي ضرورت آهي ماحول کي محفوظ بنائڻ لاءِ فطري طريقن تي عمل درآمد جي ضرورت آهي ماهرن تجويز ڪيو آهي ته ٻارڻ بعد ماحول ۾ ڦهلجندڙ ڪاربان جي ماپ تور تمام ضروري آهي انهي کي سينسرس ۽ مصنوعي ذهانت جي ذريعي ماپيو وڃي ماهرن مطابق ڪلائيميٽ، متبادل توانائي جي ذريعن ۽ ماحولياتي ترقي جي موضوعن کي ڊگري پروگرامن جو حصو بڻايو وڃي ڊاڪٽر تنوير مطابق ماهرن تجويز ڪيو آهي ته هي وقت آهي مٿين تجويزن تي عمل ڪري پنهنجي مستقبل کي محفوظ بنائڻ جو هي بهترين گهڙي آهي ڪانفرنس جي ميزبان پروفيسر ڊاڪٽر عبدالرزاق سهتو چيو ته اٺين ڪانفرنس آهي جنهن ۾ 130 تحقيقي مقالا پيش ٿيڻ لاءِ وصول ٿيا جن مان چنڊ ڇاڻ بعد ماحوليات، توانائي ۽ ترقي جي موضوع تي 66 قبول ۽ ڪانفرنس ۾ پيش ڪيا ويا جڏهن ته 59 پوسٽرس جي نمائش منعقد ٿي گذري هن چيو ته اهڙين ڪانفرنسن ۽ پيش ٿيل تحقيقي مقالا ڄاڻ ۽ ڏاهپ پيدا ڪندا جيڪا موجود زندگي جي ڀلائي لاءِ ڪم ايندي هن چيو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ صنعتي ادارن لاءِ اعلي تعليمي ادارن جي تحقيق تمام اهم آهي اها ئي رستو ۽ ذريعو تجويز ڪندي آهي تقريب ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر خانجي هريجن، اڪروما پاڪستان جي ساجد احمد جوڻيجو مهراڻ يونيورسٽي جي پروفيسرن محققن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي

مسوپرڳڙي کان نيشنل هاءِ وي حيدرآباد تائين روڊ جي مرمت لاءِ احتجاج

پورهيت مزاحمت تحريڪ حيدرآباد پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

جيڪڏهن روڊ جي تعمير جو ڪم جلد شروع نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: اڳواڻ

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي کان نيشنل هاءِ وي حيدرآباد تائين لڳ ڀڳ ٽي ڪلوميٽر ڊگهو روڊ مرمت نه ٿيڻ سبب علائقي واسين کي سخت سفري مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي روڊ جي خسته حالت ڪري روزانو ايندڙ ويندڙ ماڻهن خاص طور مزدورن شاگردن ۽ بيمارن کي ڏکيائين کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته ڪيترن ئي سالن کان روڊ جي مرمت لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي درخواستون ڏنيون ويون آهن پر هن وقت تائين ڪو به سنجيده قدم نه کنيو ويو آهي روڊ تي کڏن ۽ مٽي سبب نه صرف سفر مشڪل ٿي ويو آهي پر حادثن جو خطرو پڻ وڌي ويو آهي ان مسئلي خلاف پورهيت مزاحمت تحريڪ حيدرآباد پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ علائقي جي ماڻهن شرڪت ڪئي مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي حڪومت ۽ لاڳاپيل ادارن خلاف نعريبازي ڪئي پورهيت مزاحمت تحريڪ جي اڳواڻن دوست علي لغاري، ڪامريڊ نثار لغاري ۽ ٻين جو چوڻ هو ته جيڪڏهن روڊ جي تعمير جو ڪم جلد شروع نه ڪيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو. هنن حڪومت کان فوري طور تي روڊ جي مرمت ۽ تعمير جو مطالبو ڪيو ته جيئن عوام کي رليف ملي سگهي. احتجاج ڪندڙن اختيارين کي اپيل ڪئي ته عوامي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي، ڇو ته هي روڊ علائقي جي ماڻهن لاءِ اهم گذرگاهه آهي.

ڊگهڙي سميت سڄي سنڌ جي ٿاڻن کي ماڊل طرز تي تبديل ڪيو ويندو: ايس ايس پي ميرپورخاص

ميرپورخاص ۾ مجموعي طور امن امان جي صورتحال بهتر آهي، تازو هڪ موبائل اسنيچر گينگ کي گرفتار ڪيو آهي

موٽر سائيڪل چور گينگ کي به گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته 125 کان وڌيڪ منشيات فروشن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

پوليس پراپرٽي تي ڪا به شاپنگ سينٽر يا ٻي ڪمرشل سرگرمي نه ڪئي ويندي: ڊگهڙي ٿاڻي جي دوري دوران صحافين سان ڳالهه ٻولهه

ڊگهڙي (ن ع) ڊگهڙي سميت سڄي سنڌ جي ٿاڻن کي ماڊل ٿاڻن جي طرز تي تبديل ڪيو ويندو ته جيئن شهري انهن کي محفوظ ۽ دوستانه جڳهه سمجهي بنا ڪنهن خوف جي پنهنجي مسئلن جو حل ڪرائڻ لاءِ اچي سگهن. اها ڳالهه ايس ايس پي ميرپورخاص سيد فدا حسين شاهه ڊگهڙي ٿاڻي جي دوري دوران صحافين سان ڳالهائيندي ڪئي.هن چيو ته آءِ جي سنڌ جي ويزن تحت صوبي جي سڀني ٿاڻن کي ماڊل ٿاڻن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ڪم جاري آهي ۽ ڊگهڙي پوليس اسٽيشن کي به جديد ۽ عوام دوست بڻايو پيو وڃي ته جيئن عوام ان کي پڪنڪ پوائنٽ وانگر محفوظ محسوس ڪري ايس ايس پي واضع ڪيو ته سائلين سان ڪنهن به پوليس آفيسر يا اهلڪار جي بدتميزي هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. ان موقعي تي ڊي ايس پي ڊگهڙي خدا بخش ٿيٻو ايس ايڇ او ڊگهڙي آفتاب رند ۽ ٻيا پوليس آفيسر به موجود هئا.صحافين پاران منشيات جي روڪٿام ۽ امن امان بابت پڇيل سوال تي ايس ايس پي چيو ته ميرپورخاص ضلعي ۾ مجموعي طور امن امان جي صورتحال بهتر آهي. تازو پوليس هڪ موبائل اسنيچر گينگ کي گرفتار ڪيو آهي جنهن وٽان 15 کان وڌيڪ موبائل هٿ ڪيا ويا آهن. جڏهن ته هڪ ٻئي وڏي گينگ جي گرفتاري لاءِ به ڪارروائي جاري آهي.هن وڌيڪ ٻڌايو ته موٽر سائيڪل چور گينگ کي به گرفتار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته 125 کان وڌيڪ منشيات فروشن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ۽ 50 کان وڌيڪ شراب جون پيٽيون ڊاهي پٽ ڪيون ويون آهن.ايس ايس پي جو چوڻ هو ته پوليس پراپرٽي تي ڪا به شاپنگ سينٽر يا ٻي ڪمرشل سرگرمي نه ڪئي ويندي، جڏهن ته ميرپورخاص سميت سڄي ضلعي ۾ سيف سٽي ڪيمرا پڻ لڳايا ويندا.گرفتار ڏوهارين کي سزا ڏيارڻ بابت سوال تي هن چيو ته جاچ دوران پوليس کي ڪيترن ئي پيچيدگين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو خاص ڪري گواهن جي ڪورٽ ۽ عدالتن پاران پوليس جي گواهي کي قبول نه ڪرڻ سبب مسئلا پيدا ٿين ٿا. ان حوالي سان جلد عوامي آگاهي لاءِ پروگرام شروع ڪيو ويندو.ان کان اڳ ايس ايس پي ميرپورخاص ڊگهڙي پوليس اسٽيشن جي مختلف شعبن جو دورو ڪيو جتي ڊي ايس پي خدا بخش ٿيٻو ۽ ايس ايڇ او آفتاب رند کين بريفنگ ڏني.

ميرپورخاص: مجموعي طور امن امان جي صورتحال بهتر آهي تازو هڪ موبائل اسنيچر گينگ کي گرفتار ڪيو آهي

سانگهڙ ضلعو معدني وسيلن سان مالا مال آهي: صلاح الدين جوڻيجو

معدني وسيلن سان مالا مال هجڻ باوجود گئس ۽ بنيادي سهولتن کان محروم آهي

قومي اسيمبلي سميت هر فورم تي حقن جي لاءِ آواز اٿاريندو رهندس: ميڊيا سان ڳالهيون

ڪريمه عمر چنو آڊيٽوريم
پريس ڪلب شهدادپور (رجسٽرڊ)

شهدادپور: معدني وسيلن سان مالا مال هجڻ باوجود گئس ۽ بنيادي سهولتن کان محروم آهي

شهدادپور (ن ع) سانگهڙ ضلعو معدني وسيلن سان مالا مال هجڻ باوجود گئس ۽ بنيادي سهولتن کان محروم آهي سپريم ڪورٽ جي حڪم باوجود 5 ڪلو ميٽر جي مفاصلي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ اڄ به گئس روڊ رستا ۽ ٻيون بنيادي سهولتون ناهن ملي سگهيون قومي اسيمبلي سميت هر فورم تي حقن جي لاءِ آواز اٿاريندو رهندس اهڙن خيالن جو اظهار قومي اسيمبلي ميمبر چيئرمين پيٽروليم سوشل ويلفيئر اوبليڪيشن ڪميٽي ضلع سانگهڙ علاءُ الدين المعروف صلاح الدين جوڻيجو شهدادپور پريس ڪلب پاران ڏنل استقباليه کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته اسان جي خاندان جو رڪارڊ رهيو آهي ته اسان ڪڏهن به ترقياتي ڪمن جو افتتاح ناهي ڪيو ۽ سنڌ اندر فيصلن جي امين توڙي پنهنجي ثقافت ڪلچر کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اسان جون خدمتون سڀني سامهون آهن هن چيو ته قومي اسيمبلي ۾ سنڌي اجرڪ سان ٽڪو پائي اچڻ جو اعزاز به مون ئي حاصل آهي علاءُ الدين جوڻيجو چيو ته اسان وسيلن سان مالا مال هجڻ باوجود پنهنجي حقن بنيادي سهولتن ۽ مقامي ماڻهن روزگار کان محروم آهن هن چيو ته ضلع سانگهڙ جي نوجوانن کي روزگار کان محروم رکي ڏارين جي لوڊ کي رکيو ويو آهي پوري ملڪ کي گئس مهيا ڪندڙ سانگهڙ ضلعو گئس تيل کان محروم آهي

پيپلز پارٽي عوامي جمهوري پارٽي آهي: منور وساڻ

پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ ۾ ترقياتي ڪمن جو ڄار وڇايو آهي

جون حالتون صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي سربراهي ۾ بهتر آهن

گڏيجي (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي جمهوري پارٽي آهي ملڪ جو ايندڙ وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري آهي اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي ميمبر ۽ پارٽي سنڌ ۾ ترقياتي ڪمن جو ڄار وڇايو آهي جنهن ۾ عوام جي بنيادي مسئلا اوليت جي بنياد تي حل ڪيا پيا وڃن ملڪ جون حالتون صدر پاڪستان آصف علي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀليوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 27 مارچ 2026ع

سول ۽ عسڪري قيادت جو پائيدار حڪمت عملي تي ويچار!

صدر آصف علي زرداري جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ملڪ جي سول ۽ عسڪري قيادت گڏ ٿي ۽ معيشت جي بهتري، توانائي جي منصوبابندي، خوراڪ جي حفاظت ۽ قومي سلامتي پاليسين کي هم آهنگ رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو. اجلاس ۾ اهو واضح ڪيو ويو ته حڪومت جي فيصلن ۾ عوامي مفاد کي پهريون مقام ڏنو ويندو ۽ موجوده معيشت، توانائي ۽ سلامتيءَ جي چيلنجز سان مقابلو ڪرڻ لاءِ جامع ۽ پائيدار حڪمت عملي اختيار ڪرڻ ضروري آهي. ايوانِ صدر ۾ منعقد اجلاس ۾ وزيراعظم شهباز شريف، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير، نائب وزيراعظم اسحاق ڊار، چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻيون اهم شخصيتون شامل هيون. اجلاس ۾ عالمي تيل ۽ گئس جي فراهمي ۽ انهن جي قيمتن ۾ واڌ جو پاڪستان جي معيشت تي اثر جو جائزو پڻ ورتو ويو. اجلاس ۾ شريڪ ٿيندڙن خاص طور تي مهانگائي جي بار کي گهٽائڻ ۽ توانائي جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ تي ڌيان ڏنو. خزاني واري وزير ۽ پيٽروليم جي نمائندن اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ استحڪام آڻڻ ٻين شعبن تي مهانگي پارڻ جي اثر کي گهٽائڻ ۽ خرچن ۾ ڪفايتي قدم جاري رکڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. اها حڪمت عملي نه صرف معيشت کي مستحڪم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي، پر عوام جي زندگيءَ ۾ توانائي جي استعمال ۽ خرچ کي به ڪنٽرول ۾ رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. اجلاس ۾ خطي جي مجموعي صورتحال تي پڻ بحث ڪيو ويو ۽ ان جي اثرن جو جائزو ورتو ويو جيڪو پاڪستان جي سلامتي، معيشت ۽ خوراڪ جي نظام تي ٿي سگهي ٿو. اجلاس ۾ شريڪ صاحبان جو خيال هو ته موجوده عالمي ۽ علائقائي چيلنجز سان مقابلي لاءِ پائيدار قومي حڪمت عملي لازمي آهي جنهن ۾ هر شعبي جي پاليسين کي هڪٻئي سان هم آهنگ رکيو وڃي. اجلاس ۾ اها ڳالهه زور سان پيش ڪئي وئي ته معيشت جي نظم و نسق، توانائي جي منصوبابندي، خوراڪ جي حفاظت ۽ سلامتي پاليسين کي هڪ ئي فريم ورڪ ۾ رکڻ لازمي آهي ته جيئن ڪنهن به شعبي ۾ اڻچاتايل فيصلو يا غير متوازن حڪمت عمليءَ سبب ملڪ کي نقصان نه پهچي. اهڙيءَ ريت، موجوده دور جا چيلنجز مؤثر انداز ۾ منهن ڏئي سگهجن ٿا ۽ قومي ترقي ۽ عوام جي خوشحاليءَ کي برقرار رکڻ ۾ مدد ملي ٿي. اعليٰ سطحي اجلاس ۾ قومي اتفاق راءِ کي برقرار رکڻ ۽ ادارن جي وچ ۾ تعاون وڌائڻ جي ضرورت تي به زور ڏنو ويو. اجلاس ۾ اهو پڻ تسليم ڪيو ويو ته عوام کي توانائي جي بچت لاءِ شعور ڏيارڻ، پبلڪ ٽرانسپورٽ جي استعمال کي وڌائڻ ۽ ڪار شيئرنگ جي ترغيب ڏيڻ ضروري آهي. اهڙا قدم نه صرف توانائي جي بچت ۾ مدد ڏيندا، پر مهانگائيءَ تي پڻ ڪنٽرول آڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. اجلاس ۾ پاڪستان جي طرفان ممڪن ٽياڪڙيءَ جي ميزباني ۽ علائقائي امن قائم رکڻ لاءِ مختلف اهم موضوعن تي تفصيلي غور ڪيو ويو.

موجوده عالمي ۽ علائقائي صورتحال ۾ پاڪستان کي معيشت، توانائي ۽ سلامتي جا چيلنجز آڏو آهن. تيل ۽ گئس جي قيمتن ۾ واڌ، مهانگائي جو دٻاءُ، خوراڪ جي حفاظت ۽ خطي ۾ سياسي تبديلين جا اثر هر شعبي کي هڪٻئي سان مربوط حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ صدر ۽ وزيراعظم جي صدارت هيٺ اهڙو اجلاس ملڪ لاءِ اهم آهي، جيڪو نه صرف موجوده چيلنجز کي منهن ڏيڻ ۾ مددگار آهي، پر مستقبل ۾ پاڪستان جي قومي پاليسين کي مستحڪم ڪرڻ ۽ عوام جي ڀلائي کي يقيني بڻائڻ جو بنياد پڻ فراهم ڪري ٿو. بهرحال، اها ڳالهه واضح ٿي وئي آهي ته معيشت جي استحڪام، توانائي جي تحفظ، خوراڪ جي حفاظت ۽ قومي سلامتي هڪٻئي سان لاڳاپيل شعبا آهن ۽ انهن کي گڏيل ۽ پائيدار حڪمت عملي تحت ئي ملڪ جي بهتر مستقبل ۽ عوام جي خوشحالي کي يقيني بڻائي سگهبو.

سوکهڙي جو شڪار ٿيل زمينون ۽ وجود وڃائيندڙ دادو ڪئنال!



غلام حسين لغاري

آبپاشيءَ جي لحاظ کان دادو ڪئنال سنڌ جو اهو ڪئنال آهي، جيڪو سنڌو درياهه مان سکر وٽان نڪري ٿو. لاڙڪاڻي-دادو کان ٿيندو، ڄامشورو ضلعي جي سيوهڻ ۾ ختم ٿئي ٿو. هن تاريخي ڪئنال جي پاڻيءَ تي وونڻ، ڪڻڪ، ڪمند، مختلف تيلي ڀڄن وارا فصل، ساوڻ ڀاڄيون، انب، ليمان زيتون، جُوئر ۽ ٻاجهري به پوکي ويندي هئي، بلڪ اڃا به پوکي وڃي ٿي. سارين تي بندش هجڻ سميت پوءِ به سارين پوکيون وڃن ٿيون. جنهن جي ڪري ڪئنال جو قيمتي پاڻي ضايع ٿي وڃي ٿو جنهن لاءِ لاڳاپيل انتظاميه بيوس نظر ايندي آهي جو سارين جو فصل طاقتور طبقو وڌيڪ پوکي ٿو جنهن کي ڪابه جهل پل ناهي. جڏهن ته سارين جي فصل لاءِ رائيس ڪئنال موجود آهي. دادو ڪئنال جي پاڻيءَ تي سکر، لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن ۾ اوائلي دور جون ڊنڊيون هونديون هيون، جن مان مڇي حاصل ٿيندي هئي، لوڙهه، بيهه ۽ ٻيڻ پوکبي هئي، هن وقت زميندار ڊنڊيون ڪجهه وڌيڪ آهن. جنهن جي ڪري آهي به دادو ڪئنال جو پاڻي استعمال ڪن ٿا. البته باغن جو رواج ختم ٿي چڪو آهي. ڪو هڪ اڌ باغ هجي ته ٻي ڳالهه آهي، نه ته اڪثر باغ ختم ڪيا ويا آهن. اتي ٻيا فصل پوکيا وڃن ٿا يا اتي رهائشي ڪالونيون جڙي چڪيون آهن. دادوءَ جا ڪيترائي باغ هن وقت ڪالونين جي شڪل اختيار ڪري چڪا آهن. دادو شهر جي آس پاس ساوڻ ڀاڄين جون زمينون هونديون هيون، جتان ڪاٽڻ لاءِ صاف سٿريون، ساوڻ ۽ تازيون ڀاڄيون سستي اگهن تي ملنديون هيون، جيڪي هاڻ ناهن رهيون. هاڻ ڪجهه هنڌن تي مرچ ۽ بصر پوکجن ٿا، سي به پنجاب ڏانهن وڪرو ٿين ٿا. ان ڪارڻ اهو آهي ته سنڌو درياهه ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سبب دادو ڪئنال کي گهٽ پاڻي ملي ٿو جنهن جي ڪري باغن ۽ ڀاڄين جي پيداوار کي ڪاپاري ڌڪ لڳيو وڃي، جنهن سان هڪ ته غربت ۾ واڌ ٿئي ٿي، ٻيو وري اهو ته ساڻن ڀاڄين ۽ مختلف ميون جا اگهه پڻ ڪِرايا وڃن ٿا. دادو ڪئنال مان نڪرندڙ خيرپورناٿن شاهه ۽ جوهي تعلقن کي سيراب ڪندڙ جوهي بيراج به تباهه حال ٿيڻ جي ڪري پنهنجو وجود وڃائي چڪو آهي، جيڪو سوکهڙي جو شڪار آهي ۽ ٿورو گهڻو پاڻي هوندو اٿس ان تي به بااثرن جو قبضو ٿيل آهي، شايد اهو ئي سبب آهي جو جوهي تعلقي ۾ غربت ڪر کڻي چڪي آهي. هن بيراج تي پيدا ٿيندڙ سارين، ڪڻڪ، ڀڄڻ ۽ ٻيهن جي پيداوار کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي، ڊنڊيون ڊورا ته هاڻ رهيا ئي ناهن.

ڪو زمانو هو جڏهن دادو ڪئنال کي پنهنجو اوج ۽ سونهن هوندي هئي، سکر کان سيوهڻ تائين ٻنهي پاسن کان ٽالهي، نم، ٻير جا وڻ ۽ ڪنارن سان ڇپر ۽ بهترين ٽاپ هوندي هئي، جتان ماڻهن جو گذر ٿيندو هو. ڀرپاسي جا ماڻهو پڪنڪ جي لحاظ کان هتي ايندا ويندا هئا. هڪ خوشگوار ماحول ڏسڻ وٽان ملندو. مجال جو اتان ڪا جيپ يا ٻي سواري گذري بنا دير سامهون اچي ڪري انهن کي اڳتي وڌڻ کان روڪي ٽاپ کان هيٺ لاهي ڇڏيندا هئا. هاڻ نه اهي ٽاپون رهيون آهن، نه وري بيلدار ۽ داروغا. نه وڻ رهيا آهن، نه ڇپرون سڀ وڍجي يا تبديل ٿي ويا آهن. بلڪ ائين چئجي ته غلط نه ٿيندو ته ڪئنال جا ٻئي پاسا پنهنجي سونهن وڃائي ويٺا آهن. سکر کان شروع ٿيندڙ هيءُ ڪئنال شهرن جي گندگيءَ جو شڪار ٿي چڪو آهي. ڪئنال جون ٽاپون، ملوند ماڻهن ۽ ڀرپاسي جي ماڻهن وڃي وسايون آهن. قبضا ڪري جايون ۽ اوطاقون ناهيون ويون آهن. ڪٿي ڪٿي ته ڪئنال اندر به رنڌڪون وجهي پاڻيءَ جي وهڪرن لاءِ رڪاوٽون وڌيون ويون آهن رڳو دادو شهر وٽان گذرندڙ ڪئنال پرسان ڪنهن جو گذر ٿئي ته اهو پاڻ مشاهدو ڪري ته پاڻي مڪمل طور آسپاس جي گندگيءَ سان وهندي نظر ايندو. ڪئنال مان نڪرندڙ شاخن ۾ مال متاع ۽ وهجندي نظر ايندو. جن جي ڪري ڪئنال ۽ ان جي شاخن جا سيمنٽيڊ ڪير اجڙي تباهه ٿي چڪا آهن. ڪئنال ۽ ان جون شاخون لٽجي چڪيون آهن پاڻيءَ جا وهڪرا بند ٿيڻ سبب پڇڙيءَ تائين پاڻي پهچڻ ممڪن ناهي رهيو. ڪامورن جون موجون لڳيون پيون آهن جو اهي هر سال ڪروڙين رپيا فنڊ ڪئنال ۽ شاخن جي کيرن جي بحاليءَ ۽ صفائيءَ لاءِ وٺي خرچ ڪن ٿا. پڇڙيءَ تائين پاڻي نه پهچڻ ڪري زمينون بنجر ٿي چڪيون آهن، وڏا ۽ طاقتور ماڻهو اهڙيون زمينون پڳڙن مٿ ڏئي آباد ڪري رهيا آهن جو انهن کي پڇڙيءَ ۾ به پاڻي نٿو ملي. جيئن دادو ڪئنال ۽ ان مان نڪرندڙ شاخن جو وجود اهو ناهي رهيو. آبپاشي کاتي جا پراڻا ۽ تاريخي ريسٽ هائوس به پڃي پُري تباهه حال ٿي چڪا آهن، جن تي بااثرن قبضا ڪري ورتا آهن يا وري پارڪ ناهيا ويا آهن. دادوءَ جي اوائلي دور جو ريسٽ هائوس، جتي وقت جا صدر، وزيراعظم، وزيراعليٰ ۽ ڏيهي توڙي پرڏيهي وفد ايندا ويندا هئا. انهن جو ڪوبه وجود ناهي رهيو. دادو واري ريسٽ هائوس ۾ ان وقت جو صدر جنرل محمد ايوب خان، ان وقت جو وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو، پرنس آغا خان، پاڪ فوج جا اعليٰ آفيسر پڻ سياحت جي حوالي سان آيا آهن. اهڙن ريسٽ هائوسن کي تاريخي درجو ڏئي ڪري انهن جي بحالي ٿيڻ گهرجي ها پر افسوس ته نه ٿي سگهيو آهي. هتن ريسٽ هائوسن تي به لاڳاپيل صوبائي توڙي وفاقي وزير ۽ ڪامورا گُڏيل ڪچهريون ڪندا هئا. عوام جا مسئلا ٻڌندا ۽ حل ڪندا هئا. هتي اُتون اهوئي چوندس ته لاڳاپيل کاتا دادو ڪئنال ۽ ان مان نڪرندڙ شاخن جو عروج يا اوائلي عروج ۽ سونهن بحال ڪرڻ کان قاصر آهن پر گهٽ ۾ گهٽ هو ڪئنال ۽ شاخن ۾ شهري گندگي ته داخل ٿيڻ

آمريڪا جي فضائن مان

ٽرمپ جي ڌمڪي، ايران جو ضد ۽ آبناءِ هرمز جي راند: آخر جُهڪندو ڪير؟

راجا زاهد اختر خانزاده

آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران وچ ۾ هلندڙ جنگ ۾ ڪو به پوئتي هٽڻ لاءِ تيار ناهي. سوال هاڻي صرف اهو ناهي رهيو ته هن جنگ ۾ ڪنهن ڪيترا ميزائل ڪيرايا؟ ڪنهن ڪيتريون جايون تباهه ڪيون؟ ڪنهن ڪهڙيون دعوائون ڪيون ۽ ڪنهن ڪيتريون ترديدون جاري ڪيون. اصل سوال هاڻي اهو آهي ته ڇا ايران پنهنجي اها طاقت ڇڏي ڏيندو، جيڪا هن سالن جي مزاحمت، اڪيلائي، پابندين، خوف ۽ جاگرافيءَ سان ڳنڍي حاصل ڪئي آهي يا آمريڪا پنهنجا شرط نرم ڪندو، جن کي هو پنهنجي فتح سمجهي ٿو. اها جنگ هاڻي صرف بارود جي ناهي رهي پر هاڻي ارادن، عضون، منڊين، رستن، پاڻي ۽ وقت جي خلاف وقت جي جنگ بڻجي چڪي آهي. هڪ پاسي ڌمڪيءَ جي زبان آهي ته ٻئي طرف انڪار جي. هڪ پاسي طاقت جو اعلان آهي ته ٻئي پاسي بقا جو ضد. انهن ٻنهي وچ ۾ آبناءِ هرمز آهي، جيئن دنيا جي ساهه کڻڻ جي رڳ تي رکيل هڪ لُڏندڙ پر مضبوط هٿ.

ڪهاڻي اتي وڌيڪ تيز ٿي وئي ٿي، جتي لفظ بارود کان وڌيڪ گونجڻ لڳن ٿا. ڊونلڊ ٽرمپ ايران کي 48 ڪلاڪن جو الٽيميٽم ڏنو هو ته آبناءِ هرمز کي مڪمل طور بنا ڪنهن خطري جي کوليو وڃي، نه ته آمريڪا توهان جا پاور پلانٽ تباهه ڪري ڇڏيندو، سڀ کان پهرين وڏي پلانٽ کان شروعات ٿيندي. اها اهڙي ڌمڪي هئي، جنهن کي صرف سفارتي جملو نٿو چئي سگهجي، بلڪ اها اهڙي انداز ۾ پيش ڪئي وئي، جڻ دنيا کي ٻڌايو ويو هجي ته گهڙي هلڻ شروع ٿي چڪي آهي، وقت ڳڻپ ۾ اچي ويو آهي ۽ هاڻي فيصلو يا اطاعت جو هوندو يا باهه جو. جڏهن ته ٻئي طرف ايران به پنهنجي الٽيميٽم جو جواب ڏئي ڇڏيو پر 48 ڪلاڪ گذري ويا ۽ پاور پلانٽن تي بمباري نه ٿي سگهي. ان جي بدران هڪ نئون لهجو سامهون آيو. ٽرمپ اعلان ڪيو ته ايران سان مڪمل ۽ حتمي حل جي طرف تمام سٺيون ۽ نتيجا ڏيندڙ ڳالهيون ٿي رهيون آهن. وڏن نقطن تي اتفاق ٿي چڪو آهي. تقريباً سڀني نقطن تي اتفاق آهي ۽ ايران کي وڌيڪ پنج ڏينهن ڏنا ويا آهن. جهڙوڪر ڌمڪيءَ کان پوءِ اوچتو سفارتڪاري ظاهر ٿي، جڻ جنگ جي وچ ۾ امن جي هڪ لمحي جي شمع ٻرندي هجي پر تهران ان روشني کي فوراً رد ڪري ڇڏيو. ايران جي پرڏيهي وزارت صرف چئن لفظن ۾ جواب ڏنو ته "ڪابه ڳالهه ٻولهه نه ٿي رهي آهي."

هن مختصر انڪار ۾ هڪ مڪمل سياسي فلسفو لڪل هو. ايران جي پارليامينٽ جي اسپيڪر چيو ته اها جعلي خبر آهي. اهڙي خبر جيڪا مالي ۽ تيل جي منڊين کي متاثر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪئي پئي وڃي. پاسداران انقلاب ان کي "نفسياتي آپريشن" قرار ڏنو. مختلف سطحن تي ايراني عملدارن ان دعويٰ کي رد ڪيو ته ڪابه ڳالهه ٻولهه نه ٿي رهي آهي. پر انهن سڀني وچ ۾ هڪ ٻيو منظر به ڏسڻ لاءِ مليو. جڏهن ڳالهين جو لفظ منڊين تائين پهتو ته تيل جون قيمتون گهٽجي ويون، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ هڪ قسم جو سڪون واپس آيو ۽ ٽرمپ پنهنجي 48 ڪلاڪن جي الٽيميٽم مان به هوشيار طريقي سان چهرو بچائي ورتو ته ڳالهين شروع ٿي چڪيون آهن. اهڙي طرح اهو سوال وڌيڪ گهرو ٿي ويو ته اڄ جي جنگ ۾ اصل ميدان ڪٿي آهي؟ ڇا محاذ اهو آهي، جتي ميزائل ڪِري رهيا آهن يا اها اسڪرين آهي، جتي هڪ جملو مارڪيٽ کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيندو آهي؟ ڇا اها طاقت آهي، جيڪا بمباري ڪري ٿي يا اها جيڪا هڪ اعلان سان خوف ۽ سڪون ٻنهي پيدا ڪري سگهي ٿي؟ هاڻي جڏهن اها جنگ هڪ مهيني جي حد کي ويجهو ٿيڻ واري آهي، منظر هڪ عجيب تضاد ۾ بدلجي چڪو آهي. آمريڪا مسلسل ايران تي دٻاءُ وجهي رهيو آهي، بمباري ڪري رهيو آهي، طاقت جو مظاهرو ڪري رهيو آهي، پوءِ ڌمڪي ڏئي ٿو ته پاور پلانٽ تباهه ڪندو، پوءِ پوئتي هٽي ڳالهين جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ ايران چوي ٿو ته اهڙيون ڳالهيون ناهن ٿي رهيون. اها صرف سفارتي رڪاوٽ ناهي پر اهو طاقت جي ساک ختم ٿيڻ جو بحران آهي، چو ته جڏهن ڪا وڏي طاقت عوامي سطح تي سخت ترين ڌمڪي ڏئي ۽ پوءِ ان تي عمل نه ڪري ته اها صرف پنهنجي مخالف سان نه پر پنهنجي ئي اعلان سان ٽڪرائجي وڃي ٿي. اهو ئي اهو مقام آهي، جنهن کي ڪجهه تجزيا نگار "ڪميٽمينٽ ٽريپ" سڏي رهيا آهن. آمريڪا جون جيڪي شرطون سامهون آيون آهن، اهي هن جنگ جي روح کي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهن. واشنگٽن چاهي ٿو ته ايران جو ايٽمي پروگرام مڪمل طور ختم ڪيو وڃي، افزوده يورينيم جي پيداوار روڪي وڃي، عالمي جوهري توانائي ايجنسيءَ کي مڪمل نگراني ڏني وڃي، ڊگهي مفاصلي تائين مار ڪندڙ بيلسٽڪ ميزائل پروگرام تي پابنديون لڳايون وڃن، حزب الله، حوثين ۽ حماس جهڙن پراڪسي گروپن جي مدد ختم ڪئي وڃي، آبناءِ هرمز ۾ مڪمل ۽ محفوظ جهاز جي اچ وڃ بحال ڪئي وڃي، فوري جنگ بندي ڪئي وڃي ۽ هڪ عبوري مدي ۾ ڳالهين کي مڪمل ڪيو وڃي، پابندين ۾ مرحليوار نرمي ڪئي وڃي، محدود سول نيوڪليئر تعاون ڏنو وڃي، علائقي ۾ ڇڪتاڻ ختم ڪئي وڃي ۽ مستقبل لاءِ سخت عالمي نگرانيءَ جو نظام قائم ڪيو وڃي. ان جي ابتڙ ايران انهن شرطن کي غير متوازن ۽ "maximalist" قرار ڏيندي پنهنجا بنيادي شرط پيش ڪيا آهن. جنهن ۾ فوري ۽ مڪمل جنگ بندي، آئنده ڪنهن به حملي کان تحفظ جي ضمانت، جنگي نقصانن جو معاوضو ۽ آبناءِ هرمز تي پنهنجي خودمختيار اختيار جو عالمي سطح تي اعتراف شامل آهي. اهڙي طرح اهو واضح ٿي وڃي ٿو ته اها صرف جنگ بنديءَ جي ڳالهه ناهي پر ٻن مختلف تصورن جو ٽڪراءُ آهي. جتي آمريڪا ايران جي طاقت کي محدود ڪرڻ چاهي ٿو. جڏهن ته ايران پنهنجي خودمختياري ۽ علائقائي اثر کي برقرار رکڻ تي اصرار ڪري رهيو آهي. تهران جي نظر ۾ جيڪڏهن هو پنهنجي ايٽمي ڄاڻپي، ميزائل صلاحيت، علائقائي لاڳاپن ۽ آبناءِ هرمز کان هٿ کڻي ٿو ته اهو صرف هڪ معاهدو نٿو ڪري، اهو پنهنجي اٿ مزاحمت، مستقبل جي سوديبازي ۽ سڃاڻپ کان هٿ کڻي ٿو ۽ پوءِ هن جنگ جي سڀ کان غير معمولي حڪمت عملي سامهون اچي ٿي. ايران دنيا جي اهم ترين پاڻيءَ واري گذرگاهه کي صرف بند ناهي ڪيو پر ان کي هڪ "ٽول بوٿ" ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هڪ اهڙي جاءِ جتي هر گذرندڙ رڳو جهاز نٿو ڪٽي اچي پر سياسي معنيٰ به کڻي اچي ٿو. جيڪو ملڪ پنهنجا جهاز گذارڻ چاهي ٿو، ان کي ڪنهن نه ڪنهن حد تائين ايران کي تسليم ڪرڻو پوندو. ان سان ڳالهائڻو پوندو. ان جي موجودگيءَ کي مڃڻو پوندو.

آمريڪا جي موجوده صورتحال اها آهي ته اهو ان آپريٽر سان ڳالهائڻ به چاهي ٿو ۽ ان تي بمباري به ڪرڻ چاهي ٿو. اهو ٿي هن جنگ جو سڀ کان گهرو طنز آهي. انهن 48 ڪلاڪن کان اڳ جا بهتر ڪلاڪ هن سموري منظرنامي کي سمجهڻ جي ڪنجي آهن. پهرين خيال آيو ته شايد جنگ اهڙي طرح ختم ڪئي وڃي، ايران جي فوجي ۽ ايٽمي صلاحيتن تي ڪنهن حد تائين فتح جو اعلان ڪيو وڃي ۽ آبناءِ هرمز جي مسئلي کي جيئن جو تيئن ڇڏيو وڃي. هن امڪان فوري طور توانائي جي منڊين ۽ انهن حڪومتن کي هلايو، جن جون معيشتون نار جي ملڪن جي تيل تي بيٺل آهن. ان دوران دنيا جا ٻيا ڪردار به خاموش ناهن ويٺا. چين وچ ۾ اوپر ۾ پنهنجا رابطا تيز ڪري ڇڏيا آهن. ان لاءِ اهو ڪو پري جو بحران ناهي، ان جي توانائيءَ جي لائين (ساهه کڻڻ جي رڳ) به انهيءَ رستي سان ڳنڍيل آهي. ايران جي ڳالهه اهو ان لهجي ۾ ٻڌي سگهي ٿو جنهن ۾ آمريڪا رڳو مطالبو ڪري ٿو ۽ جي سيون ملڪن جي روين ۾ به اها هيڪ ڏسي سگهجي ٿي ته اهي ڪُليل طور آمريڪي مهم جي مڪمل سياسي ذميواري نٿا وٺن. پر پردي پويان پنهنجن مفادن مطابق رستا ڳولين ٿا. ان جو مطلب اهو آهي ته جنگ جو سفارتي مرڪز به ورهائجي رهيو آهي. صحيح ۽ آزاد تصديق مشڪل ٿي سهي پر فوٽين جو انگ هزارن تائين پهچي چڪو آهي. ايران، لبنان، عراق، اسرائيل، نار، شام، غرب اردن، ساموندين، عمان، سعودي عرب، هر هنڌ هن باهه جا نشان ڏسڻ ۾ اچي رهيا آهن اهي صرف انگ اڪر ناهن پر هيءَ اهي نالا آهن. جيڪي ڪنهن گهر ۾ سڏيا ويندا هئا. هيءَ اهي چهرا آهن، جيڪي شايد ڪنهن شام جي مانيءَ تي موجود هجن ها. ڪنهن ماءُ جي ڪمري ۾ واپس اچڻا هئا. ڪنهن ٻار جي اکين ۾ خواب سجايل هئا. هاڻي سوال ٻيهر اهو ٿي آهي، جنهن سان اها ڪهاڻي شروع ٿي هئي: ڇا ايران پنهنجي طاقت ڇڏيندو؟ ڇا آمريڪا پنهنجا شرط نرم ڪندو؟ شايد هن وقت ٻنهي جو جواب "نه" ۾ آهي. ايران چاهي ٿو ته جيڪڏهن اهو آبناءِ، ميزائل، علائقائي لاڳاپن ۽ مزاحمتي سڃاڻپ کان هٿ کڻي ٿو ته اهو صرف هڪ معاهدو نه هارائيندو پر پنهنجي مڪمل حڪمت عملي حيثيت وڃائي ويهندو.

هڪ جاگرافيءَ تي بيٺل آهي، ٻيو طاقت جي يقين تي ۽ انهن ٻنهي وچ ۾ دنيا ساهه بند ڪري بيٺل آهي. هن جنگ جو سڀ کان وڏو سبق شايد اهو آهي ته جديد دنيا ۾ طاقت هميشه ان وٽ ناهي هوندي، جيڪو سڀ کان وڏو ڌماڪو ڪري سگهي پر ڪڏهن ڪڏهن طاقت ان وٽ به اچي ويندي آهي، جيڪو هڪ پاڻيءَ واري گذرگاهه جي ڪناري تي ويهي سڄي دنيا کي ياد ڏياري ٿو ته رستا رڳو نقشن سان ناهن کُلندا. پر ڪڏهن ڪڏهن تاريخ، جاگرافيائي حدون، خوف، صبر ۽ وقت گڏجي ڪري هڪ اهڙو دروازو ناهين ٿا، جنهن جي ڪُنجي ميزائلن سان نه پر سياست سان ڦيرائي ويندي آهي. جيستائين ان ڪنجيءَ تي ٻئي هٿ گڏ نه پوندا، جنگ صرف جاري نه رهندي پر دنيا کي به پاڻ سان ٻڏي رکندي.

مادري ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ راشد عباسي!



مُلل جسڪاڻي

اردو ۽ پهاڙي ٻوليءَ جي قلمڪار راشد عباسيءَ سان پهريون رابطو سنڌس پاران اربع 11 فيبروري 2026ع تي موڪليل واٽس ايپ نياپي وسيلي ٿيو. پهرين ملاقات جمعو 13 فيبروري 2026ع تي "اڪادمي ادبيات پاڪستان" جي دي رائيٽرس هائوس اسلام آباد ۾ ٿي. ساڻس پهرين ڪچهري، ڪيس مشاعريءَ ۾ ٻڌڻ کان پوءِ ٿي. اهو مشاعرو انڊس ڪلچرل فورم پاران "ٻارهون پاڪستان جي مادري ٻولين جو ادبي ميلو 2026ع" جمعو 13 فيبروريءَ کان 15 فيبروري 2026ع دوران پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف دي آرٽس اسلام آباد ۾، ميلي جي ٻئي ڏينهن ڇنڇر 14 فيبروري 2026ع تي، مادري ٻولين ۾ شاعريءَ جي ڪتابن جو اجراءِ ۽ مشاعرو سيشن ۾ ٿيو. ان کان پوءِ ڪچهري ڪچهريءَ ۾ ڳالهيون تمام گهڻيون ٿيون. هن سنڌس ادارت ۾ ڇپجندڙ "پهاڙي ڪتابي سلسلي" جي هڪ ڪڙي رنتن 4 (پهاڙي غزل نمبر) 2023ع ۽ اردو شاعري جو مجموعو "جهان ابد" (اردو نظم) 2025ع مطالعي لاءِ تحفي ۾ ڏنو.

راشد عباسيءَ کي ٻڌڻ ۽ پڙهڻ کان پوءِ منهنجي دل گهريو ته پنهنجي مادري ٻولي "پهاڙي" سان پيار ڪندي، ٻوليءَ لاءِ عملي ڪم ڪندڙ هن شاعر ۽ نثر نويس جو تعارف اوهان پڙهندڙن سان ڪرايان. هن جو سچو نالو راشد حسين عباسي آهي. هن جي پيدائش ۽ ابتدائي تعليم ملڪوٽ، ضلع ايبٽ آباد ۾، ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول اوسياهه ڪوهه مري، انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مري مان، گريجوئيشن گورنمينٽ ڪاليج اصغر مال، راولپنڊي مان ۽ ايم ايس سي اِن هسٽري، قائد اعظم يونيورسٽي اسلام آباد مان ۽ ايم اي اردو، پنجاب يونيورسٽي مان ڪئي.

راشد عباسي اردو ۽ پهاڙي ٻوليءَ جو قلمڪار، شاعر ۽ نثر نويس آهي شاعري ۾ هن نظم ۽ غزل نثر ۾ ڪالم، مضمون ۽ افسانا وڌيڪ لکيا آهن سندس پهريون ڪتاب "بيت بازي ڪلام اقبال" 2020ع ۾، شاعري جو پهريون مجموعو "سولي ٽنگي لوءِ" (پهاڙي غزل) 2022ع ۽ ٻيا شايع ٿي چڪا آهن هن سنڌي ٻوليءَ جي معروف ليکڪ محترم زيب سنڌيءَ جي ناول "سيتا زينب" جو پهاڙيءَ ۾ ترجمو ڪري آگسٽ 2024ع ۾ شايع ڪرايو آهي

پهاڙي ٻوليءَ جي بقاءِ ۽ فروغ لاءِ هن "انجمن فروغ پهاڙي زبان" جو بنياد رکيو، جنهن جو پاڻ چيئرمين آهي. گذريل ستن سالن کان سنڌس ڪوشش جي نتيجي ۾ اها تنظيم مختلف ادبي تقريبون منعقد ڪندي رهي آهي. ان سان گڏوگڏ پهاڙي ٻوليءَ ۾ ڪتاب به شايع ڪرائيندي رهي آهي، جڏهن ته راشد عباسي "بزمِ علم ۽ شعور" جو چيئرمين به آهي.

هن ٻڌايو ته سعوديءَ ۾ ڍهه سال رهيس. اتي اوورسيز رائٽرز فورم جو پبليڪيشنز سيڪريٽري رهيو. فورم پاران الخبر ۽ دمام ۾ تمام ڪامياب ادبي تقريبون منعقد ٿينديون رهيون. رامپور هندستان مان مولانا اسماعيل ميرٺي جو پڙپوٽو حضرت ذڪاءِ صديقي اسان جي فورم جو سرپرست اعليٰ هو. ڪراچيءَ مان واصل عثماني، محترمه ريحانه روحي ۽ طارق بٽ، پنجاب مان سيد يونس اعجاز ۽ اقبال قمر فورم جا سرگرم رڪن هئا.

راشد عباسي ڪچهريءَ جي پڄاڻي هيئين شعرن سان ڪئي:

سب ڪهه رهي هين، تيرا هي پٿر لگا مجهي،
اڪ زخم روبرو هي تو آڪر لگا مجهي.
هر اڪ جانب سي پٿر آ رهي هين،
دلون ڪي چور باهر آ رهي هين.
وقت آني پہ بهر جائيگا هر زخم ضرورت،
ليڪن ڪسي ماٿي ڪي شڪن ياد رهي گي،
زوال قيصر و ڪسريٰ ڪا راز يہ هي ذڪاءِ،
وه اپنا خوف دلون سي نڪال ديتا هي.

جنگ ته ختم ٿي ويندي، پر...

عمران يعقوب خان

برطانوي اخبار فنانشل ٽائمز ٻڌايو آهي ته پاڪستان پاڻ کي اهڙي ملڪ طور پيش ڪري رهيو آهي جيڪو آمريڪا-اسرائيل ۽ ايران جي وچ ۾ هلندڙ تڪرار يا جنگ ختم ڪرائڻ لاءِ وچ ۾ ڳالهيون ڪرائي سگهي (يعني ٿالثي ڪري سگهي). اخبار پنهنجي رپورٽ ۾ ٻن اهڙن ماڻهن جو حوالو ڏنو آهي، جيڪي هن معاملي کان چڱي طرح واقف آهن ۽ ٻڌايو ته پاڪستان جي آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير آچر جي ڏينهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ سان ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي. هيءَ خبر فوري طور تي پڪ سان تصديق ته نه ٿي سگهي، پر پوءِ جلد ئي ڊونلڊ ٽرمپ جو بيان سامهون آيو جنهن ۾ هن چيو ته آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ مذاڪرات بابت ڳالهيون ٿي رهيون آهن. خبر ۾ اهو به چيو ويو آهي ته پاڪستان، جنگ بند ڪرائڻ لاءِ جيڪي تجويزون آمريڪا طرفان ڏنيون ويون، اهي ايران تائين پهچايون آهن. خبر ايجنسي مطابق، ايران جي ڪجهه سينيئر ذريعن چيو آهي ته هو امريڪي تجويزن جي مڪمل تفصيل ته ظاهر نٿا ڪن، پر اڃا به ڪيترائي معاملا اهڙا آهن جيڪي طئي ٿيڻ باقي آهن. ان سان گڏ، اِهو به اڃا تائين فيصلو نه ٿيو آهي ته جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ ڳالهين جو سلسلو شروع ٿئي ٿو ته اهي ڪٿي ٿينديون.

هن وقت ترڪي ۽ پاڪستان ٻنهي کي اهڙن ڳالهين جي ميزباني لاءِ غور هيٺ آندو پيو وڃي. ٻئي پاسي، پاڪستان ۾ ايران جي سفير رضا اميري مقدم چيو آهي ته هن وقت آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ سڌي يا اڻ سڌي ڪا به باقاعده ڳالهه ٻولهه نه ٿي آهي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جهڙا دوست ملڪ ڪوشش ڪري رهيا آهن ته تهران ۽ واشنگٽن وچ ۾ ڳالهين جو رستو کوليو وڃي ۽ اميد آهي ته اهي ڪوششون ڪامياب ٿينديون. هاڻ جيڪي به حالتون هجن، هڪ ڳالهه صاف نظر اچي ٿي ته جيئن هي جنگ اوچتو ۽ بغير ڪنهن مضبوط بنياد جي شروع ڪئي وئي هئي، تيئن لڳي ٿو ته اها به بغير ڪنهن وڏي نتيجي جي ختم ٿيندي. اهو به لڳي ٿو ته هي جنگ مڪمل طور آمريڪا جي مرضي مطابق ختم نه ٿيندي. ڇاڪاڻ ته هاڻي ايران به اهڙي پوزيشن ۾ اچي ويو آهي، جو هو پنهنجون ڪيتريون ئي ڳالهيون مڃرائي سگهي. هن سڄي صورتحال ۾ اِهو به چئي سگهجي ٿو ته ايران کي هن جنگ ۾ هڪ مضبوط ڏريا ڪامياب ملڪ طور ڏٺو ويندو. ڇو ته هن پاڻ کي اندروني طور تمام مضبوط ثابت ڪيو آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن، خاص ڪري آمريڪا، کي شايد اها اميد نه هئي ته ايران ايترو تيار ۽ مضبوط هوندو ۽ هن جنگ لاءِ اڳواٽ ايتري وڏي تياري ڪري رکيو ويٺو هوندو.

جنهن افراتفري ۽ بغير ڪنهن صحيح رٿابندي جي هن جنگ کي شروع ڪيو ويو ۽ جيئن بغير ڪنهن واضح نتيجي جي اِها هاڻي چوٿين هفتي ۾ داخل ٿي وئي آهي، ان ڪري امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تي نه صرف عالمي سطح تي، پر امريڪا جي اندر به سخت تنقيد ٿي رهي آهي. مون هن اڳ به پنهنجي هڪ ڪالم ۾ لکيو هو ته اهڙي تنقيد آخرڪار ٽرمپ کي پوئتي هٽڻ تي مجبور ڪندي ۽ هاڻي لڳي ٿو ته اهو وقت اچي ويو آهي. هاڻي ضروري آهي ته جيڪي ملڪ ۽ اڳواڻ جنگيون شروع ڪن ٿا، انهن کان حساب ورتو وڃي، ڇو ته هن جنگ سڄي دنيا جي معيشت کي لوڏي ڇڏيو آهي. عالمي سطح تي توانائي جو اهڙو بحران پيدا ٿي ويو آهي، جيڪو ختم ٿيڻ ۾ شايد ڪيترائي سال لڳي وڃن. هڪ خبر موجب، هزارين تيل سان ڀريل آئل ٽينڪر هن وقت آبنائي هرمز جي ٻئي پاسي بيٺل آهن ۽ ايران جي اجازت جا منتظر آهن ته جيئن هو اڳتي وڌي سگهن. ان مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته عالمي واپار ۽ تيل جي فراهمي سخت متاثر ٿي رهي آهي. بهرحال، هن جنگ جي پڄاڻي جو دارومدار ان ڳالهه تي هوندو ته امريڪا ۽ ايران هڪ ٻئي جون ڪيتريون ڳالهيون مڃين ٿا. امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي آهي ته ايران ۾ هاڻي ڪا مضبوط قيادت باقي ناهي رهي ۽ امريڪا کي اتي وڏيون ڪاميابيون ملي رهيون آهن. ٽرمپ اهو به چيو آهي ته ايران هاڻي راضي ٿي ويو آهي ته هو ڪڏهن به ايٽمي هٿيار نه ناهيندو. هن وڌيڪ دعويٰ ڪئي ته امريڪا ايران جي قيادت کي ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو ئي اصل ۾ 'رجيم چينج' آهي.

مارچ 2003ع ۾ امريڪا ۽ ان جي اتحادي ملڪن عراق تي اِهو الزام لڳائي حملو ڪيو ته اتي وڏي پيماني تي تباهي ڦهلائڻ وارا هٿيار تيار ٿي رهيا آهن. پوءِ انهن جي فوجن واقعي سڄي عراق کي تباهه ڪري ڇڏيو هو مون کي ياد آهي ته ان جنگ دوران عراق جي تيل جي کوهن کي به باهه لڳائي وئي هئي ۽ آهي باهيون جنگ ختم ٿيڻ کانپوءِ به هفتن تائين ٻرنديون رهيون. ان سان توانائي جا وسيلا وڏي پيماني تي ضايع ٿيا. جنگ ته ختم ٿي وئي، پر عراق جو عوام تباهه ٿي ويو. ملڪ جو ڍانچو تقريباً بربادي جي ڪناري تي پهچي ويو. اڄ ان ڳالهه کي 23 سال ٿي چڪا آهن، پر پوءِ به عراق اڳ جهڙو مضبوط ۽ مستحڪم نه بڻجي سگهيو آهي. ان کانپوءِ، جيڪي ملڪ عراق تي حملو ڪندڙ هئا، انهن جي اڳواڻن صرف ايترو چئي معافي گهري ته کين غلط ڄاڻ ڏني وئي هئي، جنهن جي بنياد تي هنن اِهو فيصلو ڪيو. هاڻي هتي وڏو سوال اِهو پيدا ٿئي ٿو ته هڪ پوري قوم تباهه ٿي وئي، ان جا اثر اڄ تائين ايندڙ نسلن تائين پهچي رهيا آهن ۽ حملا ڪندڙ صرف 'غلطي ٿي وئي' چئي معافي وٺي وڃن، ڇا اِهو ڪافي آهي؟ منهنجو عالمي ضمير کان سوال آهي ته ڇا اهڙيون وڏيون غلطيون ڪندڙ ماڻهن کان پڇا ڳاڇا نه ٿيڻ گهرجي؟ منهنجي خيال ۾ ضرور ٿيڻ گهرجي، ڇو ته جيڪڏهن اهڙو احتساب نه ٿيو ته مستقبل ۾ به اهڙي طرح بنا ڪنهن مضبوط ثبوت جي ٻين ملڪن تي جنگيون مڙهڻ جو سلسلو جاري رهندو. ان جو نتيجو اِهو نڪرندو ته دنيا جي معيشت بار بار تباهي جو شڪار ٿيندي رهندي، نوان نوان بحران پيدا ٿيندا ۽ عالمي سطح تي افراتفري وڌندي رهندي.

وڏي پيماني تي احتساب ۽ جوابدهي جي ڳالهه انهيءَ ڪري ذهن ۾ آئي آهي، ڇو ته امريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان جنگ جي ذميواري پنهنجي بچاءُ واري وزير پيٽ هيگسيٿ تي وجهي ڇڏي آهي. ٽرمپ چيو آهي ته سڀ کان پهرين جنگ جي حمايت سندس وزير دفاع ڪئي هئي ۽ هن ئي صلاح ڏني هئي ته ايران کي ايٽمي هٿيار ناهڻ کان روڪڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن. ٽرمپ موجب، وزير دفاع ايران جي ميزائلن، ڊرونز ۽ ساموندي طاقت کي ختم ڪرڻ جا مقصد به بيان ڪيا هئا. جيڪڏهن ٽرمپ اهي مقصد به صاف صاف ٻڌائي ها ته دنيا کي خبر پوي ها ته امريڪي صدر پنهنجي وزيرن جي ڳالهين آڏو ڪيترو مجبور ٿي وڃي ٿو. جو هڪ وڏي جنگ به شروع ڪري وجهي ٿو. اِهو سڀ ٻڌائڻ جو مقصد اِهو آهي ته ٻيهر ساڳي قسم جون ڳالهيون (يعني اڻ پڪيون ۽ گول مول ڳالهيون) شروع ٿي ويون آهن، جيئن عراق واري جنگ کانپوءِ ٻڌڻ ۾ آيون هيون. جرمني جي صدر فرينڪ والٽر هن جنگ کي هڪ خطرناڪ سياسي غلطي ۽ عالمي قانون جي ڀڃڪڙي قرار ڏنو آهي. هن چيو ته امريڪا وٽ هن جنگ لاءِ ڪو مضبوط جواز ناهي ۽ جيڪڏهن مقصد صرف ايران کي ايٽمي هٿيار ناهڻ کان روڪڻ هو ته پوءِ اهڙي جنگ بلڪل غير ضروري هئي. ساڳئي وقت، ترڪيءَ جي صدر به چيو آهي ته گذريل 25 ڏينهن مان صاف ظاهر ٿي ويو آهي ته هي جنگ اصل ۾ اسرائيل جي آهي، پر ان جي قيمت سڄي دنيا ڀري رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته هي جنگ بنيادي طور نيتن ياهو جي پنهنجي بچاءُ لاءِ آهي، پر ان جو بار دنيا جا 8 ارب ماڻهو کڻي رهيا آهن. هن زور ڏنو ته علائقي ۾ امن ۽ انسانيت جي ڀلائي لاءِ هن قتل عام واري نظام کي فوراً روڪڻ گهرجي. هاڻي هتي اهم سوال اِهو پيدا ٿئي ٿو ته جيڪڏهن هن جنگ جو نقصان سڄي دنيا کي ٿي رهيو آهي، ته پوءِ عالمي سطح تي ان جي خلاف مضبوط ۽ گڏيل آواز چو نٿو اٿاريو وڃي؟

لطيفي لاٽ — **شاهه عبداللطيف ڀٽائي**

واڄَٽَ ويراڳِيُنِ جا، مُون وَٽِ وَڏِي وَٽُ؛
سونُ سَيوئِي سِگِيُون، پَسِي ڪِينَ مَ ڪَٽُ؛
ويساهي ويلَ ڪَنهين، پُورَبِ ويندو پَٽُ؛
هلُ! ڪَنياڻُون هٽُ، آءُ نه جِئَندِي اُنِ ري.
(سُر رامڪلي)

اڄوڪو ڏينهن - 27 مارچ

بسنت تياڳي رائچندائي

بسنت تياڳي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ پلوڙ شاعر هو. هن 27 مارچ 1940ع تي موري تعلقي جي ڳوٺ سونهان ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو 1947ع ۾ وطن جي ورهاڱي کان پوءِ سندس ڪٽنب ڀوپال ۾ وڃي آباد ٿيو. هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪئي. سندس شاعري ۽ ٻيون لکڻيون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجي پڌريون ٿيون. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "ٻوندون ٿيون برسن" 1972ع ۾ ڇپيو.

حبيب سنائي



هن نامور ليکڪ ۽ محقق جي جنم جي اصل تاريخ 27 مارچ 1964ع آهي پر اسڪول رڪارڊ ۾ سندس جنم جي تاريخ 28 جون 1965ع لکيل آهي هو هالا پراڻا ۾ محمد يوسف سنائيءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. هن تاريخ ۽ معاشيات ۾ ايم اي جون سندون حاصل ڪيون. ان کان علاوه ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڊپلوما پڻ حاصل ڪيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات جونيئر ڪلارڪ طور ڪئي. اڳتي هلي گورنمينٽ ڪاليج آف ايڊيوڪيشن اينڊ ڪمرشل پريڪٽسز هالا ۾ انسٽرڪٽر مقرر ٿيو اڄڪلهه انهيءَ ڪاليج جي پرنسپال طور ڪم ڪري رهيو آهي حبيب سنائي، سنڌي ادبي دنيا ۾ هڪ نثر نويس، ڪهاڻيڪار ۽ سنڌيڪار طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو هن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. جن ۾ "اينيمل فارم"، "مهڪري صاحب جا مضمون"، "ڊاڪٽر اختر حميد خان"، "ٽنڍن ٻارن لاءِ آکاڻيون"، "هالا جا رنگ هزار"، "هالا ڪنديءَ کان هالا پراڻا تائين"، "عالمي ادب جا اولڙا"، "خوشدل شهزادو ۽ ٻيون ڪهاڻيون"، "اڄو ته



شهيد مخدوم بلاول اسڪائوٽس ضلعي دادوءَ جو اسڪائوٽس ليڊر، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ضلعو دادو، بزم غلب ۽ ڪلچرل هيريٽيج ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن وغيره شامل آهن. هن صحافتي زندگيءَ جي شروعات ٻارن جي رسالي لاٽ ۾ ڪم ڪرڻ سان ڪئي. ان بعد مختلف سنڌي، اردو ۽ انگريزي اخبارن جو رپورٽر رهيو. هو ادبي رسالي "ڪلچرل هيريٽيج" جو ايڊيٽر ۽ پبلشر پڻ رهيو. هن 12 ڊسمبر 2013ع تي وفات ڪئي.

ساجده جبين

اڄ مشهور شاعره ۽ ليکڪا ساجده جبين جي جنم جو ڏينهن آهي. هن جو اصل نالو ساجده شاهه آهي ۽ هوءَ سيد غلام سرور شاهه لڪياريءَ جي گهر اجوڪي ڏينهن تي 1978ع ۾ باجارا ۾ ڄائي. هن بي اي، بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاديءَ طور ڪيائين. 1993ع کان لکڻ جي شروعات ڪيائين. هن جي شاعريءَ ۾ غزل، وايون، چوسٽا، نظم ۽ گيت وغيره شامل آهن. جڏهن ته ڪهاڻيون ۽ مضمون به لکندي رهي آهي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو "جذبن جهوريو جيءُ" ڇپجي چڪو آهي، جنهن ۾ 13 ڪهاڻيون شامل آهن ان کان علاوه سندس ڪتاب "مشتاق بخاري سڀ تي پاري" (مشتاق بخاريءَ جي ادبي خدمتن جو جائزو) ۽ "يادگيرين جا سيلاب" ڇپجي چڪا آهن.



مختيار اٽو

ڪجهه ڪتاب به پڙهيا. ذاتي زندگيءَ ۾ هو نماز روزي جو پابند ۽ انتهائي پرهيزگار شخصيت جو مالڪ هو. سندس ڪيترائي مريد ۽ معتقد هئا. هو هڪ سٺو صوفي شاعر هو ۽ ڪافيءَ جي صنف تي خاص ملڪو حاصل هئس. سندس ڪلام قلمي صورت ۾ سندس پونئرن وٽ موجود آهي. هو 27 مارچ 1939ع تي ابدي سفر تي روانو ٿي ويو.

رئيس دوست علي ڪٽياڻ

دوست علي ڪٽياڻ، مشهور صوفي شاعر محمد فقير ڪٽياڻ جو پاٽيٽو ۽ نياڻو هو. هن جو اصل نالو عبد الله خان ولد جان محمد خان ڪٽياڻ هو. هن جي جنم جي تاريخ جي خبر نه آهي پر هو مٽياري تعلقي جي ڳوٺ سليمان خان ڪٽياڻ جو رهواسي هو. جيتوڻيڪ هو راڄ جو چڱو مڙس ۽ اثر ۽ رسوخ وارو زميندار هو پر فقيرائي رنگ ۾ رڱيل رهندو هو ۽ هميشه گيڙو رنگ جا ڪپڙا پائيندو هو. محمد فقير ڪٽياڻ جي ميلي تي هو صوفي فقيرن سان گڏ يڪتاري ۽ جهڙيءَ تي ڳائيندو به هو. سندس اوطاق تي هميشه صوفي فقيرن ۽ راڳيندڙن جو ميلو متل هوندو هو. انهن فقيرن جو خرچ پکو رئيس جي حوالي هوندو هو. پاڻ هڪ سٺو حڪيم پڻ هو. رئيس دوست علي خان مخدوم طالب لمولي جو

مريد عباس



هن مشهور راڳيءَ جو جنم 10 اپريل 1973ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر نئين ديري ۾ ٿيو سندس والد محمد عالم مداح ڪتبر به هڪ سٺو راڳي، شاعر ۽ اسٽيج جو اداڪار هو. هن ٻارهين ڪلاس تائين تعليم پنهنجي شهر رتيديري مان حاصل ڪئي ۽ بي اي جي سند شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان حاصل ڪئي. هن کي ننڍي هوندي کان ئي موسيقيءَ ۽ گلوڪاريءَ جو شوق هو. هن غلام شبير سميجي ۽ عبدالغني اياز ڀٽيءَ کان راڳ جي سکيا ورتي. هن جي ڳايل ڪلامن جون ڪيتريون ئي ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آيون. هن کي مشهور پروڊيوسر ڪوثر ٻرڙي ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي متعارف ڪرايو بعد ۾ ٽيليويزن تي به پنهنجا سُرَوڪيري مڃتا ماڻيائين. هو هڪ بهترين نوحه خوان پڻ هو. بدقسمتيءَ سان تاريخ 27 مارچ 1999ع تي کيس نئين ديري شهر ۾ قتل ڪيو ويو.

مسڪين ملاڪاتياري

اڄ مشهور شاعر مسڪين ملاڪاتياريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن پلوڙ شاعر جو جنم 1923ع ڌاري ٽنڊي محمد خان ضلعي جي شهر ملاڪاتيار ۾ ٿيو سندس اصل نالو محمد عثمان ولد سڪٿو خان پاتولي هو. هن آخوند حاجي محمد طيب جي مدرسي ۾ قرآن شريف پڙهيو ۽ ڳوٺ جي اسڪول ۾ چار درجا سنڌي پڙهيو. غربت سبب وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. شاعري ۽ لکڻ جو

“CLASSIFIED ADVERTISMENT”

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج جي اير II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ 37 سال 2026

مسمات رخسانه ڌيءُ مير حسن سيال رهندڙ ڳوٺ مري سبڪي تعلقو سڪرنڊ.. پلينٽف ..بخلاف.. يامين ولد علي شير سيال رهندڙ ڳوٺ مري سبڪي تعلقو سڪرنڊ 03283976256 .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ايوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ مينٽيننس ۽ ڏهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج جي اير II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ 109 سال 2026

مسمات ظهيران ڌيءُ محمد موسيٰ مهر رهندڙ سمير ڪالوني نزد هائوسنگ سوسائٽي نوابشاه. پلينٽف ..بخلاف.. شاول Shawal خان ولد علي محمد مهر رهندڙ ڳوٺ دورائي مهر تعلقو دوڙ .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ايوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن / فيملي جج ميرپورخاص
(روبرو جناب غلام فيض ساجد)
فيملي سوٽ 18 سال 2026

مسمات جنت ڌيءُ الله رکيو ذات خاصخيلي رهندڙ بنگلو بابو شاه مالهي ڪالوني ميرپورخاص. پلينٽف ..بخلاف.. محمد ايوب ولد صوف خاصخيلي رهندڙ رهندڙ ڳوٺ احمد خاصخيلي پي او پيارو لنڊ تعلقو جهندو مري ضلعو ٽنڊو الهيار.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ايوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس ڊاور اماؤنٽ اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن / فيملي جج ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج III حيدرآباد
ايف سي سوٽ 1837 سال 2025

(1) سيد مزمل شاه (2) سيد مدثر شاه (3) سيد سجاد شاه (4) سيد عباس رضا شاه (5) سيد احسن رضا شاه (6) مسمات شبانه بيبي (7)مسمات رضوانه بيبي سڀ پٽ ڌيئرون سيد حافظ شاه مسلم بالغ رهندڙ فرسٽ ايڊريس گهر نمبر G-1653 حيدر شاه فليٽس نزد مصري شاه مسجد ٽنڊو طيب سٽي حيدرآباد سيڪنڊ ايڊريس گهر نمبر C-1127 ناهن جو پڙ حيدرآباد سٽي معرفت اسپيشل اٽارني پلينٽف نمبر 5 سيد احسن رضا شاه ولد سيد حافظ شاه..پلينٽف..بخلاف.. (1) سيد علي محمد شاه ولد سيد عباس علي شاه معرفت قانوني وارث (I) سيد محمد علي شاه (II) سيد عباس علي شاه (III) سيد شير محمد شاه (IV) سيد حامد علي شاه (V) سيد احمد رضا شاه (VI) بيبي شازيه (VII) بيبي ارم فاطمه رهندڙ گهر نمبر G-1848/1849 تلاب نمبر 03 دين علي شاه محله گورو نگر سٽي حيدرآباد (2) سيد اميد علي شاه ولد سيد عباس علي شاه معرفت قانوني وارث (I) سيد عامر علي شاه (II) سيد عمران علي شاه (III) سيد شاه فيصل شاه (IV) جهانگير شاه (V) شاهزيب شاه (VI) مسمات لالي بيبي (VII) مسمات آمنه بيبي مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر G-1848/1849 تلاب نمبر 03 دين علي شاه محله گورو نگر سٽي حيدرآباد (3) مسمات ذوجهان بيبي زال سيد حاجي شاه معرفت قانوني وارث (I) سيد حاجي شاه (مڙس) (II) سيد طالب شاه (III) سيد فرحان شاه (IV) سيد ذيشان شاه(V) سيد عدنان شاه (VI) مسمات بيبي سحرش سڀ پٽ ڌيئرون مسلم بالغ رهندڙ گهر نمبر G-1653حيدر شاه فليٽس نزد مصري شاه مسجد ٽنڊو طيب سٽي حيدرآباد (4) سٽي سرويئر تعلقو سٽي حيدرآباد (5) سيڪريٽري / سينئر ميمبر بورڊ آف ريونيو شهباز بلڊنگ حيدرآباد .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار پارٽيشن ، سيپريٽ پزيشن ، مينڊيٽري اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 02-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج III حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج جي اير II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
فيملي سوٽ سال 2026

مسمات يصرا ڌيءُ محمد اڪرم زال عابد ذات راجپوت رهندڙ مصري اسٽريٽ هالا نيو ضلعو مٽياري. پلينٽف ..بخلاف.. عابد ولد لياقت راجپوت رهندڙ نزد ذڪريه مسجد شاه لطيف ڪالوني گلشن حديد ڪراچي .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ايوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج جي اير II هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / فيملي جج جي اير II قاضي احمد
فيملي سوٽ01سال 2026

عبدالحڪيم ولد جمال الدين چانڊيو رهندڙ ڳوٺ نگر خان چانڊيو تعلقو قاضي احمد .. پلينٽف ..بخلاف.. عبدالجبار لغاري رهندڙ ام فاطمه ايسوسيئيٽس بلاڪ 1 گلستان جوهر ڪراچي 03313433928 .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ايوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 06-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج جي اير II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ سال 2026

مسمات سلميٰ ناز اوڍيجو .. پلينٽف ..بخلاف.. بشير احمد ولد محمد سالار Magan مسلم بالغ رهندڙ گلشن حديد R-159 سوسائٽي گلشن معزمر بن قاسم پورٽ ڪراچي 03428000002 .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ايوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / گارڊين جج اينڊ جي اير II هالا
(روبروجناب علي حسن مري)
گارڊين سوٽ نمبر 11 سال 2026

محمد عثمان ولد مرحوم محمد عمر ذات سولنگي رهندڙ محله پير مولا بخش ڪالوني هالا ضلعو مٽياري .. اپليڪينٽ ..بخلاف.. (1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج (2) غلام عباس ولد مرحوم غلام رسول ذات سولنگي رهندڙمحله پير مولا بخش ڪالوني هالا ضلعو مٽياري .. اپوننٽس (1) غلام معين الدين (عمر 17 سال) (2) غلام سرور (عمر 15سال) (3) بي بي شبنم (عمر 12 سال) (4) بي بي نازيه (عمر 11سال) (5) بي بي شازيه (عمر 7 سال) سڀ مائنر ذات سولنگي رهندڙ محله پير مولا بخش ڪالوني هالا ضلعو مٽياري .. مائنر

نالي مٿئين ايوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 02-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / گارڊين جج اينڊ جي اير II هالا

عام اطلاع

هرعام و خاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي محمد ضمير الدين ولد ظهور الدين قريشي رهندڙ محله شاهي بازار ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ دروخواست پيش ڪئي آهي ته نالي ظهورالدين ولد ڪريم بخش قريشي تاريخ 2019-07-04 تي فوت ٿي چڪي آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن. فوتي جي گهرواري تاريخ 17-11-2011 تي فوت آهي (تفصيل وارث)(1) محمد ضمير الدين (پٽ) (2) محمد سميع الدين (پٽ) (3) محمد وصي الدين (پٽ) (4) محمد معي الدين (پٽ)(5) مسمات عابده سلطانه (ڌي) (6) مسمات ساجده سلطانه (ڌي) (7) مسمات طيبه سلطانه (ڌي)(8) مسمات طاهره سلطانه (ڌي)(9) مسمات لبنيٰ (ڌي) تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خوان قانوني وارث ڪو به آهي ۽ فوتي جي ملڪيت سٽي سروي نمبر 169 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ گڏيل حصو سجو روپيو اڳ سٽي سروي رڪارڊ ۾ داخل ٿيل آهي انهي متعلق اسان وٽ ٻن شاهدن هرهڪ (1) محمد رمضان ولد فتح محمد شورو (2) ريحان احمد ولد مشتاق احمد ذات ناگوري اسان جي روبرو ٻنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڄاڻايل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتو بدل جي داخلا رکي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

مختيارڪار /سٽي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام و خاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي سرواڻ علي ولد فقير محمد ڪنڀار رهندڙ ٽالپر ڪالوني ٽنڊو محمد خان بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي احسان علي ولد فقير محمد ڪنڀار تاريخ 14-08-2018تي فوت ٿي چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن (تفصيل وارث)(1) سرواڻ علي (پاءُ) (2) مسمات قرت العين (ڀيڻ) (3) مسمات بختاور (ڀيڻ) (4) مسمات ڪرن (ڀيڻ) (5) مسمات سميا (ڀيڻ) فوتي احسان علي جا ماءُ پاءُ به فوت آهن تاريخ 16-03-2020 انهن جو اهڙو فوتي سرٽيفڪيٽ به شامل آهي تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو به جائز خوان قانوني وارث ڪو به آهي ۽ فوتي جي ملڪيت سٽي سروي نمبر 1533 وارڊ B تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ گڏيل حصو سجو روپيو اڳ سٽي سروي رڪارڊ ۾ داخل ٿيل آهي انهي متعلق اسان وٽ ٻن شاهدن هرهڪ (1) محمد رياض ولد محمد ايوب خان ذات گدي پٺاڻ (2) شاهنواز ولد حاجي محمد قاسم ذات لغاري اسان جي روبرو ٻنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ڄاڻايل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو به اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل ملڪيت ۾ مٿي ڄاڻايل وارثن جي حق ۾ فوتي ڪاتو بدل جي داخلا رکي ويندي ۽ بعد ۾ ڪا به حجت قابل قبول نه رهندي.

مختيارڪار /سٽي سروي آفيسر ٽنڊو محمد خان

عام اطلاع

هرعام وخاص ماڻهن کي اطلاع ٿو ڏجي ته ڪيل درخواست نالي عبدالسميع والد غلام قادر ولد محمد موسي آخوند جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي ته ڪيس کي ڪاٽي تي سروي نمبر 8 ايراضي حصي مطابق ديهه فتح پور تعلقه ڪي اين شاهه آهي ان جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي تفصيل وارثن جا 1عبدالحفيظ ولد غلام قادر آخوند 2عبدالغني ولد غلام قادر آخوند3عبدالسميع ولد غلام قادر آخوند 4 جهانگير ولد غلام قادر آخوند 5 ساجده پروين ڌي غلام قادر آخوند 6 شاهده پروين ڌي غلام قادر آخوند 7 رابعيه ڌي غلام قادر آخوند نوٽ هن اشاعت جي 7 ڏينهن اندر پنهنجا اعتراض جمع ڪرائيندا ٻئي صورت ۾ فوتي ڪاتو تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو ڪي اين شاه

عام اطلاع

مسمات وسيم جهان زال شفيق محمد خان رهندڙ فليٽ نمبر A-16 ٿرڊ فلور بلاڪ A-2 مهراڻ هائيٽس يونٽ نمبر 6 لطيف آباد حيدرآباد ۽ مسمات فرح ناز ڌيءُ محمد اسلم چوهاڻ رهندڙ پلاٽ نمبر 156/1 گهر نمبر B-29/1 محله چوهاڻ هائوس سول لائينز حيدرآباد ڪينٽ پلاٽ نمبر 37 ايراضي 500 مربع گز واقع ججز آفيسر ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ڪوهسار لطيف آباد حيدرآباد جي خريداري جو معاهدو نالي برڪت علي ولد ولي محمد رهندڙ پلاٽ نمبر 387 بلاڪ سي يونٽ نمبر 11 لطيف آباد حيدرآباد سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائين ٻي صورت ۾ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

مسمات وسيم جهان موبائل نمبر 03322608075

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل چيچس نمبر EC-821099ءِ انجڻ نمبر Z-138531 ڪلر ڪارو ماڊل 2024 جنهن جوليٽر ڪٿي ڪري گر ٿي ويو آهي اگر ڪنهن کي هٿ اچي ته هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلي.

محمد مٺل چانڊيو ولد سليمان چانڊيو وينل ڳوٺ قومي چارو تعلقه خيرپور ناٿن شاه ضلعو دادو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ ايڊيشنل سيشن جج MCTC/I ڄامشورو
ڪرمنل مسلينس سوٽ 21 سال 2026

راجا پالاري. درخواستگذار ..بخلاف.سرڪار. ريسپونڊنٽس ڪرائم نمبر 571/2025 پي ايس سائيٽ ڪوٽڙي زير قلم 395.337-H(2) PPC

جنرل پبلڪ ڏانهن:

جيئن ته مٿين درخواستگذار زير قلم 516-A Cr.P.C تحت درخواست داخل ڪئي آهي گاڏي جي واپسي لاءِ جيڪا مٿي ڄاڻايل ڏوهه ۾ پي ايس سائيٽ ڪوٽڙي وٽ ضبط آهي رجسٽريشن نمبر CAN-947 چيچس نمبر NF1AET306H1207584 انجڻ نمبر 6R307743 ماڊل 2024 سوزڪي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 03-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل سيشن جج MCTC/I ڄامشورو

بقايا 1 گهر ۾ ڪهرام

سوشل ميڊيا تي پوسٽون رکيون ويو ۽ وارثن حد جي پوليس کي اطلاع پڻ ڪيو هو پوليس موجب ته ٻار جو گم ٿيڻ تي ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو نوٽيس وٺي ڪري 15 مددگار انچارج خليل لغاري کي هدايتون ڪيون ته ٻار جي ڳولا ۾ مڪمل مدد ڪئي وڃي جنهن بعد پوليس ڳولا شروع ڪئي خليل لغاري سنڌس ٽيم ۽ وارثن پاران گهر پويان ڳولا دوران معصوم جو لاش مليو آهي انهي حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي ته ٻار گهر جي ڇت تي راند ڪندي هيٺ ڪري فوت ٿيو آهي وارثن جو به چوڻ آهي ته گهر جي ڇت تي راند دوران پويان ڪري پيو جنهن کي ڳولڻ دوران اسان کي لاش مليو آهي لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو هر طرف روڄ راڙو سنڌس والدين کي معصوم پٽ جي صدمو بي حال ڪري ڇڏيو روئي روئي بيهوش ٿي ويا.

بقايا 2 آپگهات

موجب مشتاق احمد لوهاچ ڪجهه عرصي کان پريشان رهندو هو معاشي مشڪلاتن ۽ غربت کان تنگ اچي اهو انتهائي قدم کنيو واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڏک ۽ سوڳ جي فضا ڇانيل آهي مشتاق لوهاچ کي ٽن پٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي

بقايا 3 اياز لطيف

آهي جن کي سنڌ جي چنتا هجي پر بد قسمتيءَ سان انهن ماڻهن جي کوٽ آهي ان ڪري سوچڻو پوندو ته اسان جو مرڻ جيئڻ سنڌ خاطر هئڻ گهرجي هن چيو ته سنڌ جا سياسي ماڻهو پنهنجن مفادن خاطر هڪڙا نواز شريف جا حمايتي ته ٻيا وري پيپلز پارٽي جا حمايتي جن ملي ڪري سنڌ تباهه ڪئي آهي هن وڌيڪ چيو ته پ پ پ ۽ ن ليگ سنڌ جا دشمن آهن جن جي حڪمراني سبب نه اسڪولن ۾ پڙهائي آهي نه فرنيچر آهي جڏهن ته ٻئي پاسي نه اسپتالن ۾ دوائون آهن نه ئي زندگي بچائڻ جي ڪا سهولت ان ڪري اسين انهن کي سنڌ دشمن سمجهون ٿا هڪڙا وري پناهگيرن جا حمايتي ته ٻيا وري افغانستان جا حمايتي آهن اياز لطيف پليجو اهو به چيو ته جيڪڏهن اسان اسلامي تاريخ تي نظر ڊوڙائينداسين ته جيڪي رسول ۽ نبي آيا آهن انهن پنهنجي ٻوليءَ ۾ تبليغ ڪئي ۽ پنهنجي ڌرتي تي رهيا اتي جي ئي ماڻهن جي خدمت ڪئي ان ڪري اسان کي به ان تي عمل ڪرڻ گهرجي پر اينئن ٿئي نٿو اسان جا حڪمران اسان جي قوم جا به دشمن آهن ته اسان جي ڌرتيءَ جا به دشمن آهن ان ڪري سنڌي قوم کي سوچڻ گهرجي ۽ انهن سنڌ دشمن حڪمرانن خلاف

آواز اٿارڻ پوندو هن چيو ته ڪوهه اهڙو سرڪاري ڪاتو ناهي جنهن ۾ رشوت عيوض ڪا ڀرتي ڪئي وڃي هجي 100 ڀرتين مان ٻه ڀرتيون غريبن کي ڏئي ميرٽ جو ڊرامو ڪيو ويندو آهي ان ڪري خدارا اٿو ۽ سنڌ وطن خاطر سوچيو ۽ لوڪيو پروگرام دوران اياز لطيف پليجو کي مختلف ڪارڪنن ٻارن اجرڪن ۽ لنگين جا تحفا پيش ڪيا ويا ان کان اڳ قومي عوامي تحريڪ جي تعلقه صدر مشتاق ماڇوٺو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي پروگرام جو مقصد ٻڌايو پروگرام ۾ ايڊووڪيٽ محبوب جوکيو ، رسول بخش لغاري ، امام بخش ڪيريو، آفتاب جوکيو پڻ شريڪ هئا

بقايا 4 مجتا لاءِ احتجاج

سيد سجاد شاه عبدالرحيم ناريجو محمد حسن جويو عبدالغني برفت هوشو برفت زاهد برفت جمن بليدي ٻين چيو اسان ملازمن کي هر سال ۾ ليوانڪشمنٽ ڏني ويندي آهي اهو اسان جو سال ۾ حق آهي جيڪو قانوني طور سينڊيڪيٽ مان پاس ٿيل آهي اسان کي هر ڏني ويندي هئي اسان ملازم پنهنجي حقن لاءِ مسلسل رڙيون ڪندا اچون پر امن احتجاج ڪري رهيا آهيون پر انتظاميا ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي هنن هلندڙ احتجاجي تحريڪ دوران اسان کي انتظاميا ڳالهين ذريعي گهرائي ۽ اسان مان زور ڀريو ويو ته ليوانڪشمنٽ نه ڏينداسين بيسڪ پگهار وٺو اسان ان ڳالهه تان انڪار ڪيو هو انتظاميا پنهنجي زوري ڏاڍ مڙهي ملازم دشمن فيصلو ڪندي سمورن ملازمن جي اڪائونٽ ۾ بيسڪ پگهار موڪلي آهي جيڪا اسان سان ظلم آهي هنن چيو جيستائين اسان کي ليوانڪشمنٽ نه ملندي اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا 5 جرنلسٽس

ڪيپيو وڃي جيڪو نه رڳو مذمت جوڳو عمل آهي پر صحافتي برادري لاءِ خطرناڪ رجحان پڻ آهي سکر يونين آف جرنلسٽس واضح ڪيو ته صحافين کي نشانو بڻائڻ انهن جي گهرن تي حملا ڪرائڻ ۽ ڪين ڌمڪيون ڏيڻ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو هنن مطالبو ڪيو ته ڪوٽڙي جي صحافين اسماعيل باريجو ڏني بخش باريجو ۽ عظيم باريجو کي فوري سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي ۽ ملوث جوابدارن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪئي وڃي اجلاس ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس طرفان اعلان ڪيل احتجاجي بڪ هڙتال جي مڪمل حمايت جو اعلان ڪندي چيو ويو ته سکر يونين آف جرنلسٽس جا سمورا يونٽ 27، 28 ۽ 29 مارچ 2026 تي سکر سميت سڀني ضلعن جي پريس ڪلبن آڏو احتجاجي مظاهرا ڪندا. اڳواڻن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن صحافين جي تحفظ کي يقيني نه بڻايو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو ۽ ايندڙ لائحه عمل جو اعلان ڪيو ويندو. سکر يونين آف جرنلسٽس سنڌ حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو ته فوري نوٽيس وٺندي صحافين کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ هن واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ته جيئن صحافتي برادري ۾ موجود خدشن جو ازالو ٿي سگهي

بقايا 6 اسپتال داخل

آهي واقعي جي اطلاع تي اگهوڙو ميونسپل چيئرمين محمد وسيم قائمخاني سميت وڏي انگ ۾ برادري جا ماڻهون اسپتال پهتا ٻڌايو وڃي ٿو ته پيپلز پارٽي سان تعلق رکندڙ جٽ برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڪجھ عرصي کان تڪرار هلندڙ آهي جن جي وچ ۾ اڳ به جهيڙا ٿيندا رهيا آهن ڪيرو پوليس موجب واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو آهي

بقايا 7 مارچ ريو

سخت نعريبازي ڪندي انصاف جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي رياض پنهور صلاح الدين پنهور ابرار علي پنهور محمد زڪريا پنهور ۽ ٻين چيو ته ٻه سال اڳ گاڏهي برادري پاران سنڌن نوجوان زوهيب پنهور کي ڪارڻهن جو الزام هڻي قتل ڪيو ويو هو جنهن جو ڪيس وزير پنهور داخل ڪيو هو هنن چيو ته ڪيس ۾ مير گاڏهي کي پوليس گرفتار ڪري چڪي آهي جڏهن ته ٻيا جوابدار اڃان تائين آزاد آهن جيڪي مختلف وقتن تي وزير پنهور کي ڪيس تان هٽ ڪڻ لاءِ ڌمڪيون ڏيندا رهيا. هنن چيو ته اڄ وزير پنهور جڏهن پنهنجي ڪم سان وڃي رهيو هو ته ٻلي چوڪ پرسان نامعلوم هٿيارٻندن مٿس فائرنگ ڪري ڪيس مرٽيفنگ ڪري ڇڏيو جنهن کي وارث لاڙڪاڻي کڻائي ويا، جتي زخمن جا سور نه سهندي نوجوان فوت ٿي ويو مظاهرين الزام لڳايو ته باوجود پوليس اڳ به جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي ۽ هاڻي به سستي جو مظاهرو ڪري رهي آهي هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي فوري طور ايف آءِ آر داخل ڪري ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين عبرتناڪ سزا ڏني وڃي

بقايا 8 نوٽيس جو مطالبو

ٻين شڪايت ڪئي ته هو ڪيترائي ڀيرا مقامي آفيسرن وٽ ويا ۽ تحصيل صوبوديرو جي يونين ڪائونسل رسول آباد ۾ واقع هن صحت مرڪز جي خراب حالت بابت آگاهه ڪيو پر ڪنهن به ڌيان نه ڏنو ويو هنن ٻڌايو ته عمارت جي خراب حالت سبب ڊاڪٽر ڪليل آسمان هيٺ ويهي مريضن جو علاج ڪرڻ تي مجبور آهن جڏهن ته چارديواري نه هجڻ ڪري رات جو ڪتا ۽ ٻيا جانور اسپتال اندر داخل ٿين ٿا، جنهن ڪري گندگي پکڙجي ٿي ۽ عملي سميت مريضن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته هن مسئلي کي ميڊيا ادارن ڪيترائي ڀيرا اجاگر ڪيو آهي پر افسوس جو سنڌ حڪومت ڪا به سنجيده ڪارروائي نه ڪئي آهي هنن سيد مراد علي شاه کان اپيل ڪئي آهي ته فوري طور نوٽيس وٺي ڳوٺ بچل پنهور جي بنيادي صحت مرڪز کي بيهر تعمير ڪرائڻ جا حڪم جاري ڪيا وڃن

بقايا 9 ميڙاڪو

آف جرنلزم لالا اسد پٺاڻ خاص طور تي شرڪت ڪئي

بقايا 10 حل لاءِ هدايتون

ڪندي چيو ته عوامي مسئلن جو فوري، شفاف ۽ ميرٽ تي حل يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته محتسب اعليٰ جو ادارو عوام کي بنا معاوضي ۽ ترت انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ هميشه سرگرم آهي. جڏهن ته کليل ڪچهرين جو مقصد عوام کي سندن دروازن تي ئي رليف فراهم ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ چيو ته جائز مسئلن جو حل ۽ عوام کي فوري انصاف مهيا ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي. ان موقعي تي ميزبان اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو آدم حنين طارق شاهاڻي پنهنجي خطاب ۾ چيو ته تعلقه انتظاميه ٽنڊو آدم هميشه عوام سان رابطو برقرار رکي ٿي ۽ کين وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي. کلي ڪچهري ۾ مختلف کاتن جي آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي . شهرين اهڙي قدم کي ساراهيندي چيو ته کين پنهنجا مسئلا سڌي ريت اختيارين اڳيان پيش ڪرڻ جو بهتر موقعو مليو آهي. کلي ڪچهري ۾ رجسٽرار محتسب اعليٰ غلام مرتضيٰ ميمڻ، مختيارڪار ٽنڊو آدم امام الدين لاڙڪ، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر مختيار علي عمراڻي ايس ايچ او محمد حنيف مهر ايس ڊي او ايجوڪيشن ورڪس محمد رمضان سانڊ سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 11 پيش پيا

ديدار ڦليپوٽو ۽ صدام ملاح شامل آهن انهن ٽنهي ڌاڙيلن تي 50 کان وڌيڪ سنگين ڪيس داخل هئا. جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن تي شاهراهن تي ڌاڙا ڦر ۽ ٻين سنگين وارداتن جا ڪيس داخل هئا. هن وڌيڪ ٻڌايو ته درياءَ سنڌ جي ٻيلن ۾ ڳري مشينري ۽ بڪتر بند گاڏين سان گڏ ٽارگيٽڊ آپريشن جاري آهي جنهن جي دٻاءَ هيٺ اچي ڌاڙيل سرينڊر ڪري رهيا آهن هن چيو ته خيرپور ضلعي ۾ هينئر تائين 30 کان وڌيڪ ڌاڙيل هٿيار ڦٽا ڪري سرينڊر ڪري چڪا آهن هن اهو به چيو ته سڀني ڌاڙيلن جو خاتمو ڪرڻ ۽ مڪمل امن امان قائم ٿيڻ تائين ڌاڙيل گروهن خلاف ڪارروايون جاري رکيون وينديون

بقايا 12 چيئرمين

غيرقانوني قابضين کي هٽايو ويندو هن چيو ته ڪجهه قبضا مافيا شهر جي فوٽ پاٿن تي به قبضا ڪيا آهن جيڪي برداشت نه ڪيا ويندا هن چيو ته فوٽ پاٿن تي قبضا ڪندڙ مافيا شهر دشمن آهن ۽ اهڙن ماڻهن خلاف ڪارروائي جاري رهندي ڊاڪٽر يار محمد ڦليپوٽو وڌيڪ چيو ته شهر اندر مينهن جي واڙن سبب صفائي جو نظام متاثر ٿي رهيو آهي مينهن جا مالڪ صبح جو پنهنجون مينهون شهر ۾ آڻين ٿا، جيڪي مصروف روڊن تي گند ڪن ٿيون ۽ ماڻهن کي ٽڪر هڻي زخمي به ڪن ٿيون جنهن ڪري جهيڙا پڻ ٿين ٿا هن وڌيڪ چيو ته ڊپٽي ڪمشنر الطاف احمد چاچڙ مينهن جا واڙا شهر کان ٻاهر منتقل ڪرائڻ جو يقين ڏياريو آهي هن ڊپٽي ڪمشنر کي اپيل ڪئي ته جلد کان جلد ايمرجنسي بنيادن تي انهن واڙن کي شهر کان ٻاهر منتقل ڪيو وڃي.

بقايا 13 احتجاجي ڌرڻو

قبوسعيدخان جي امير عبدالرحيم ڪوسو، مولانا قاري عبدالباسط برڙو جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري شهيد راڄي چوڪ تي ڌرڻو هنيو ان موقعي تي ڌرڻي ۾ شهري مختلف سياسي ، سماجي تنظيمن ، شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي اڳواڻن جمعيت علماء اسلام جي ضلعي اڳواڻ مولانا عذير گل مغيري ، مولانا عبدالرحيم ڪوسو ، مولانا قاري عبدالباسط برڙو، مولانا رضا محمد ڪوسو، مولانا امان مڪسي، مفتي اختر علي مڪسي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته هن جديد ترقي آفتہ دور ۾ قبوسعيدخان ۾ بنيادي سهولتون مهيسر ڪونه آهن روڊن رستن تي نظر ڦيرائي ته هر هنڌ کڏون ۽ کوبا ۽ موٽ جو راڪس ويلو آهي، سفر ڪرڻ تمام مشڪل بڻجي ويو آهي اسپتال ۾ وڃ ته دوائين ۽ ڊاڪٽرن جي کوٽ لڳي پئي آهي ، ايمرجنسي ۾ هيڊي وڏي ڊبل اسٽور رورل هيلٿ سينٽر جي بلڊنگ ٺهيل آهي اسپتال ۾ دوائون جي کوٽ ۽ ايمبولنس ڪونه آهي. مجبور لاچار بيبهج مريض پرائيوٽ گاڏي ڪرڻ جي سگهه نه هئڻ سبب هتي تڙپي تڙپي جان جي بازي هاري ٿا ويهن ، هن وقت ملڪ ۾ هڪ طرف مهانگائي جي طوفان آهي ، ته ٻئي طرف غريب هارين جي پوکيل فصل ڪڻڪ جي ريٽ گهٽ هجڻ سبب هاري ويچارا پريشان آهن ته فصل مان پاڻ ٻج ، دوائين جو خرچ ڪٿان پورو ڪريون بجت ته پري جي ڳالهه رهي هاري ويچارا هر سال هر فصل لهڻ جي وقت قرضائي ٿيو پون هٿ وٺي زراعت کي نقصان رسائي رهيا آهن ۽ هارين جي گذر سفر کي مشڪل بڻايو ويو آهي. اها ئي ڪڻڪ ڪجهه مهينا اڳ چار کان پنج هزارن ۾ مڻ وڪرو پئي ٿيو ۽ هاڻي جڏهن هارين وٽ آهي ته معافيا ڪڻڪ جي انهن هارين کان گهٽائي ڇڏيا آهن ،هارين کان گهٽ ريٽ تي ڪڻڪ خريد ڪري وري ڪجهه مهينن کان پوءِ انهي ڪڻڪ جي ريٽ مارڪيٽ ۾ واپاري ٻيڻ ۽ ٽيڻ اڳهه تي وڪرو ڪندا. اها سراسر ظلم ۽ زيادتي آهي هارين ، آبادگارن سان ، ان لاءِ اسين حڪومت کان گهر ٿا ڪريون ته عوام کي بنيادي صحت ، تعليم روڊ ، رستا ڏنا وڃن ۽ مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 14 دريافت جو اعلان

پريشر رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو مضبوط زير زمين اسٽوريج صلاحيت کي ظاهر ڪري ٿو اهو قابل ذڪر آهي ته او جي ڊي سي آپريٽر جي حيثيت سان 95 سيڪڙو دلچسپي رکي ٿو جڏهن ته گورنمينٽ هولڊنگز (پرائيويٽ) لميٽيڊ 5 سيڪڙو رکي ٿو هي کوهه 24 ڊسمبر 2025 تي کوٽيو ويو ۽ ڪمپني جي پنهنجي ٽيڪنيڪل مهارت سان سامبار فارميشن ۾ 3,870 ميٽر (ڪي وي ڊي) جي ڪوٽائي تائين مڪمل ڪيو ويو هي دريافت نه رڳو او جي ڊي سي جي ڳولا جي ڪوشش ۾ هڪ اهم سنگ ميل آهي پر پاڪستان جي مقامي توانائي وسيلن کي وڌائڻ جي طرف هڪ مضبوط قدم پڻ آهي اميد آهي ته هي دريافت ملڪ ۾ وڌندڙ توانائي بحران کي گهٽائيندي ۽ درآمد ٿيل ايندهن تي انحصار کي گهٽائيندي ۽ قومي معيشت کي مستحڪم ڪندي

بقايا 15 باڊي چونڊي وئي

جوائنٽ سيڪريٽري سيف علي کي پريس سيڪريٽري ۽ ننڌ ڪمار پيل کي فنانس سيڪريٽري چونڊيو ويو ان موقعي تي ضلعي صدر علي ڏنو خاصخيلي ۽ فنانس سيڪريٽري احسان علي شر پاران نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون ڏيندي اميد ظاهر ڪئي ته هو پارٽي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا. هن چيو ته تعلقي جام نواز علي ڪيترن ئي بنيادي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي جن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد جي ضرورت آهي اجلاس ۾ پارٽي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ تنظيم کي فعال بڻائڻ لاءِ عزم جو اظهار ڪيو.

بقايا 16 جاويد حسين شاهه

سميت سڄي سنڌ ۾ بي پرواهي سان ترقياتي ڪم ڪرايا آهن جنهن سان عوام کي سهولتون ڏنيون ويون آهن

بقايا 17 ماجد سڪندر ملاح

هجي منشيات خلاف آواز اٿارڻ وڏو جهاد آهي منشيات جي ڪري نوجوان نسل تباهه ۽ پڙهيل لکيل ٻارڙو تعليم پرائيندڙ به منشيات جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي پنهنجو مستقبل تباهه ڪري رهيا آهن تقريبن هر گهر منشيات جي ور چڙهي ويو آهي هن چيو ته منشيات خلاف آواز اٿارڻ وارن سان سياسي،سماجي ،وڪيل ،استاد ۽ سول سوسائٽي جي دوستا اڳتي اچڻ هن چيو ته ايس ايس پي ڄامشورو ، اي جي ماڻهن کي خبر آهي ته منشيات ڪير پيو هلائي ترت ان خلاف ڪارروائي ڪري هن چيو ته عوام هنن کي ڏاوڻ ڏيندو ۽ اسان به هر حمايت ڪنداسين سنڌ ملاح فورم هر وقت توهان سان گڏ هوندي.

بقايا 18 ڊي سي نوابشاهه

نظاماڻي سان گڏجي نوابشاهه شهر ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي اڏن کي شهر کان ٻاهر منتقل ڪرڻ بابت مختلف علائقن جو دورو ڪيو ان موقعي تي لاڳاپيل آفيسرن بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته شهر جي وڌندڙ ٽرئفڪ ۽ رش کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ٽرانسپورٽ اڏن جي منتقلي ضروري آهي جنهن سان نه رڳو ٽرئفڪ جي روانيءَ ۾ بهتري ايندي پر شهرين کي به سهولت ملندي.ان موقعي تي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن شهمير خان ڀٽو آفيسرن کي هدايت ڪئي ته تجويز ڪيل نون هنڌن جو تفصيلي جائزو وٺي بنيادي سهولتون جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن مسافرن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف پيش نه اچي هن چيو ته ٽرانسپورٽ اڏن جي منتقلي هڪ اهم قدم آهي جنهن سان شهر جي خوبصورتي ۽ ٽرئفڪ نظام ۾ سڌارو ايندو.ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي چيو ته ضلعي انتظاميا ان حوالي سان جلد عملي قدم کڻندي ۽ لاڳاپيل ٽرانسپورٽرز سان صلاح مشورا ڪيا ويندا ته جيئن منتقلي جي عمل کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي مڪمل ڪري سگهجي.ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر نوابشاهه اقبال احمد تنيو ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا.

بقايا 19 منشي فوت

موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته هڪ مزدور شارخ رانگو ۽ مقامي نوجوان طلحه جٽ زخمي ٿي پيا. حادثي کان پوءِ فارم تي موجود ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت فوتي جو لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال ميرپورخاص منتقل ڪيو جتي زخمين کي طبي امداد ڏني پئي وڃي. جڏهن ته فوتي جو لاش اسپتال جي سرد خاني ۾ رکيل آهي. ذريعن موجب فوتي منشي الله لوڪ جو واسطو ٿر جي علائقي نگرپارڪر سان ٻڌايو پيو وڃي جڏهن ته واقعي جي اطلاع فارم جي مالڪ ارسلان جٽ پاران فوتي جي وارثن کي ڏني وئي آهي.

بقايا 20 منتقل

زيرو لوڊشيڊنگ جي سهولت فراهم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون آهن جن سرڪل لاڙ جو 9 هون فيڊر آهي جيڪو ٽنڊي محمد خان I، II ۽ ماتلي سب ڊويزن جو ٿيون ۽ علائقي جو 40 هون فيڊر آهي جنهن کي هن سهولت کان پاڪ ڪيو پيو وڃي هن سهولت مان فائدو حاصل ڪندڙ صارفين ۾ 10 صنعتون 35 ڪمرشل ڪنيڪشن 1005 گهريلو ڪنيڪشن ۽ 11 ٻيا ڪنيڪشن شامل آهن جن جي ڪل تعداد 1061 آهي هن قدم تحت، گهرن اسڪولن اسپتالن ڪاروباري مرڪزن آفيسن ۽ صنعتن کي 24 ڪلاڪ بجلي فراهم ڪئي ويندي هاڻي تائين 39 11 ڪي وي فيڊرز کي زيرو لوڊشيڊنگ تي منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته هلندڙ مالي سال دوران 68 وڌيڪ فيڊرز کي به ان ۾ شامل ڪيا ويندا جيڪڏهن اسان پنهنجي ذميواري محسوس ڪندي هن نظام جو خيال رکون ٿا، ته هي سهولت موجود رهندي جيسڪو بجلي خريد ڪري ٿو ۽ معزز صارفين کي ڏکي ٿو بجلي کي قانوني طور تي استعمال ڪريو ته جيئن توهان کي مسلسل بجلي ملندي رهي اهو ادارو اسان جو آهي اسان انهن جا مالڪ آهيون هاڻي تائين 39 11 ڪي وي فيڊرز کي زيرو لوڊشيڊنگ ڪيو ويو آهي موجوده مالي سال ۾ اسان معزز عوام جي مڪمل مدد سان 68 فيڊرز تي هي سهولت فراهم ڪنداسين سڀ کان پهريان توهان سڀني کي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي ۽ اڄ حيسڪو انتظاميه 132 ڪي وي گرڊ اسٽيشن ٽلهار جي 11 ڪي وي چينل فيڊرز کي زيرو لوڊشيڊنگ بڻايو آهي توهان اسان جا بهترين گراهڪ آهيو ۽ اهو ڪجهه جو انصاف آهي ته اسان سٺن گراهڪن جي قدر نه ڪريون؟ تاريخ هميشه انهن واقعن کي ياد رکي ٿي جيڪي انساني ذهانت تي دائر چڙهندا آهن حيسڪو جو روشن خيالي جو سفر جاري آهي اڄ هي سرڪل لاڙ جو 9 هون فيڊر آهي، جيڪو ٽنڊي محمد خان I، II ۽ ماتلي سب ڊويزن جو ٿيون ۽ علائقي جو 40 هون فيڊر آهي، جنهن کي زيرو لوڊشيڊنگ کان پاڪ ڪيو پيو وڃي هن موقعي تي، مان پنهنجي ٽيم ۽ ماڻهن کي هڪ ٽيم جي حيثيت سان ڪاميابي حاصل ڪرڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو جنهن لاءِ مان توهان کي سلام پيش ڪريان ٿو فيڊر کي لوڊشيڊنگ کان پاڪ ڪرڻ کان پوءِ ان جي حفاظت ڪرڻ لازمي ضروري آهي ته هن سهولت کي برقرار رکي ته جيئن توهان پنهنجي زمين ۾ فصل پوکيندا آهيو ، ان جي حفاظت ڪندا آهيو، تيئن فيڊر جي نگراني ڪرڻ به ضروري آهي ته اهو چاڪاڻ ته هن ڪم ۾ محفوظ ۽ ڪمبنگ شامل آهي توهان ۽ اسان جي وچ ۾ هڪ معاهدو آهي جنهن کي اسين اخلاقي معاهدو پڻ سڏيون ٿا مان چاهيان ٿو ته هي فيڊر هميشه مسلسل لوڊشيڊنگ کان پاڪ رهي ڪيو وڃي توهان ۽ اسان سهولت کي برقرار رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين

بقايا 21 احتجاجي مظاهرو

ته جوابدار موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا احتجاج ڪندڙن چيو ته واقعي کان فوري پوءِ مقتول جي ڀاءُ علي شير ملڪ لاڳاپيل پوليس اسٽيشن کي اطلاع ڏنو لاش کي پوليس موقعي تي پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو جڏهن ته انهن جي الزام آهي ته پوليس ڪارروائي دوران جي خاندان سان ناانصافي ڪئي وئي سندس مڙس علي شير ملڪ مائيم امان الله جي ماءُ مسمات سليمت، زال حبيب الله ملڪ ۽ چاچي عبدالقدير ملڪ کي گرفتار ڪيو مسمات وڏين ٻچيو ته هڪ پٽ پنهنجي جوان ڌيءُ کي مارينداڻ هنن الزام لڳايو ته اصل ملزم امان الله ملڪ پنهنجي گل جي ڌيءُ کي بليڪ ميلنگ جي الزام ۾ بي رحمي سان گوليون هڻي قتل ڪيو آهي هن چيو ته پوليس ان جي بدران سندس مڙس کي گرفتار ڪري غائب ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته اصل قاتل آزاد گهمي رهيو آهي احتجاج ڪندڙ عورت پرزور مطالبو ڪيو ته چيف جسٽس آف پاڪستان وزير اعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر سميت اعليٰ اختيارين سندس مڙس کي بازياب ڪرايو وڃي ۽ اصل قاتل امان الله ملڪ کي گرفتار ڪري سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي انهن چيو ته جي قاتل کي گرفتار ڪري سامهون سزا نه ڏني وئي ته جيئن انهن جي ڌيءُ کي انصاف ملي سگهي. ياد رهي ته احتجاج جي موقعي تي موجود ماڻهن هٿن ۾ قرآن پاڪ کڻي انصاف جو مطالبو ڪيو پوليس طرفان ان حوالي سان ڪو به سرڪاري بيان جاري نه ڪيو ويو آهي جڏهن ته متاثره جي خاندان جو چوڻ آهي ته احتجاج ان وقت تائين جاري رهندو جيستائين اصل ملزم کي گرفتار نه ڪيو ويندو

بقايا 22 مطالبو

سورو ٿاڻي تي ڪيس داخل ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته جوابدار وسيم چوهاڻ پاران ڪجهه وقت پهريان ناري ڦرڙائڻ جي حبيب الرحمان چوهاڻ جو رشتو سوکليو هئو جيڪو نه ڏيڻ تي جوابدار وسيم چوهاڻ پنهنجي ساٿين اصغر چوهاڻ مختيار عرف ڪالو چوهاڻ بچل چوهاڻ مسعود ولد راڻو خان چوهاڻ سان گڏجي گهر اندر داخل ٿي گهر ۾ ويٺل سورهن سالا نياڻي فرزانه کي کڻي اغوا ڪري ويا آهن جڏهن ته ناري جي وارثن پاران مختلف وقتن تي نياڻي جي بازيابي لاءِ احتجاج پڻ ڪيو ويو آهي ته سندن نياڻي کي ڏينهن ڏهه کان اغوا ٿيل آهي مگر پوليس طرفان هن وقت تائين جوابدارن کي گرفتار نه ڪيو ويو متاثر عورت پاران ڊي آءِ جي ايس پي سنڌ جي گهرو وزير ضياء الحسن لنجار کي اپيل ڪئي آهي ته فوري نوٽيس وٺي اغوا ٿيل نياڻي بازياب ڪرائي وڃي ۽ جوابدارن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 23 مارچ ريو

جي اطلاع ملندي ئي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي تعلقي اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته علائقي ۾ ڇڪتاڻ ۽ خوف جو ماحول برقرار آهي ذريعن موجب اڳواڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو پراڻي دشمني جو نتيجو ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 24 احتجاج

زال آسيا پنهنجي ساٿين سان گڏجي گهر ۾ گهوٽي بي دردي سان فائرنگ ڪري قتل ڪيو جڏهن ته جوابدار گهر ۾ قرآن پڻ ڪٿي ۽ آسانيءَ سان فرار ٿي ويا. واقعي بعد پوليس ڇهه جوابدارن شعيب ڪولاچي، ڪاشف ڪولاچي، روشن ڪولاچي، ضمير ڪولاچي، فيصل ڪولاچي ۽ مقتول جي زال آسيا کي گرفتار ڪيو پر قتل ۾ ملوث ۽ مرڪزي جوابدار ابرار ڪولاچي ۽ سليم ڪولاچي اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن.مظاهرين پوليس تي الزام لڳائيندي چيو ته هو انصاف فراهم ڪرڻ بدران مبينا طور رشوت طلب ڪري رهي آهي هنن چيف جسٽس آف پاڪستان، وزيراعليٰ سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ريجن ايس ايس پي گهوٽڪي ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته قتل ۾ ملوث مرڪزي جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون موجب سزا ڏني وڃي.

بقايا 25 مطالبو

اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ٿيل زيادتين جو ازالو ڪيو وڃي.

بقايا 26 عورتون زخمي

ماڻهن سان زميني تڪرار هلندڙ آهي جنهن جو فيصلو پڻ رکيل آهي. هن الزام هنيو ته اڄ صبح مخالف ڌر جا اختيار سومرو اياز سومرو گل محمد عبدالفتاح سومرو ۽ جتوئي برادري جا هزارو جتوئي ۽ حنيف جتوئي گڏجي سندن گهرن تي حملو ڪيو ۽ عورتن کي زخمي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته واقعي جي رپورٽ پنوعاقل ٿاڻي تي درج ڪرائي وئي آهي ۽ جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 27 ضابطگيون ظاهر

جتي صفائي سيڪيورٽي ايمرجنسي ۽ رڪارڊ درست نه هجڻ ۽ سنڌس ڪم ۾ سنگين بي ضابطگيون سامهون آيون جنهن تي ڊائريڪٽر پاران صفائي جي خراب صورتحال ايمرجنسي ۾ ڊاڪٽرن جي غيرحاضري، سيڪيورٽي انتظام جي کوٽ ۽ دوائن جي غلط ورهاست تي سخت ناراضگي جو ظاهر ڪيو

بقايا 28 انڪشاف

مفت سرڪاري دوائون جن تي حق غريب، بي پهچ ۽ لاچار ماڻهن جو هوندو آهي مليل ڄاڻ موجب اهي دوائون سرڪاري اسٽورن تي موجود سرڪاري عملي جي مبينا ملي ڀڳت جي ڪري اهي (Not sail) دوائون ڪوٽڙي جي مختلف علائقن جهڙوڪ بهار ڪالوني، خدا جي بستي ۽ ٻين علائقن ۾ وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف ٿيو آهي جنهن جي ڪري عوام ۾ سخت ڪاوڙ وارو ماحول پيدا ٿي ويو آهي ٻئي طرف ڪوٽڙي جي سياسي سماجي اڳواڻ عبدالستار لهر ۽ ٻين جو چوڻ هو ته سرڪاري دوائون پرائيويٽ اسٽورن تي وڪرو ٿيڻ هڪ انتهائي گنڀير ۽ افسوسناڪ عمل آهي ڪوٽڙي سائيٽ ۾ دوائون پرائيويٽ اسٽورن تي ڪيڻ جو عمل تمام خراب عمل آهي جيڪو نه صرف قانون جي ڀڃڪڙي آهي پر غريب مريضن جي حقن تي به ڌاڙو آهي حڪومت طرفان اسپتالن لاءِ مهيا ڪيل دوائون عوام کي مفت ڏيڻ لاءِ هونديون آهن پر انهن جو غيرقانوني طور مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيڻ ڪرپشن نااهلي ۽ نظام جي ناڪامي آهي ۽ انتظاميا تي سوال آهي ته آخر ڪار آهي دوائون ڪٿين ٿو وڪرو ٿين انهن ۾ ڀڪ وڏن ڪردارن جو هٿ هوندوڏاهڙي عمل سبب غريب مريض علاج کان محروم ٿي وڃن ٿا، جڏهن ته ڪجهه بااثر ماڻهو ان مان ناجائز منافعو ڪمائن ٿا لاڳاپيل اختيارين کي سختي سان نوٽيس وٺي، ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ۽ صحت جي نظام کي شفاف بڻايو وڃي پاڪستان نوجوان تحريڪ مطالبو ڪري ٿو ته

بقايا 29 ڏنڊ جي سزا

قيد ۽ 50 .50 هزار روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي جوابدارن کي ڊسٽرڪٽ جيل سانگهڙ حوالي جو حڪم ڏنو فريادي پاران ڪيس جي پيروي وڪيل سروڻ ڪمار پيل محمد خان پيرزادو ڪئي پئي.

بقايا 30 ورسي تقريب

خاندان جي طرفان ملهائي وئي ورسي تقريب ۾ استادن صحافين اديبن ليکڪن ۽ فنڪارن سلامت سهراب رحب علي حميد راڄپر برڪت سمون رياض علي سمون آصف ٻانبڻ نثار سهتو پنهل ماروازي رياض علي سمون ڪوڙل خاصخيلي غلام علي عامر شڪيل احمد شيخ ناصر ناصر ٻنڪار ۽ علمي ادبي شخصيت محمد نواز ٻٽي سميت وڏي تعداد ۾ عوام شرڪت ڪئي ان موقعي تي مرحوم رسول بخش راڄ شيخ جي خدمتن تي روشني وڌي وئي جڏهن ته محفل سجو ڏينهن جاري رهي.

بقايا 31 آپگهات

هنڌ پهچي لاش کي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال ملي آندو ويو. ملي پوليس موجب واقعي جا ڪارڻ معلوم ٿي نه سگهيا آهن ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 32 اهم اجلاس

تفصيلي بريفنگ ڏني. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي بريفنگ جو جائزو وٺندي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري

بقايا 33 هدايتون

ترقياتي منصوبن کي مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ ۽ عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائڻ هو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل پبلڪ هيلٿ ۽ ريونيو آفيسرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته لينڊ ايڪيوزيشن سان لاڳاپيل سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري منصوبن کي جلد مڪمل ڪيو وڃي ، هن واضح ڪيو ته ترقياتي ڪمن ۾ ڪنهن به قسم جي سست رفتاري، لاپرواهي يا غفلت هرگز برداشت نه ڪئي ويندي. ڊپٽي ڪمشنر ايڪسيئن پبلڪ هيلٿ کان ضلعي ۾ جاري واٽر سپلائي ۽ ڊرينيج اسڪيمن بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ورتي ۽ هدايت ڪئي ته ڪم جي معيار سان گڏ رفتار تي به خاص ڌيان ڏنو وڃي.

بقايا 34 سرچارج لاڳو

ايس پي ايس) هڪ هفتي ۾ 170 ملين کان وڌيڪ پارسل پهچائي ٿي جڏهن ته ٻين پوسٽل سروسز اڳ ئي گهٽو اڳ اضافي سرچارج لاڳو ڪري چڪيون هيون آها واڌ ٻين ڪمپنين جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي جن هن مدي ۾ 33 سيڪڙو سرچارج لاڳو ڪيو آهي

بقايا 35 کوهه فعال

ٽيڪنالاجي کي هٿي قرار ڏنو پيو وڃي جيڪو پاڪستان کي توانائي جي ميدان ۾ پاڻ ڀرو ٿيڻ طرف وٺي وڃي رهيو آهي سنڌ جي شهر حيدرآباد مان 13 کوهن مان تيل جي پيداوار جي شروعات ٿي چڪي آهي، جيڪا روزانو اٽڪل 460 بيرل تيل جي پيداوار آهي اهو ملڪ لاءِ ذڪر جوڳو اضافو آهي فني اعتبار سان ان کوهه کي 2966 ميٽر اونهائي تائين کوٽيو ويو آهي جنهن ۾ 546 ميٽر جو معاانهين وارو حصو شامل آهي (اي ايس پي) ٽيڪنالاجي جي استعمال سان ان کوهه جي ڪارڪردگي کي روايتي کوهن جي ڀيٽ ۾ اٽڪل ٽيڻ تي وڌايو ويو آهي

بقايا 36 گهٽتائي رڪارڊ

ارب ڊالر رڪارڊ ڪيو ويو جيڪو گذريل مالي سال جي ساڳي مدي جي ڀيٽ ۾ 7.02 سيڪڙو وڌيڪ آهي گذريل مالي سال جي ساڳي مدي ۾ ملڪي آمدني واپار تي مال برداري ۽ انشورنس خرچن جو ڳاٽيلو 1.193 ارب ڊالر رڪارڊ ڪيو ويو هو

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پراونشل هاءِ ويز ڊويزن، ڄامشورو

No. TC/G-55/ 691 / 2026
Dated: 25 / 03 / 2026

تصحيح

"هن آفيس جي نوٽيس نمبر TC/G-55/612/2026 تاريخ 04-03-2026 تحت جاري ڪيل RFP۾ ڪم جي وضاحت ۽ اهليت جا معيار، جيڪي اهم اخبارن ۾ شايع ڪيا ويا ۽ EPADSسسٽم تي اپلوڊ ڪيا ويا، انهن ۾ هتي درستگي ڪئي وڃي ٿي ۽ هيٺين ريت پڙهيا وڃن:"

پڙهيو وڃي	جي بدران
سيريل نمبر 01. "صلاحڪاري خدمتون براءِ ڊيزائن ۽ ڊرائنگ ۽ ٻن (02) پري_اسٽريسڊ پلن جي تفصيلي نگراني. اسڪيم: انڊس هاءِ وي کان گريٽ فورٽ رني ڪوٽ تائين مير ڪوٽ تائين روڊ جي ويڪروڊائڻ/بحالي، جنهن ۾ ميل 0/0 کان 20/4 تائين (33.00 ڪلوميٽر) نوان ۽ باقي رهيل پري_اسٽريسڊ پلن جا ڪم شامل آهن (ڊرائنگ، ڊيزائن ۽ نگراني)" PC-I جي منظور ٿيل قيمت: PC-I جي قيمت: 200 ملين روپيا (صرف ٻن پلن لاءِ) اضافي دائره ڪار:(Additional Scope) ڪنسلٽنٽ کي PC-I جي نظرثاني پڻ ڪرڻي پوندي، جنهن ۾ مقدار جو بيهر اندازو، اپڊيٽ ڪيل ريٽ اينالائسز، نظرثاني ٿيل لاڳت جو اندازو ۽ ٻيهر منظوري جي عمل ۾ مدد شامل آهي.	سيريل نمبر 01. "صلاحڪاري خدمتون براءِ ڊيزائن ۽ ڊرائنگ ۽ تفصيلي نگراني. اسڪيم: انڊس هاءِ وي کان گريٽ فورٽ رني ڪوٽ تائين مير ڪوٽ تائين روڊ جي ويڪروڊائڻ/بحالي، جنهن ۾ ميل 0/0 کان 20/4 تائين (33.00 ڪلوميٽر) نوان ۽ باقي رهيل پري_اسٽريسڊ پلن جا ڪم شامل آهن (ڊرائنگ، ڊيزائن ۽ نگراني)" PC-I جي منظور ٿيل قيمت50.067 : ملين روپيا
اهليت جو معيار:(PEC Codes) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان هيٺ ڏنل سروس ڪوڊز ۽ پروجيڪٽ پروفائل ڪوڊز ۾ صحيح رجسٽريشن: سروس ڪوڊز 0546 ,0544 ,0543 ,0532 ,0518 ,0511 ,505 ,504: ۽ 0548 پروجيڪٽ پروفائل ڪوڊز: (Highway & Bridges) 1215(ii)	اهليت جو معيار:(PEC Codes) پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان صحيح رجسٽريشن ۽ پروجيڪٽ پروفائل ڪوڊز 504, 505, 0511, 0518, 0532, 0543, 0544, 0546 ۽ 0548 هجن

نظرثاني ٿيل RFP، SPPRA جي ويب سائيٽ /http://portalsindh.eprocure.gov.pk تان سڌو سنئون ڊائون لوڊ ڪرڻ لاءِ دستياب هوندو. جڏهن ته RFP جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ 06/04/2026 صبح 10:30 وڳي تائين وڌائي وئي آهي ايڊريس: آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پراونشل هاءِ ويز ڊويزن ڄامشورو، ويجهو نادرا آفيس ڪوٽڙي ايٽ ڄامشورو.

RFP ساڳئي ڏينهن 06/04/2026 تي صبح 11:00 وڳي کوليا ويندا.

ٻي ڪوشش (IInd Attempt) جو شيڊول:

ان جوابيل ۽ رد ٿيل پروپوزلز لاءِ RFP کولڻ جو شيڊول هن ريت هوندو:ـ

ٻي ڪوشش لاءِ RFP 21/04/2026 تي صبح 10:30 وڳي تائين وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن صبح 11:00 وڳي کوليا ويندا.

ٻيا سڀ شرط ۽ ضابطا ساڳيا رهندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل هاءِ ويز ڊويزن،
ڄامشورو

WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1231/2026

اطلاع عام

پاران منقوله عابده سلطانه /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم زبيده بيگم شناختي ڪارڊ نمبر 4200004802040 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. شابنه بيگم (ڌيءَ) 2. عابده سلطانه (ڌيءَ) 3. محمد شاهد علي (پٽ) 4. زاهده علي (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله محمد علي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نسرين اختر شناختي ڪارڊ نمبر 4420340841558 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ڪائنات اسلم (ڌيءَ) 2. محمد ارسلان (پٽ) 3. سلميٰ بي بي (ڌيءَ) 4. محمد علي (پٽ) 5. دعا اسلم (ڌيءَ) 6. محمد بلال (پٽ) 7. احمد علي (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA SANGHAR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقوله فراز بقائي /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شبنه رانا شناختي ڪارڊ نمبر 3520254040850 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ساره احمد (ڌيءَ) 2. فراز بقائي (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA DSFU ABBOTROAD LAHORE

اطلاع عام

پاران منقوله گل شاد بيگم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم مشتاق احمد ويره شناختي ڪارڊ نمبر 4230109521563 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ىما عرفان (ڌيءَ) 2. گل شاد بيگم (زوج) 3. ناصر مشتاق ويره (پٽ) 4. نجيب مشتاق ويره (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA CLIFTON-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله خالد خان /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم طاهره شناختي ڪارڊ نمبر 4110516551416 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. حليمان (پٽ) 2. فريد (پيءُ) 3. افروز (پٽ) 4. خالد خان (پيءُ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA TALHAR ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقوله مظفر الله /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم تاج بي بي شناختي ڪارڊ نمبر 4340705654752 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سنيتا (ڌيءَ) 2. اورنگ زيب (پٽ) 3. شفيع الله (پٽ) 4. ظفر الله (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري

INCHARGE SFU, NADRA WARAH-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله محمد وارث /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شمع پروين شناختي ڪارڊ نمبر 4410370351492 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. سيف علي (پٽ) 2. فضاء وارث (ڌيءَ) 3. مونيز حسين (پٽ) 4. اويس علي (پٽ) 5. محمد وارث (زوج) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA BIG CENTER EAST ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقوله ناديه /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم شوڪت حسين بهرواني شناختي ڪارڊ نمبر 4200003933283 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ناديه (ڌيءَ) 2. ظهير عباس (پٽ) 3. زڪيه خاتون (زوج) 4. روبيشه حميد دهراني (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله محمد علي حڪيم /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم زاهد آفاق حڪيم شناختي ڪارڊ نمبر 4210118942189 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. محمد علي حڪيم (پٽ) 2. بتول زهرا (ڌيءَ) 3. نازش فاطمه رضوي (ڌيءَ) 4. غزاله زاهد (زوج) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله تاج محمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم ابوبڪر شناختي ڪارڊ نمبر 4230178867195 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. صابره بانو (زوج) 2. شهناز بانو (ڌيءَ) 3. تاج محمد (پٽ) 4. ناديه (ڌيءَ) 5. ثمرين (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله آفاق احمد شاه /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سيد مختيار احمد شاه شناختي ڪارڊ نمبر 4140930320637 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. فريال گل (ڌيءَ) 2. سعديه گل (ڌيءَ) 3. ياسمين (زوج) 4. آفاق احمد شاه (پٽ) 5. الوينه گل (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA THATTA ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقوله زبير احمد /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم فرحت اقبال شناختي ڪارڊ نمبر 4210117025214 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. قرة العين سليم (ڌيءَ) 2. زبير احمد (پٽ) 3. ڪليم عزيز احمد (پٽ) 4. عمير احمد (پٽ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ KARACHI EAST-SFU

اطلاع عام

پاران منقوله مسمات صبحان خاتون /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم منظور احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4510162915945 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. مختيار احمد (پٽ) 2. منصور احمد (پٽ) 3. رخسانه (ڌيءَ) 4. مقصود احمد (پٽ) 5. مشتاق احمد (پٽ) 6. شازيه (ڌيءَ) 7. مسمات صبحان خاتون (زوج) 8. ماني ريحانه (ڌيءَ) 9. ماني فرزانه (ڌيءَ) 10. رضوانه (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA EXECUTIVE DHARKI ONEAPP

اطلاع عام

پاران منقوله محمد جميل /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم محمد يعقوب شناختي ڪارڊ نمبر 4210157392943 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. قرة العين رؤف (ڌيءَ) 2. سلمان (پٽ) 3. محمد جميل (پٽ) 4. محمد فيضان (پٽ) 5. مريم بي بي (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام

پاران منقوله بشيران خاتون /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم نگهو خان شناختي ڪارڊ نمبر 4120475105833 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. صبا خانم (ڌيءَ) 2. اويس خان (پٽ) 3. انس خان (پٽ) 4. آصف خان (پٽ) 5. بشيران خاتون (زوج) 6. رابعه خانم (ڌيءَ) 7. حنا خانم (ڌيءَ) 8. صوبيه خانم (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA KOTRI

اطلاع عام

پاران منقوله احمد سلمان منير /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عنبرين سلمان منير شناختي ڪارڊ نمبر 3520190326718 درخواست وصول ٿي آهي. جاڻايل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. احمد سلمان منير (زوج) 2. شازيه سلمان منير (ڌيءَ) 3. زرمينه ايم علي خان (ڌيءَ) 4. عليزه منير (ڌيءَ) جيئن ته هن درخواست ۽ عوام الناس کي اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هن درخواست بابت ڪنهن کي ڪوبه عذر هجي ته هن نوٽيس جي ڇپجڻ جي (14) ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ حاضر ٿي عذر داخل ڪري.

INCHARGE SFU, NADRA CLIFTON-DSFU

URAAN PAKISTAN
PID(I)7856/25

ڪنڊڪوٽ گم ٿيل معصوم نينگر جو گهر پويان لاش هٿ، گهر ۾ ڪهرام

ست ورهين جو ذاڪر ٽي ڏينهن اڳ گم ٿيو، گهر پويان ڳولا دوران لاش هٿ آيو

معصوم ذاڪر گهر جي ڇت تي راند ڪندي هيٺ ڪري فوت ٿيو آهي: پوليس

ڪارروائي ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي والدين صدمي ۾ بيهوش

ڪنڊڪوٽ (د ر) ڪنڊڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڊي سي آفيس جي سامهون ست سالن جو معصوم ذاڪ پٽ عبدالجبا ميراڻي جيڪ ڪي ڏينهن اڳ پراسرار نمون گم ٿي وي جنهن لاءِ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ نوجوان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ ملاعلي ۾ جڳهه جي ڪم دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب عالم مهيسر فوت ٿي ويو

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل پرسان ڳوٺ ملاعلي ۾ جڳهه جي ڪم دوران 11 هزار وولٽيج بجلي جي تارن جو ڪرنٽ لڳڻ سبب 30 ورهين جو نوجوان عالم پٽ جان محمد مهيسر فوت ٿي ويو.

سکر: سينيئر صحافي جلال الدين پيرو جي ياد ۾ ريفرنس کي صحافي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ڄامشورو ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

ملازمن يونيورسٽي جي مک گيٽ اڳيان انتظاميا جو گهيرو تنگ ڪندي ڌرڻو هنيو

جيستائين اسان کي ليوانڪيشمينٽ نه ملندي اسان جو احتجاج جاري رهندو: ملازمين

ڄامشورو (د ر) ڄامشورو مهراڻ يونيورسٽي جي پورهيت ملازمن طرفان عيد ليوانڪيشمينٽ لاءِ احتجاجي تحريڪ کي تيز ڪري ڇڏي آهي انتظاميا طرفان ڊٽل بيسڪ پگهار جاري ڪرڻ خلاف ملازم مجبور ٿي پيا ميوا جي سڏ تي ڪيترن ئي ملازمن احتجاجن پوائنٽ بسن مان لهي پيا يونيورسٽي جي مک گيٽ اڳيان انتظاميا جو گهيرو تنگ ڪندي ڌرڻو هنيو ويو ليوانڪيشمينٽ لاءِ ڇتي نعريبازي ڪندي اي سي تو اڳيان ڌرڻو هنيو ويو آن موقعي تي ملازم اڳواڻ ميوا اڳواڻ ممتاز ڪلهوڙ شهاب رانجهاڻي قادر برفت ڪريم چانگ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪيرو جي جت برادري جي پراڻي تڪرار تان هٿياربند جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال داخل

ڪيرو(ن ع) ڪيرو جي پراڻي بس اڏي جي علائقي ۾ موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن موٽرسائيڪل تي ويندڙ پيپلز ڪيرو سٽي جو نائب صدر سليم جت کي لٺين هٽي ڪيرائڻ بعد مٿس پسٽل سان فائرنگ ڪري زخمي ڪرڻ بعد موقعي تان فرار ٿي ويا زخمي کي فوري طور ڪيرو جي تعلقي اسپتال آندو ويو جتان ڪيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: زخمي شخص کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

ڪورنگي جي صحافين کي فوري سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي: سکر يونين آف جرنلسٽس

صحافي اسماعيل، ڏٿي بخش ۽ عظيم باريجو جي گهرن حملي جي مذمت ڪريون ٿا

حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس پاران اعلانيل احتجاجي بک هڙتال جي مڪمل حمايت ڪريون ٿا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر يونين آف جرنلسٽس جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اجلاس ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس طرفان ڪورنگي جي صحافين کي پيش ايندڙ سنگين خطن حراسان ڪرڻ ۽ قتل جي ڌمڪين واري معاملي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ متفقه طور انهن واقعن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ان کي صحافتي آزادي تي حملو قرار ڏنو ويو. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو ته ڪورنگي ۾ پيش آيل هڪ مقامي تڪرار کي ڪجهه ماڻهن طرفان ڄاڻي واڻي صحافين خلاف استعمال بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

باڊهه ۾ گاڏهي ۽ پنهور برادري جي پراڻي ڪارهن تڪرار تان فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو

پٽي چوڪ پرسان هٿياربندن 35 ورهين جي وزير علي پنهور کي گولين هڻي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

زخمي کي اسپتال نيو پئي ويو ته رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڌڻي حوالي ڪيو

ٻه سال اڳ گاڏهي برادري پاران زوهيب پنهور کي قتل ڪيو، اڄ سندس ڀاءُ کي قتل ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي: وارث

باڊهه (ن ع) باڊهه ۾ گاڏهي ۽ پنهور برادري وچ ۾ گذريل ٻن سالن کان هلندڙ تڪرار وڌي ويو گاڏهي برادري جي فائرنگ ۾ ٻه سال اڳ قتل ٿيل مقتول شعيب پنهور جو وڏو ڀاءُ سندس ڪيس جو فريادي 35 سالا وزير علي پنهور به گاڏهين هٿان قتل ٿي ويو واقعي بعد پنهور برادري پاران باڊهه ٿاڻي اڳيان لاش رکي ٻاهر ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو مظاهرين بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

باڊهه: پنهور برادري پاران قاتلن جي گرفتاري لاءِ ٽائر ساڙي احتجاج ڪيو پيو وڃي

خيرپور جي ڳوٺ ٻچل پنهور جو بنيادي صحت مرڪز زبون حالي جو شڪار، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

خيرپور(د ر) ڳوٺ بچل پنهور جو بنيادي صحت مرڪز ٻوڏ سبب سخت متاثر ٿيو هو عمارت کي وڏو نقصان پهتو ۽ مرڪز جي چارديواري به ڪري پئي هئي ان باوجود، لاڳاپيل عملدارن اڃا تائين هن مسئلي تي ڪو به قدم نه کنيو آهي ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن عبدالغفار پنهور، محمد صالح پنهور، غلام علي سورڪانوري، حاجي محمد يوسف ڪانوري، نديم احمد پنهور ۽ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

سکر پريس ڪلب ۾ صحافي جلال الدين پيرو جي ايصال ثواب لاءِ تعزيتي ميڙاڪو، لفظن جي ڀيٽا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب ۽ سکر يونين آف جرنلسٽس جي سرپرستي هيٺ، سينئر صحافي اڳواڻ، سکر يونين آف جرنلسٽس جي سرگرم ميمبر ۽ صحافتي حلقن ۾ هڪ معزز نالو مرحوم جلال الدين پيرو جي روح جي ايصال ثواب لاءِ تعزيتي ريفرنس، قرآن خواني ۽ خيرات جو انتظام ڪيو ويو تقريب ۾ مرحوم جي درجن جي بلندي لاءِ خاص دعا گهري وئي جڏهن ته شرڪت ڪندڙن سندس صحافتي خدمتن ۽ جدوجهد کي شاندار لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيو ان موقعي تي پي ايف يو جي مرڪزي اڳواڻ ۽ فنانس سيڪريٽري، ليڊر بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڦبوسعيدخان ۾ جي يو آءِ پاران ڪڻڪ جي اگهن ۽ صحت جي سهولتن لاءِ احتجاجي ڌرڻو

ڪارڪنن مولانا عذير گل مغيري ، عبدالرحيم ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شهيد راڻي چوڪ تي ڌرڻو هنيو

جديد دور ۾ اسان جي شهر جي رورل هيلٿ سينٽر ۾ دوائين ۽ ڊاڪٽرن جي کوٽ لڳي پئي آهي: مظاهرين

ڪڻڪ جا ريٽ گهٽائيندڙ معافيا خلاف ڪارروائي ڪري رورل سينٽر ۾ صحت جون سهولتون مهيا ڪيون وڃن

ڦبوسعيدخان (ن ع) ڦبوسعيدخان ۾ رورل هيلٿ سينٽر ۾ بنيادي سهولتون نه هئڻ ۽ ڪڻڪ جي ريٽ صحيح نه ملڻ خلاف جميعت علماءِ اسلام جي ضلعي امير مولانا عذير گل مغيري ، جميعت تعلقه بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

او جي ڊي سي جو خيرپور سنڌ مان گئس جي اهم دريافت جو اعلان

سهڻو-1 کوهه روزانو 17.2 ملين معياري ڪيوبڪ فوٽ گئس پيدا ڪري رهيو آهي: او جي ڊي سي ترجمان

اميد آهي ته هي دريافت ملڪ ۾ وڌندڙ توانائي بحران کي گهٽائيندي

اسلام آباد(پ ر) آئل اينڊ گئس ڊولپمينٽ ڪمپني لميٽيڊ (او جي ڊي سي) سنڌ صوبي جي خيرپور ضلعي ۾ ايڪسپلوريشن لائسنس تحت سهڻو-1 کوهه مان گئس جي هڪ اهم دريافت جو اعلان ڪيو آهي تفصيل موجب، وائر لائن لاگ انٽرپريٽيشن جي نتيجن جي بنياد تي، لوئر گورو فارميشن (ميسيو سينڊ) جي واريءَ جي تهن کي ڊرل اسٽيم ٽيسٽنگ ذريعي جانچيو ويو جنهن مان 17.2 ملين معياري ڪيوبڪ فوٽ في ڏينهن گئس ملي کوهه ۾ 32/64 انچ چوڪ سائيز سان 3,390 پائونڊ في چورس انچ جو ويل هيڊ فلونگ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

خيرپور: او جي ڊي سي ايل پاران سهڻو هڪ کوهه جي کوٽائي ڪئي پئي وڃي

نئون آباد ۾ ايس ٽي پي تعلقي جو اجلاس، اتفاق راءِ سان باڊي چونڊي وئي

نئون آباد (ن ع) اجلاس دوران مختلف عهدن لاءِ نامزدگيون پيش ڪيون ويون جن کي شرڪت ڪندڙن جي اتفاق راءِ سان منظور ڪيو ويو. چونڊيل باڊي ۾ سائين بخش راڄپر کي تعلقي صدر امر لال معراج کي نائب صدر دين محمد مهر کي جنرل سيڪريٽري، مدد علي مهر کي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ٽائون چيئرمين حاجي نواز بروهي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪورنگي سائيٽ عوام جي لاءِ ايندڙ مفت سرڪاري دوائون پرائيويٽ اسٽورن تي وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف

ناٽ فار سيل لکيل دوائون شهر جي مختلف علائقن ۾ سرعام وڪرو ٿيڻ لڳيون

رهواسين پاران اعليٰ عملدارن کان ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ۽ صحت جي نظام کي شفاف بڻائڻ جو مطالبو

ڪورنگي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪورنگي سائيٽ عوام جي لاءِ ايندڙ مفت سرڪاري دوائون پرائيويٽ اسٽورن تي وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف . خبر موجب سرڪاري اسپتالن ۾ ايندڙ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪيرو جي عدالت پاران 6 جوابدارن تي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي قيد ۽ ڏنڊ جي سزا

ڪيرو(ن ع) ايڊيشنل اينڊ سيشن جج ڪيرو فائق علي پٺاڻ ڪيرو لڳ ڳوٺ ڪانيو ڏڙو ۾ هڪ سال اڳ ميگهواڙ برادري جي گهر تي حملو ڪري گهر ڌڻي سميڙو سندس زال شريمتي اسڪو ۽ ٻن پٽن کي زخمي ڪرڻ واري واقعي جي ڪيرو ٿاڻي تي داخل ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 6 جوابدارن امير بخش هنگورو، سليم رجب، محمد خان شهمير ۽ ڳاڳن هنگورو کي 5 5 سال بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

پورهيت مزاحمت تحريڪ

مسوڀرڳڙي: پورهيت مزاحمت تحريڪ پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

محرابپور پرسان نامياري ليکڪ رسول بخش راز شيخ جي ورسي تقريب

محرابپور (ت ر) محرابپور پرسان قديمي درگاهه پير انڙ تي سنڌ جي نالي واري تعليمي ماهر اديب شاعر ليکڪ رسول بخش راز شيخ جي ورسي تقريب ٿي تقريب جو اهتمام پرنسپل گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول جي پرنسپل ۽ سندس فرزند تعليمي ماهر ضمير حسين شيخ ۽ سندس بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

مٺي ويجهو ڳوٺ لوٺيار ۾ هڪ نوجوان آپگهات ڪري ڇڏيو

مٺي (د-ر) ٿر ۾ خودڪشين جو رجحان رڪجي نه سگهيو ۽ ڪالهه به مٺي ويجهو ڳ1وٺ لوٺيار ۾ هڪ نوجوان نالي لالو ولد اسلم سانڊ پنهنجي گهر اندر بيٺل وڻ ۾ رسو وجهي خودڪشي ڪري پنهنجي زندگي جو ڏيئو وسائي ڇڏيو. اطلاع ملڻ تي مٺي پوليس واقعي واري بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

منگهوپير ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جو اهم اجلاس

جاري توڙي مجوزه ترقياتي منصوبن تي تفصيلي غور ويچار

چيئرمين کي رين ايمرجنسي بابت ڪيل انتظامن تي تفصيلي بريفنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي صدارت هيٺ هڪ نهايت اهم ۽ جامع اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ امڪاني برساتن جي پيش نظر رين ايمرجنسي جي موثر انتظامن ۽ جاري توڙي مجوزه ترقياتي منصوبن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. اجلاس دوران سمورن شعبن جي آفيسرن پنهنجي ڪارڪردگي، جاري ترقياتي اسڪيمن ۽ خاص طور تي رين ايمرجنسي بابت ڪيل انتظامن تي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڊي سي ڄامشورو پاران ضلعي ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن کي وقت سر مڪمل ڪرڻ جون هدايتون

ڄامشورو (د ر) ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ڊي سي آفيس ۾ لينڊ ايڪيوزيشن، ڊرينيج ۽ واٽر سپلائي اسڪيمن بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ضلعي اندر پبلڪ هيلٿ جي جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس جو مقصد پبلڪ هيلٿ جي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پشاور: ڪبوتر چوڪ ويجهو هڪ نوجوان شادي جي ڪار سينگاري رهيو آهي

حيدرآباد: قاسم چوڪ ويجهو هڪ نوجوان ٻارڙن جون جانورن جي مجسمن آڏو تصويرون وٺي رهيو آهي

ڀرياسٽي واسي سماجي ڪارڪن غربت کان تنگ اچي آپگهات ڪري ڇڏيو

مشتاق احمد لوهاچ زهريليون گوريون کائي آپگهات جي ڪوشش ڪئي

وارث ڪيس کڻائي اسپتال وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ دم ڌڻي حوالي ڪيو

ڀرياسٽي (ن ع) ڀرياسٽي پرسان ڳوٺ فضل محمد لوهاچ ۾ سماجي ڪارڪن مشتاق لوهاچ (آزاد اتحادي) مبينا طور ڪڻڪ واريون گوريون کائي ڇڏيون وارث ڪيس نواب شاهه اسپتال کڻائي نيو ويو ته هن رستي ۾ دم ڏنو پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو مشتاق لوهاچ سرگرم سماجي ڪارڪن ۽ پيشي جي لحاظ کان پاڪ ايران جي بارڊر ويجهو ڪيلر ماسٽر جو ڪم ڪندو هو عيد تي اباڻي ڳوٺ آيل هو ۽ علائقي ۾ هڪ سرگرم سماجي ڪارڪن طور پڻ سڃاتو ويندو هو. مقامي ماڻهن موجب هو غريبن جو همدرد ۽ مددگار انسان هو ذريعن بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

اسان کي انهن ماڻهن جي ضرورت آهي جن کي سنڌ جي چنتا هجي: اياز لطيف

ڪوبه اهڙو سرڪاري کاتو ناهي جنهن ۾ رشوت عيوض ڪا ڀرتي ڪئي وئي هجي

حڪمران اسان جي قوم ۽ ڌرتيءَ جا به دشمن آهن، خدارا اٿو ۽ سنڌ خاطر سوچيو ۽ لوچيو

سڪرنڊ (ن ع) قومي عوامي تحريڪ تعلقه سڪرنڊ پاران " نئين سنڌ جي تعمير " جي سلسلي ۾ مرحبا هال ۾ ليڪچر پروگرام جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي پروگرام ۾ اياز لطيف پليجو ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو رهن ٿا هڪ آهي جيڪي سنڌ کي هوڪا ڏئي ڪياڻي رهيا آهن جيئن ريڙهين تي ڀاڄيون ڪپايون ٿيون وڃن ٻيا آهي ماڻهو جيڪي سنڌ جي وڪري تي خاموش تماشائي بڻيل آهن ٻئي سنڌ لاءِ هاڃيڪار آهن پر اسان کي انهن ماڻهن جي ضرورت بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ: پي ٽي آءِ اڳواڻ لال مالهي ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي تقريب ۾ شريڪ آهي

ٽنڊو آدم ۾ محتسب اعليٰ پاران کلي ڪچهري، عوامي مسئلن جي فوري حل لاءِ هدايتون

ڪچهري ۾ رهواسين مختلف کاتن سان لاڳاپيل مسئلا، شڪايتون ۽ درخواستون پيش ڪيون

عوامي مسئلن جو فوري، شفاف ۽ ميرٽ تي حل يقيني بڻايو وڃي: غلام شبير ميمڻ

ٽنڊوآدم (ن ع) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ سهيل احمد راجپوت (تمغه امتياز) جي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سانگهڙ غلام شبير ميمڻ طرفان شاهه عبداللطيف ميونسپل لائبريري ٽنڊو آدم ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پوليس، بلديه، روينيو ۽ ٻين کاتن سان لاڳاپيل پنهنجا مسئلا، شڪايتون ۽ درخواستون پيش ڪيون ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر غلام شبير ميمڻ شهرين جون شڪايتون غور سان ٻڌيون ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي موقعي تي ئي هدايتون جاري بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس جي آپريشن جي دٻاءَ سبب ٽن ڏوهاري هٿيار ڦٽا ڪري پيش پيا

جوابدار صالح ڦلپوٽو، ديدار ڦلپوٽو ۽ صدام ملاح هٿيار ڦٽا ڪري سرينڊر ڪيو آهي: پوليس

پيش پوندڙ جوابدارن تي ڌاڙا، ڦر ۽ سميت 50 کان وڌيڪ سنگين وارداتن جا ڪيس داخل آهن

خيرپور(د ر) درياءَ سنڌ جي ڪابي ڪناري وارن بيلن ۾ جاري ڪارگيٽيڊ آپريشن جي دٻاءَ هيٺ اچي ٽن خطرناڪ ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪري سرينڊر ڪري ڇڏيو سرينڊر ڪندڙ ڌاڙيلن سان قانون موجب سلوڪ ڪيو ويندو ڊاڪٽر سميع الله سومرو تفصيل موجب درياءَ سنڌ جي ڪابي ڪناري وارن بيلن ۾ جاري ڪارگيٽيڊ آپريشن جي دٻاءَ سبب ٽن انتهائي خطرناڪ ڌاڙيلن هٿيار ڦٽا ڪري سرينڊر ڪري ڇڏيو اها ڳالهه ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو پنهنجي پريس بيان ۾ چئي آهي ايس ايس پي ٻڌايو ته سرينڊر ڪندڙ ڌاڙيلن ۾ صالح ڦلپوٽو بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور شهر مان غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ آپريشن جاري آهي: چيئرمين

پنج گلا چوڪ، فوجداري روڊ، مال روڊ سميت غيرقانوني قبضن کي هٽايو ويندو

ڊي سي ميڻهن جا واڙا شهر کان ٻاهر جلد منتقل ڪرائڻ جو يقين ڏياريو آهي

خيرپور(د ر) خيرپور شهر مان غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ آپريشن جاري پنج گلا چوڪ، فوجداري روڊ، مال روڊ ۽ ڪراچي روڊ سميت ٻين علائقن مان غيرقانوني قابضين کي هٽايو ويندو، جڏهن ته ميڻهن جا واڙا به شهر کان ٻاهر منتقل ڪيا ويندا ڊاڪٽر يار محمد ڦلپوٽو تفصيل موجب ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر يار محمد ڦلپوٽو چيو آهي ته شهر مان غيرقانوني قبضا ختم ڪرائڻ لاءِ آپريشن جاري آهي شهر جي مصروف علائقن پنج گلا چوڪ، شاهي بازار، فوجداري روڊ، مال روڊ، اسٽيشن روڊ ۽ ڪراچي روڊ سميت سڀني هنڌن تان بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: ڊي سي غضنفر قادري گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ جي ترقي ڪجهه ماڻهن کان هضم نه ٿي رهي آهي: جاويد حسين شاهه

پيپلز پارٽي عوام ۾ رهي انهن جا مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي

وڏي وزير جي اڳواڻي ۾ سنڌ حڪومت صوبي ۾ ترقياتي ڪمن جو نيٽ ورڪ وڇايو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سکر ضلعي جي صدر ۽ اڳوڻي ايم پي اي سيد جاويد حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ پيپلز پارٽي جي ڪارڪردگي تي تنقيد ڪندڙ ٻهروپيا پنهنجي کيسي ۾ جهاتي پائين ۽ ٻڌائين ته ڪراچي جي ماڻهن کي ڪنهن چوري ٿيل لاش ڏنا ۽ ڪراچي جو امن ڪنهن تباهه ڪيو اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي رهائشگاهه تي مختلف وفدن سان ڳالهائيندي ۽ صالح پٽ روهڙي تحصيل جي مختلف ڳوٺن ۾ منعقد تنظيمي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي ڪراچي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

شهر جي وڌندڙ ٽريفڪ ۽ رش کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ٽرانسپورٽ اڏن جي منتقلي ضروري آهي: ڊي سي نوابشاهه

نوابشاهه(س ر) نوابشاهه شهر جي ٽرانسپورٽ اڏن کي شهر کان ٻاهر منتقل ڪرڻ جون تياريون سنڌ حڪومت جي هدايتن جي روشني ۾ ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن شهمير خان ڀٽو ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سنڌ ملاح فورم منشيات خلاف آواز اٿاريندڙن سان گڏ آهي: ماجد سڪندر ملاح

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) سنڌ ملاح فورم جو صوبائي صدر ماجد سڪندر ملاح ڄامشورو پريس ڪلب ايٽ ڪوٽڙي پهچي ويو جتي هن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منشيات خلاف هڪ پليٽ فارم تي بيهڻ تي توهان کي جس بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ٽائون ميونسپل چيئرمين گڏاپ طارق بلوچ گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

گيس جي اگهن ۾ واڌ، آمريڪي پوسٽل سروس پاران فيول سرچارج لاڳو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي پوسٽل سروس وچ اوڀر ۾ جاري ايران آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ جي ڪري گيس جي وڌندڙ قيمتن کي نظر ۾ رکندي پهريون ڀيرو 8 سيڪڙو جو عارضي فيول سرچارج لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي برطانوي ميڊيا آمريڪي پوسٽل سروس جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته هن قدمن جو مقصد مارڪيٽ جي حالتن مطابق ترتيب ڏيڻ ۽ مالي دٻاءَ کان سواءِ ملڪ گير خدمتون جاري رکڻ آهي آمريڪي پوسٽل سروس موجب اها واڌ رڳو پيڪيجز تي لاڳو ٿيندي اها واڌ 26 اپريل کان لاڳو ٿيندي ۽ 17 جنوري 2027 تائين جاري رهندي ان کان پوءِ آمريڪي پوسٽل سروس فيصلو ڪندي ته ڇا ٻي ڊگهي مدي جي حل جي ضرورت آهي آمريڪي پوسٽل سروس (يو بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

پاڪستان جو پهريون متانهين سطح وارو تيل جو کوهه فعال

اسلام آباد (اي پي پي)پاڪستان توانائي شعبي ۾ اهم سنگ ميل پار ڪندي او جي ڊي سي ايل ملڪ جو پهريون متانهين سطح وارو تيل وارو کوهه ڪاميابي سان فعال ڪري ڇڏيو آهي جنهن سان مقامي تيل جي پيداوار ۾ نمايان اضافو متوقع آهي ايس آءِ ايف سي اختيارين موجب اهو اهم اڳڀرائي ايس آءِ ايف سي جي پاليسي سهڪار ۽ توانائي جي شعبي ۾ جديد بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

آمدني واپار تي مال برداري ۽ انشورنس خرچ ۾ اضافو، روانگي واپار ۾ گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي)ملڪي آمدني واپار تي مال برداري ۽ انشورنس خرچن جي ڳاڻيٽي ۾ جاري مالي سال دوران اضافو جڏهن ته روانگي واپار ۾ مال برداري خرچن ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي اسٽيٽ بئنڪ جي جاري ڪيل انگن اکرن موجب جاري مالي سال جي شروعاتي 8 مهينن ۾ ملڪي آمدني واپار تي مال برداري ۽ انشورنس خرچن جو ڳاڻيٽو 1.277 بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪوٽ غلام محمد زرعي فارم ۾ گودام جي ڇت ڪرڻ سبب منشي فوت، ٻه زخمي

جهلوري پرسان ڳوٺ چوڌري غلام الدين جي زرعي فارم ۾ گودام جي لوهي ڇت اوچتو ڪري پئي

حادثي جي نتيجي ۾ منشي الله لوڪ دٻجي موقعي تي فوت، مزدور شارخ ۽ طلحه زخمي ٿي پيا

فارم تي موجود ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت فوتي جو لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو

ڪوٽ غلام محمد (ت ر) ڏينگان پوليس اسٽيشن جي حد جهلوري پرسان ڳوٺ چوڌري غلام الدين جي زرعي فارم ۾ قائم گودام جي لوهي ڇت اوچتو ڪرڻ سبب فارم جو منشي الله لوڪ هيٺان دٻجي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

حيسڪو پاران ماتلي ۽ ٽنڊي محمد خان ۾ 11 ڪي وي فيڊرز زيرو لوڊشيڊنگ تي منتقل

1061صارفين کي 24 ڪلاڪ مسلسل بجلي جي سهولت فراهم ڪرڻ جو هدايتون

فيڊرز جي حفاظت ۽ چوري روڪڻ لاءِ ايم او يو ۽ ضابطن تي عمل لازمي قرار

هلندڙ مالي سال دوران 68 وڌيڪ فيڊرز کي زيرو لوڊشيڊنگ ۾ شامل ڪرڻ جو منصوبو

حيدرآباد (پ ر) حيسڪو ترجمان موجب عوام جي مڪمل مدد ۽ خاص طور تي چونڊيل عوامي نمائندن جي مدد سان حيسڪو انتظاميه ڪاميابي سان روشني فراهم ڪرڻ جو پنهنجو سفر جاري رکي رهي آهي ان سلسلي ۾، ماتلي شهر جي 11 ڪي وي چينل فيڊر جي صارفين کي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5



سڪرنڊ: عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

حيدرآباد: حيسڪو چيف فيض الله ڏاهري ملازمن ۾ سٺي ڪارڪردگي جا سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيو آهي

دوڙ شهر ۾ ايڪسائيز ۽ ايف بي آر ٽيم جا ڇاپا، غير قانوني سگريٽ هٿ ڪرڻ جي دعوي

دوڙ (ن ع) دوڙ شهر جي شاهي بازار ۾ سيٺ عرفان جي دڪان تي ايڪسائيز ۽ ايف بي آر جي ٽيم جو ڇاپو غير قانوني (بي اين ڊي)اسٽاڪ هٿ ايڪسائيز اهلڪارن جي چوڻ مطابق 135 سگريٽن جا بنڊل هٿ ڪيا ويا آهن جيڪي غير قانوني ۽ ٽيڪس چوري وڪرو ڪيا پيا وڃن گرفتاري کان اڳ دڪاندار دڪان تان کسڪي ويو

سکر واسڻ جو ڌيءَ جي قتل ۽ مڙس جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

شاهه فيصل ڪالوني واسي مسمات وڏين پريس ڪلب آڏو پاڪ ڪتاب کڻي احتجاج ڪيو

ٻاڙ جوابدار ڌيءَ انصا ملڪ کي قتل ڪيو آهي، پوليس مڙس علي شير ملڪ کي گرفتار ڪيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي گوليمار روڊ تي محلا شاهه فيصل ڪالوني ۾ رهندڙ هڪ عورت پنهنجي نوجوان ڌيءَ جي مبينا قتل ۽ پوليس پاران سندس مڙس جي گرفتاري خلاف سکر پريس ڪلب جي سامهون احتجاج ڪيو جنهن ۾ هن هٿ ۾ قرآن پاڪ کنيو هو احتجاج دوران علي شير ملڪ جي زال مسمات وڏين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سندس ڌيءَ انصا ملڪ گذريل رات پنهنجي ماسي مسمات زينب سان سمهي رهي هئي ته اوچتو امان الله پٽ حبيب الله ملڪ سندس سمهي رهيل ڌيءَ کي گولي هڻي قتل ڪري ڇڏيو انهن چيو بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

مورو مان نوجوان ناري مبينا اغوا، وارثن جو احتجاج، بازياب ڪرائڻ جو مطالبو

مورو (ن ع)مورو شهر جي درس روڊ چوهاڻ ڪالوني مان نوجوان ناري مبينه طور تي اغوا مسمات ماروئي چوهاڻ جي فرياد تي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ويجهو اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو مارجي ويو

ڪچو بنڌي ٽو واري علائقي ۾ پراڻي دشمني تان فائرنگ جي نتيجي ۾ حماد اوڳاهي مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي نوجوان جو لاش کڻائي تعلقي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

گهوٽڪي(رپورٽ: اقبال صديقي)گهوٽڪي ڪچو بنڌي ٽو ۾ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو حماد اوڳاهي مارجي ويو گهوٽڪي جي علائقي ڪچو بنڌي ٽو ۾ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي دشمني تان جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ حماد اوڳاهي مارجي ويو واقعي بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ميرپورماٿيلو واسين جو نوجوان جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج

مظاهرين ديدار ڪولاچي، اسرار وقار، سميع ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

پوليس نوجوان ابرار ڪولاچي جي ڪيس ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) ميرپور ماٿيلو ضلعي گهوٽڪي جا رهواسي ڪولاچي برادري سان لاڳاپيل ماڻهن جي وڏي انگ ديدار ڪولاچي اسرار وقار احمد، سميع ڪولاچي، ڪمال مهر مرڪزي اڳواڻ جيئي سنڌ محاذ، الهي بخش چاچڙ مرڪزي اڳواڻ جيئي سنڌ محاذ، اڪرم ميتلو نظير شيخ ۽ زبير ڪولاچي سميت ٻين جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان مبينا قتل خلاف هٿن ۾ مدعي پلي ڪارڊ ۽ بينر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ نعريبازي ڪئي. مظاهرين جو چوڻ هو ته جائيداد جي تڪرار سبب چار مهينا اڳ نوجوان ابرار ڪولاچي کي سندس بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

بهاولپور: هڪ شخص موٽرسائيڪل تي ايل پي جي گيس سلينڊر کڻي وڃي رهيو آهي

سکر: ميرپورماٿيلو واسي نوجوان جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪندي

محرابپور واسي بيوه جو ڏير جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ڏير الهرکيو نوناري تشدد مارڪٽ ڪري گهر مان بيدخل ڪري ڇڏيو آهي: فريده بانو

جوابدار گهر جو سامان ڪڍي روڊ تي اڇلائي ملڪيت تي قبضو ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

محرابپور (ت-ر) محرابپور ۾ وارڊ نمبر هڪ نوناري پاڙي ۾ ڏيرمبينه تشدد ڪري بيواهه ڀاڄائي کي گهر مان بيدخل ڪري ڇڏيو بيواهه جو احتجاج ان ڏس ۾ نوناري پاڙي جي بيواهه رهواسڻ ناري مسمات فريده بانو زال مرحوم سجاول نوناري ڏير جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته سندس ڏير الهرکيو نوناري تشدد مارڪٽ ڪري گهر مان بيدخل ڪري ڇڏيو آهي ۽ گهر جو سامان ڪڍي روڊ تي اڇلائي ڇڏيو هن چيو ته گهر هوٽل پلاٽ سميت ڪروڙين روپين جي ملڪيت منهنجي سهري رستم نوناري جي آهي جنهن تي ڏير زبردستي قبضو ڪري اسانکي دربدر ڪري ڇڏيو آهي هن ايس ايس پي نوشهروفيروز کي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ويجهو زمين جي مالڪي تان سومرا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٻه عورتون زخمي

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ويجهو ڳوٺ گهريو ۾ زمين جي مالڪي تان سومرا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ مسمات رضيه ۽ سعيدان سومرو زخمي ٿي پيون زخمين کي فوري طور تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي کين طبي امداد فراهم ڪئي وئي آهي. اسپتال آندر الطاف سومرو ۽ نويد سومرو ڏانهيندي ٻڌايو ته سندن پنهنجن بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

صحت کاتي سکر جي ڊائريڪٽر جو راڻي پور اسپتال جو دورو، سنگين بي ضابطگيون ظاهر

ڊاڪٽر نصرالله سومرو سندس ٽيم سان اوچتو اسپتال پهچي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو

دوري دوران صفائي، سيڪيورٽي، ايمرجنسي ۽ رڪارڊ درست نه هجڻ سميت سنگين بي ضابطگيون سامهون آيون

صحت شعبي جي ڪنهن به صورت ۾ ڪا به لاپرواهي ڪمي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي: ڊاڪٽر نصرالله سومرو

راڻيپور(ن ع) راڻي پور جي سرڪاري اسپتال رورل هيلٿ سينٽر تي صحت کاتي سکر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نصرالله سومرو، ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سيد مسرور ضياء ۽ سندس ٽيم طرفان اوچتو دورو ڪيو ويو بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LH-CB-PNP-315631434-2026	SUPPLY OF CARTRIDGE FILTERS FOR AMINE AND GLYCOL UNITS	15.04.2026 AT 1130 HRS
2.	OGDC-SCM-LH-PT-SYSTEM-316270678-2026	RAM AND STORAGE OF SERVERS	16.04.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-LH-CB-SYSTEMS-316257999-2026	SUPPLY OF LAPTOPS	20.04.2026 AT 1130 HRS
4.	OGDC-SCM-LF-PT-ECMP-316421387-2026	HAULAGE TRUCKS	23.04.2026 AT 1130 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **21.02.2026** and **10.03.2026,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LC-PT-RRC-LUBE-RM-314604481-2026	SUPPLY OF LUBRICANTS	02.04.2026 AT 1130 HRS
2.	OGDC-SCM-FA-CB-PANDP-UCH-312817784-2026	METHYL DI ETHANOL AMINE (MDEA)	09.04.2026 AT 1100 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area,
Islamabad, Pakistan.
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 133/53

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.